# طوطو مينا

(مڪمل قصو تصويرن سان سينگاريل)

مترجم

مشتاق "مسرور" باريچو



شاهه لطيف ڪتاب گهر

# طوطو مينا

(مڪمل قصو تصويرن سان سينگاريل)

مترجم

مشتاق "مسرور" باريچو

شاهه لطيف ڪتاب گهر

گاڏي کاتو، حيدرآباد

2010ع

ڪتاب جو نالو: طوطو مينا
مترجم: مشتاق "مسرور" باريچو
نئون سنواريل سڌاريل ڇاپو ڇپرائيندڙ: شاهه لطيف ڪتاب گهر 2010ع
ڪمپوزنگ: رفيق حسين ڪولاچي
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد
ڇپرائيندڙ: شاهه لطيف ڪتاب گهر

قيمت: -/80 رپيا

## اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد
ڀٽائي ڪتاب گهر ـ گاڏي کاتو حيدرآباد، رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو. نيشنل بوڪ ڊيپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو
نوراني بوڪ ڊيپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو، اشرف بڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو، جنيد بوڪ ڊيپو، دادو
مرچو لال بوڪ ڊيپو، بدين، عزيز ڪتاب گهر، ٻراج روڊ، سکر،
الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز، سکر، گل ڪتاب گهر، لکي در، شڪارپور
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس، تهذيب نيوز ايجنسي، پنج گلو، خيرپور
علي گل ڪوسو ميلي وارو، اعجاز مهيسر ميلي وارو
احمد علي مهيسر ميلي وارو

# فهرست


- ٻہ اکر 3

داستان پهريون

- شهزادي گل جو نيلوفر پريءَ تي عاشق ٿي، شهر طفلس ڏانهن وڃڻ 7

داستان ٻيو

- شهزادي گل جو طلسم مان آزاد ٿيڻ ۽ ديون کي قتل ڪرڻ 32

داستان ٽيون

- شهزادي گل ۽ نيلوفر جو قصو 48

داستان چوٿون

- قصو طارق سوداگر جي ڪاميابيءَ جو 65

داستان پنجون

- قصو جهان آرا جو 83

داستان ڇهون

- شهزادي گل جو درويش سميت ڪبوتر ٿيڻ ۽ جهان آرا جي مدد سان آزاد ٿيڻ 97

داستان ستون

- شهزادي گل جو ٽئين طلسم ۾ داخل ٿيڻ 113

# ٻه اکر

سنڌي ٻولي، هڪ وسيع ۽ شاهڪار ٻولي آهي، جنهن ۾ هر موضوع تي وڏي تعداد ۾ ڪتاب موجود آهن. جن ۾ قصن ۽ ڪهاڻين جا وڏا وڏا ڪتاب ٻه موجود آهن. هيءَ ڪتاب ”طوطو مينا“ جي نالي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻي وقت کان پڙهيو ۽ پسند ڪيو ويجي ٿو ۽ هيل تائين ڪيترين ئي ٻولين ۾ ان جا ترجما شايد ٿي چڪا آهن ۽ پسند ٻه ڪيا ويا آهن. هن قصي کي شوق سان پڙهندڙن جو وڏو تعداد اڄ ٻه موجود آهي ۽ اهو ئي سبب آهي، جو هيءَ ڪتاب مختلف ادارن جي زير اهتمام هر سال هزارن جي تعداد ۾ ڇپجي ٿو.

شاهه لطيف ڪتاب گهر ٻه پڙهندڙن جي انهيءَ خواهش جو احترام ڪندي، هن قصي کي ڇپائڻ جو بندوبست ڪيو ۽ هاڻ هي ڪتاب ”طوطو مينا“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ اصل ڪتاب ”باغ و بهار“ تان تصويرون ٻه ڏنيون ويئون آهن ۽ ڪتاب کي خوبصورت ۽ دلچسپي بڻائڻ ۾ وس آهر ڪوشش ڪئي ويئي آهي ۽ اميد آهي ته هيءَ ڪتاب پڙهندڙن کي پسند ايندو ۽ پڙهندڙن پاران اداري جي همت افزائي ۽ حوصله افزائي جاري رکي ويندي، جيئن ادارو وڌ ۾ وڌ ڪتاب شايع ڪري سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪندو رهي.

**شاهه لطيف ڪتاب گهر**
حيدرآباد




## شهزادي گل جو نيلوفر پريءَ تي عاشق ٿيڻ، شهر ”طفلس“ ڏانهن وڃڻ

”وليم“ شهر جي بادشاهي دربار ۾ شاهه فيروز تخت تي ويٺل هو. رات جو وقت هو امير ۽ وزير پنهنجي پنهنجي رتبي مطابق، ڪرسين تي ويٺل هئا. رات چئوطرف پنهنجا پر پکيڙي رهي هئي ۽ شاهي محل ڪي فانوسن ۽ ڏيئن جي روشني جڳ مڳ جرڪائي رهي هئي، پر ان هوندي به محل جي شاهي دروازن ۽ ديوارن مان مايوسي ۽ حسرت ليئا پائيندي نظر اچي رهي هئي، هر ماڻهوءَ تي ماٺ ڇانيل هئي. پريشانيءَ ۽ حسرت جو ماحول هو. ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪو حادثو پيش اچڻ وارو آهي، جنهن کي منهن نه ڏيئي سگهبو. حاذق حڪيم پنهنجا پنهنجا ڪتاب کنيو ڏنڊين آڱريون ڏيو تخت جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺا هئا. بادشاهه جي چهري تي پريشاني چٽي نظر اچي رهي هئي. سندس چهرو بي رونق ۽ ملول هو. انهيءَ حالت ۾ بادشاهه اوچتو آسمان ڏانهن حسرت ڀريل نظرن سان ڏٺو ۽ دل جو حال ٻڌائي چوڻ لڳو: اي مالڪ! شايد منهنجي حياتيءَ جا ڏينهن ايترا هئا، جو طبيب مجبور نظر اچي رهيا آهن.

ايتري ۾ وزير هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيو: عالم پناهه! ايتري نااميدي ۽ مايوسي ڇو آهي؟ ڇا اوهان ”لاتقنطو من الرحمة الله“ کي وساري ڇڏيو آهي.

بادشاهه: استغفرالله! پر صحت جي ڇڱائيءَ جي ڪا صورت نظر نٿي اچي!

وزير: مون اڪثر بزرگن جي واتان ٻڌو آهي ته جيڪڏهن ڪو شخص لاعلاج ٿي وڃي ته کيس سبق آموز قصا ٻڌايا وڃن، ته هو رب پاڪ جي فضل سان شفاياب ٿي ويندو.

بادشاهه: ته پوءِ هڪدم ڪنهن قصه گو کي حاضر ڪيو وڃي.

وزير: باادب ٿي عرض ڪيو ته عاليجاهه! شاهي چڙيا گهر ۾ طوطي ۽ مينا ناليءَ به پکي آهن، جي حضور جن کي بحيثيت تحفي جي آفريڪا کان مليل آهن. حڪم ٿئي ته انهن جا پڃرا حضور جن جي خدمت ۾ حاضر ڪيا وڃن؟

بادشاھ وزير کي مخاطب ٿيندي: مان نہ ٿو سمجھي سگھان تہ اھي پيجرا اوھان مون وٽ ڇو ٿا پيش ڪريو! آءُ پڪي ڇا ڪندس.

وزير عاليجاھ! منھنجي نظر ۾ طوطو ۽ مينا جو جيڪو جوڙو شاھي عجائب خاني ۾ موجود آھي، سي قصي ڪندڙن کان وڏيڪ قصہ گو آھن. ڇو تہ انھن ئي طوطي ۽ مينا جا ڪيل قصا دنيا ۾ مشھور آھن. تنھن ڪري تہ توھان کي سوکڙي طور ڏنا ويا ھئا. پر بادشاھ سلامتؔ جو ڪڏھن اوڏانھن ڌيان ڪونہ ويو۔ ھينئر وقت ضرورت بھتر سمجھي، انھن لاءِ عرض ڪيم؟ وڏيڪ پاڻ مالڪ آھيو.“

بادشاھ: تہ پوءِ ھڪدم حاضر ڪيا وڃن؟

وزير حڪم ملڻ شرط ڇڙيا گھر مان طوطي ۽ مينا جا پيجرا آڻي شاھي تخت اڳيان پيش ڪيا.

مينا، شاھي دربار جو پُر رونق نظارو ڏسي، بادشاھ ڏانھن مُنھن ڪري چيو: افسوس! دنيا ۾ منھنجو ڪوبہ قدردان ڪونھي، اگر قدردانِ ھجي ھا تہ ھن ريت شاھي محل خاني ۾ ايترو عرصو نظربند ڪين ھجان ھا!

طوطي پنھنجن ساون پرن کي ناز مان ڏسي چيو: اي مينا تون پاڻ کي قيد ۾ ٿي سمجھين ڇا؟ ھن کان اڳ کھڙيءَ دنيا ۾ سفر ڪري، لطف حاصل ڪري رھي ھئينءَ؟

مينا: اي ناز وارا! پنھنجي ساون پرن کي ڏسي ناز نہ ڪر. جيڪڏھن منھنجو ڪوبہ قدردان ھجي ھا تہ ”جنت“ کان وڏيڪ پسند ڪري ھا. مگر ڇا ڪريان جو خالق اڪبر مون کي جھالت جي زماني ۾ پيدا ڪيو. جنھن ڪري ڪوبہ ڪونہ ٿو پڇي؟

طوطو ڪاوڙ ۾ اچي ڪيس ڇوڻ لڳو: اي ڪاري ڪنڇي مينا! تون پاڻ کي جنت سان مشابھت ٿي ڏئين، تون تہ ھڪ بدشڪل آھين. اگر ڪو جنت جو نالو ڪٽي تہ پکين جو سردار ”ھدھد“ پکي ڪٽي، جنھن کي حضرت سليمان عليہ السلام پاران شرف حاصل ٿيل آھي؟ باقي جيتري قدر چاھڻ جي ڳالھ آھي تہ ڪجھ ھوش ڪر، توکان وڏيڪ ماڻھو مون کي چاھيندا آھن، ڇو تہ آءُ سندن مرضيءَ متعلق ھر حڪم جي پيروي ڪندڙ آھيان.

اگر مان با اجازت پنھنجي مرشد جو ھڪ راز کولي ظاھر ڪيان تہ ھوند تون ٻُڪَ پاڻيءَ ۾ گوتا کائي ٻڏي مرين، مگر مون کي پنھنجي تعريف پاڻ ڪرڻ جو لاچار ڪونھي، تنھنڪري اجائي تعريف کي تون بہ ڇڏي ڏي.

مينا ڪليل دربار ۾ پنھنجي بيعزتي سمجھي، طوطي کي چيو: اي پاڻ پڏائيندڙ! پنھنجي ٽڪندي ڇھنب تہ ڏس! رڳو پنھنجي واکاڻ پيو ڪرين. اگر شھنشاھ عاليجاھ توسان مناظري ڪرڻ جي اجازت ڏئي تہ آءُ توسان چڱيءَ طرح مقابلو ڪريان.

بادشاھ ٻنھي جي زباني ڏي وَٺُ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کين چيائين: اجايو تڪرار ڇڏيو اوھان جيڪي ڪجھ اڪئين ڏٺو آھي، سو سڀ سھڻي نموني ۽ پيرائتو مون کي ٻڌايو؟

طوطو: اي بدماغ ۽ بڪواس ڪندڙ ڪم ذات، ڪجھ شھنشاھ عالي جاھ جي دربار جو ادب رک! ايتري گستاخ نہ ٿيءُ! تون ماٺ رھ تہ آءُ بادشاھ سلامت جي سامھون ھڪ قصو ڪٽي بيان ڪريان!



طوطي قصو هن طرح بيان ڪيو:

بادشاهہ سلامت اڄ آءٌ اوهان جي حضور ۾ گل شهزادي جو قصو ٿو بيان ڪريان.

مينا: ”جهان پناهہ! مون کان ٻڌو! هن بيڪار ۽ ٻاڙيءَ کي دنيا جي ڪهڙي خبر؟“

بادشاهہ: مينا ٿورو صبر ڪر. نيٺ تنهنجو بہ وارو ايندو.

مينا: عاليجاهہ! آءٌ تہ صبر ڪيان ٿي، مگر هي بي شرم ڪيترو بي حياءُ بڻجي مون کي گهٽ وڌ پيو ڳالهائي، حالانڪہ ”گل“ جو ڪيس شرف حاصل ٿيل ئي ڪونهي.

طوطو: عاليجاهہ! ڏنوَ اجان صبر نٿي ڪري. مان ڇا ڪريان! اجازت ملي تہ آءٌ ان ”شهزادي گل“ جو بيان پيش ڪريان.“

بادشاهہ: مينا صبر ڪري ويهہ تہ طوطي کان ”شهزادي گل“ بابت ڪجهہ ٻڌون. پوءِ تون بہ ٻڌائجانءِ“

## شهزادي جو شڪار لاءِ وڃڻ ۽ پاڻ شڪار ٿيڻ

طوطو بادشاهہ جي حڪم بعد پنهنجو بيان شروع ڪري ٿو:

سبحان الله! ڪهڙي نہ صبح جي سهڻي وڻندڙ گهڙي هئي، جو هر انسان خواهہ پکي، پنهنجن پنهنجين جاين تي ڌڻي تعاليٰ جي ذڪر الاهيءَ ۾ مشغول هئا. ان ساعت ”شهزادي گل“ کي سير ۽ شڪار جو شوق دل ۾ پيدا ٿيو. هن خاوند جي وڏائي جا ڳڻ ڳائي پنهنجن هڪ جيڏن اميرن وزيرن سان صلاح مشورو ڪري، شڪار جو سانباهو ڪيو. سورت فاتح پڙهندا منزل مقصود ڏانهن پئي ويا.

خيالي تصورات جو ماهر طوطي جي زباني ٻڌي، راجا اندر جي دربار مان مليل "گُم سُم" جي ٽوپي پائي، شهزادي گل جي پوئيان گمناميءَ جي پوشاڪ پهري ساڻن گڏ ويندو رهيو.

شهزادي گل سيني کان اڳ اڳ پنهنجو مست گهوڙو ڊوڙائيندو پئي ويو پويان سندس نقش قدم تي قدم بہ قدم امير وزير هلندا ٿي رهيا. تان جو هڪ صحرائي اعظم ۾ اچي وارد ٿيا. ڪين شڪار جو ڪوهين ڏور بہ ڪو پتو ڪونہ پيو. ڏکين منزلن جا ستايل عيش پرست امير، وزير ڏينهن جي باهہ کان بچڻ لاءِ ۽ پياس لاهڻ لاءِ پاڻيءَ جي تلاش ۾ هٽيا ۽ شهزادو شڪار جي شوق ۾ پنهنجي وفادار چوپٽ سان اڳتي قدم وڌائيندو رهيو. تان جو سندس نظر جي حسرتن تي خوشيءَ جا آثار سامهون ويندڙ هرڻ تي پيا. شهزادي ان جي پٺيان بکايل شينهن وانگر گجگوڙ ڪندو گهوڙو ڊوڙايو ۽ وفادار چوپٽ پنهنجي آقا کي اڪيلو ويندو ڏسي، پاڻ کي هوشيار ڪري پنهنجي گهوڙي جي واڳ سندس حوالي ڪري، ڪلهو ڪلهي سان ملائي اڳتي وڌندو رهيو.

هرڻ، ڪجين، جي جڳهتن وٽ اچي غائب ٿي ويو. شهزادي حيرانيءَ ۽ پريشانيءَ مان پنهنجون حسرتي نگاهون چوطرف ڦيري، گهوڙو بيهاري، چوپٽ کي چيو: اي دوست مون کي ڏاڍي اُڄ لڳي آهي، ڪٿان پاڻي آڻي ڏيم.

چوپٽ گهوڙي تان لهي، حاضر سائين ڪري، پنهنجي خالي مشڪ کڻي، پاڻيءَ جي تلاش ۾ انهن ڪجين ڏانهن ويو جتان هڪ شاهي حوض مان آندل مشڪ پاڻيءَ جي ڀري، پٺيءَ پر کڻي شهزادي وٽ حاضر ٿيو. ڪيس پاڻي پياريندي چيائين: سائين "مر... مر... گ... گ... ر!! مگر، مگر!"

گل: چڏ اگر مگر جيڪا ڪرڻي اٿئي سا ڳالھ کڻي ڪر.

چوپٽ پريشانيءَ جي حالت ۾ ڏڪندي هٿ ٻڌي چيو: مون کي ڪجھ چوڻو هو پر توهان پاڻي پي ڍؤ ڪيو تہ پوءِ ڪجھ عرض ڪريان؟

شهزادو: ها مس مس وڃي طبيعت کي قرار آيو آهي. پاڻي کهڙو نہ مٺو ۽ ذائقي دار هو. ها مگر ڦهريائين اهو تہ ٻڌاءِ توکي ڇا عرض ڪرڻو هو.

چوپٽ: اوهان کي ڇا ٻڌايان، بهتر تہ ائين آهي تہ اها ڳالھ مون کان پڇو ئي نہ؟

شهزادو: آخر اهڙي ڪهڙي ڳالھ آهي، جو هونءَ پاڻ ٻڌائين پيو مگر هاڻي مان توپچانءِ تہ نٿائين ٿو.

چوپٽ: آقا ڪا خاص ڳالھ ڪانهي؟

شهزادو: تہ پوءِ ٻڌائين ڇو نٿو انتظار ڇو ٿو ڪرائين؟

چوپٽ: شهزادي جي بيقراري وڌندي ڏسي مجبورن ڪيس چيو: شهزادا سلامت! اهو پاڻي جو اوهان پيتو سو سامهون وارين ڪجين جي اوٽ ۾ هڪڙو شاهي حوض آهي اتان آندم. بيو خير.

شهزادو: چڱو هڪ حصو پورو ڪيئي. هاڻ ٻڌاءِ تہ مگر جي معنيٰ ڇا آهي؟

چوپٽ: حضور! مگر ان حوض ۾ پاڻيءَ اندر ايتري تہ روشنائي نظر آئي، جو ڇا ٻڌايانوَ؟

شهزادو: اڙي بيوقوف! پاڻيءَ اندر روشني وري ڪيئن هوندي، سو بہ وري جهنگ ۾. ڳالھ منهنجي سمجھ کان ٻاهر آهي، پر جي تون چوين ٿو تہ هلي مون کي ڏيکار.

چوپٽ شهزادي کي ساڻ ڪري انهيءَ حوض وٽ اچي ڪيس. ڏيکاريندي چيو: هي آهي اهو حوض!
شهزادي حوض کي چڱي طرح ڏسي چيو: سامهون تہ دري بہ پئي نظر اچي.
چوپٽ: آقا مون کي تہ دري ڏسي ڏڪٽي تي وئي، الائي ڇو!
شهزادو: ڏڪين ڇو ٿو، خير تہ آهي.
چوپٽ آسمان ڏانهن ڏسي چيو: حضور سچ لهڻ تي آهي، تنهنڪري اسان کي واپس هلڻ گهرجي.
شهزادي ڪا گهڙي سوچڻ کان پوءِ جواب ڏنو: ڇڱو تون تيستائين اتي ويٺو رهہ، جيستائين مان اهو اندران اسرار معلوم ڪري اچان؟
چوپٽ: حضور! اهو ڇڱو نٿا ڪريو. بهتر اهو آهي تہ انهيءَ خام خيال کي دل مان ڪڍي ڇڏيو. ڇو تہ اهو مون کي ڪو جادوگري فريب ٿو نظر اچي.
شهزادو: بيشڪ تون سمجهدار، وفادار ۽ واقعي بهادر هم رڪاب دوست آهين! ان ۾ بہ ڪوشڪ ڪونهي تہ تون سچ پيو چوين! پر مان جيستائين اهو راز معلوم نہ ڪندس، تيستائين دل کي فرحت نہ ايندي
چوپٽ: شهزادا جيڪر اگر اوهان ان ضد تي قائم آهيو تہ پوءِ مون کي بہ ساڻ وٺي هلو.
شهزادو: هڪ جو اندر وڃڻ ۽ ٻئي جو ٻاهر محافظ بڻجڻ ضروري آهي.
چوپٽ: ڇڱو آءٌ ان خدمت ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهيان، مگر ڏسجو متان مون کي يڪدم وساري ويهو؟
شهزادي گل چوپٽ کي ٻاهر ويهاري پاڻ ان پاڻيءَ جي حوض ۾ ٽپو ڏنو.
ميناوچ ۾ ڳالهائي طوطي کي چيو: پوءِ ادا! شهزادي گل اندر وڃي ڇا ڇا ڏٺو؟
طوطو: اي مينا! ڇسائي ڇڏ. ڳالهہ اڳتي وڌڻ وڏي توکي سڀ خبر پئجي ويندي. مينا طعني ٻڌڻ بعد ڇپ ٿي ويٺي.
طوطو: شهزادي اندر وڃي ڏٺو تہ اتر طرف کان دريءَ مان غيبي روشنائي اچي رهي هئي ۽ ان دريءَ جي کاٻي طرف هڪ بي بها لعل پيو هو جنهن جي روشنائي اندر خواهہ ٻاهر پنهنجو جلوو ڏيکاري رهي هئي ۽ ان جي ڀرسان ڪنجي رکيل هئي، جنهن جي وسيلي شهزادو گل قفل کولي بسم الله ڪري اندر داخل ٿيو.
خادمياڻي جا دروازي تي ويٺي هئي، تنهن هن کي ڏسي چيو: ڪيترڙي وقت کان وٺي حضور جن جي ڳولا ۾ هيس ست بسملاهيون جو اوهان آيا.
گل عجب ۾ پئجي وراڻيو: توهان ۽ منهنجي انتظار ۾!!
خادمياڻي: هائو حضور، مون کي اوهان جو ئي انتظار هو.
گل: هيءَ گمنام جنت ڪنهن جي آهي ۽ منجهس ڪير رهندو آهي!
خادمياڻي: حضور جن کي اڳتي هلڻ سان سڀ ڪجهہ معلوم ٿي ويندو.
گل ان نوڪرياڻي سان گڏ جنت سمان باغ ڏانهن رمندو رهيو تان جو اهڙي هنڌ اچي پهتو جتي سندس حيرت جي حد ئي نہ رهي ۽ سندس هوش حواس گم ٿي ويا. تان جو عشق جي اُتاهينءَ منزل تي پهچي ٻي ڏڏڪ پاڻ کي زمين تي اڇلايائين.



پريءَ خادمياڻيءَ کي، سڏ ڪري چيو: جلدي گلاب، عنبر ۽ بيد مشڪ جو شيشو کڻي وٺ تہ جوان کي هوش ۾ آڻيون.

خادمياڻي هڪدم گلاب عنبر ۽ مشڪ جو شيشو کڻي، اچي هن حسين نازنين ماهہ جبين جي حوالي ڪيو ۽ پاڻ ڪيس مٿان پکي سان هوا ڏيڻ لڳي. هوڏانهن هن نازنين شهزادي گل جي ويجهو وڃي، سندس مٿو پنهنجي هنج ۾ رکي، ڪيس عطر ۽ گلاب سان هوش ڏيارڻ لڳي ۽ ان وچ ۾ بار بار ڌڻيءَ در سندس خير لاءِ دعا بہ گهري رهي هئي. ڪجھ وقت کان پوءِ مس مس ڪيس هوش آيو. ائين ڪڻي چئجي تہ هن نازنين جي دعائن توڙي دوائن سان شهزادي جي طبيعت کي قرار آيو. پريءَ ڪيس هوش ۾ ڏسي ڌڻيءَ جا شڪرانا بجا آڻي، شهزادي کان پڇيو: اوهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟

شهزادو: الحمدﷲ! آءٌ تہ گهڻو خوش آهيان تہ تو جهڙي حسينا جي هنج ۾ آرامي آهيان.

پريءَ مٿس قياس آڻي چيو: اي خوش نصيب انسان هاڻي هتان جلدي نڪري وڃ! ڇو تہ هيءَ جڳهہ خطري کان خالي نہ آهي.

شهزادو: حسرت ڀريئن نگاهن سان نازنين و ماهہ جبين حسينا کي چيو: تہ، مان نٿو سمجهي سگهان تہ هيءَ ڪا خطري، جي جاءِ آهي، جتي اوهان جهڙي خوبصورت ۽ نهايت نازڪ نازنين بي ڌڙڪ رهي سگهي ٿي، اتي مون جهڙي مرد کي ڪهڙو خطرو ٿيندو؟ کولي بيان ڪر.

پري: اي نوجوان! تون واقعي بهادر آهين، پر هي هڪ ديوَ جو آستان آهي، هن هنڌ کي پنهنجو ماڳ بڻائڻ بهادري ڪانهي. جيئن تہ اڳ بہ توکي چئي چڪي آهيان تہ هيءَ جاءِ خطري کان خالي

نہ آهي، ڇا لاءِ جو هنڌڙي هن وقت خونخوار ديو اچڻ وارو آهي. مون کي خوف ٿو ٿئي تہ متان تو جهڙي حسين بهادر کي هڪ لقمو ڪري ڇڏي، تنهن ڪري وري بہ اوهان کي عرض ٿي ڪريان تہ خدا جي واسطي پنهنجي خاطر نہ ٿي سهي پر منهنجي خاطر ٿي ڪٿي، هن خوفناڪ جاءِ تان نڪري وڃو. هونءَ جيڪر تون منهنجي اکين ۾ ويهندين تہ تنهنجو اهو ناز سهڻ لاءِ بہ تيار آهيان. مگر هيءَ جاءِ ئي اهڙي آهي، جو اوهان کي پناهہ ڏيڻ اخلاقي جرم سمجهان ٿي. مان پاڻ هن خادمياڻيءَ سميت ان ظالم ديوَ وٽ قيد ۾ بيوس آهيان؟

شهزادو: ڇا اهو بلڪل هن گهڙيءَ اچڻ وارو آهي؟

پري: ها، سچ ٿي چوان. هاڻ جلدي ڪر ۽ هيءَ وٽ منهنجي پاران هڪ سوکڙي!

شهزادو: هيءَ تہ سوني منڊي آهي ان کي مان ڇا ڪريان؟

پري: آهي برابر سوني مُنڊي، پر ان ۾ هيءَ قدرت آهي جو پائڻ سان گم ٿي ويندين، ڇو تہ هيءَ منڊي حضرت سليمان عليه السلام جي آهي.

شهزادي: ٻاجهارن نگاهن سان کيس ڏسي سندس شڪريو ادا ڪيو.

پري: نيري آسمان ۾ غبار کي ڏسي شهزادي گل کي چيو: ديو اچي رهيو آهي، تنهنڪري هڪدم منڊي پاءِ.

شهزادي منڊي پائي، پاڻ کي اجا گم مس ڪيو تہ ظالم ديو بہ اچي متان ڪڙڪيو ۽ آدم بوءِ آدم بوءِ ڪري پريءَ کي چيائين: نيلوفر! ڇا سبب آهي جو اڄ مون کي هن جاءِ مان انسان جي بوءِ پئي ٿي اچي؟

پري: هتي ڪنهن کي اچڻ جي طاقت آهي؟ شايد اوهان کي انساني هڏن مان بانس ٿي اچي!

ديو: چوين سچ ٿي! ۽ پوءِ ڪجهہ وقت ساڻس ڳالهيون ڪري موڪلائي هليو ويو.

شهزادو: ديو جي وڃڻ ڪانپوءِ آڱر مان منڊي لاٿي، پاڻ ظاهر ڪري، پريءَ کي چيائين: مون کي حيرت آهي جو تون ههڙي ظالم ديوَ سان وقت ٿي گذارين. بهتر تہ ائين آهي تہ تون مون سان گڏ نڪري هل ۽ هن عذاب مان پاڻ آجو ڪر، تہ ٻئي دنيا ۾ نئين سر زندگي جي شروعات ڪريون.

نيلوفر پري: اي نوجوان تون منهنجي محبت ۾ قدم ايترو اڳتي نہ وڌاءِ، بنا امتحان جي ماريو ويندين! ۽ پڇتائيندين!!

شهزادو: سو ڪيئن.

نيلوفر: شهزادا جيڪر سچ پچ بہ تون منهنجي متان سر ڏيڻ لاءِ تيار آهين تہ پوءِ آئون بہ تو متان جان فدا ڪرڻ لاءِ تيار آهين.

شهزادو: (خوش ٿي) تہ پوءِ ورتو وڃي امتحان.

نيلوفر: شهزادا! آئون نٿي چاهيان تہ توکي ڪو اجايو ناحق تڪليفن ۾ وجهان.

شهزادو: تڪليفون سهڻ هر مرد جو شان آهي.

نيلوفر: ائين برابر آهي، مگر منهنجي دل نٿي چاهي، تہ پاڻُ آزاد ڪرائڻ خاطر توکي تڪليفن ۾ وجهي ڇڏيان؟. بهتر اٿيئي تہ مون کي وساري ڇڏ ۽ وڃي پنهنجو جهان آباد ڪر.

شهزادو: جان ويڃائيندس مگر توکي هرگز نه وساريندس!

نيلوفر: ڇڱو جي ائين ٿو مڃين ته پوءِ ٻڌ! منهنجي آزاد ٿيڻ جو صرف هڪڙو ئي رستو آهي، جي انهيءَ ۾ ڪامياب ٿي وئين ته پوءِ مان تنهنجي آهيان.

شهزادو: پياري نيلوفر! آخر اهو ڪهڙو رستو آهي. تڪڙ ۾ سربستي ڳالهه ڪري ٻڌاءِ.

نيلوفر شهزادي جي گهڻي زور ڀرڻ بعد کيس پنهنجي آزاديءَ جي واٽ ٻڌائي ٿي: شهر صفلس جي اولهه پاسي جبلن جي لڪ ۾ هڪ باهه جو گهر آهي، جنهن جي باهه قريباً ڏيڍ سؤ ورهين کان ٻرندي رهي ٿي ۽ هيءُ ظالم ديو روزانو انهيءَ باهه کي ڀڙڪائيندو ٿو رهي ۽ پنهنجي جان جي سلامتيءَ لاءِ ان جاءِ جي چوطرف ڪوهن ۾ جادوءَ جا گمنام ڪوٽ اڏيا اٿس ۽ ان باهه جي وچ ۾ هڪ خنجر آهي، جنهن ۾ سندس ساهه پيل آهي. هونءَ ته هن کي مارڻ مشڪل آهي، جيڪر اهو خنجر هٿ ٿي وڃي ته کيس مارڻ آسان ٿي پوندو.

شهزادو: بس اهو رستو آهي نه! اهو ته منهنجي کٻي هٿ جو کيل آهي.

نيلوفر: تون واقعي بهادر آهين پر پوءِ به هي ڪم ڏاهپ سان ڪجانءِ! منهنجون دعائون به توسان گڏ آهن. الله ڪندو ڪاميابي نصيب ٿيندئي.

گل: هن وقت بهادر سڏائڻ بيوقوفن جو ڪم آهي. ڇڱو خداحافظ!

جڏهن شهزادو گل نيلوفر کان موڪلائي ٻاهر نڪتو ته دستور موجب آئون به ساڻس هم رڪاب ٿي هلندو رهيس. تان جو ڪافي تڪليفن بعد شهزادو هڪ اهڙي ميدان ۾ اچي نڪتو جتي واريءَ کان سواءِ ڪجهه به نه هو. نه هو ڪو وڻ نه ڪو وانگي. هڪ مسافري لمبي ٻيو اُڃ ۽ بک، تنهي کيس ساڻو ڪري وڌو. آخر ڏڪا ڏوڙا کائيندو منزل مقصود ڏانهن راهي ٿيو. مگر بدن جي طاقت ساڻس ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪيو جنهن ڪري بيهوشيءَ جي ڪيفيت متانئس طاري ٿيڻ لڳي ته ايتري ۾ ان وقت هڪ دردناڪ دانهن ٻڌائين. هي اڳيئي پريشان حال هو، ويتر جو دردناڪ آواز ٻڌائين، تنهن هن جي دل کي وڌيڪ پريشانيءَ ۾ وجهي ڇڏيو سو بيهوش ٿي ڪري پيو.

ڪجهه دير ڪانپوءِ کيس هوش آيو دل ۾ چوڻ لڳو ته جيڪڏهن اهو آواز انساني روپ جو آهي ته پوءِ ان تائين پهچڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته منزل جا راهي ٿيندا سين. اجان اهو خيال ڪري قدم ئي مس کنيائين ته سامهون هڪ جوڳڻ کي زار زار روئيندو ڏٺائين. شهزادي ويجهو وڃي همدرديءَ خاطر کانئس پڇيو: تون ڪير آهين؟ ۽ روهه ۾ ڇو پئي رُلين رڙي هتي ڇو روئي رهي آهين؟

جوڳڻ: شهزادي کي ڏسي آسمان ڏانهن منهن ڪري چيو: الله تعاليٰ جا لک شڪرانا جو اهڙ گهڻي وقت ڪانپوءِ هڪ انسان جو ديدار نصيب ٿيو آهي. آءٌ ڏاڍي ڏک ڏتل آهيان، هن ويراني ۾ ڪو اوهي واهي ڪونهيم نه ئي حال پائي- ان ڪري پئي رنس رڙيس، ڇا توهان منهنجي ڏکن جا ڏولاوا لاهيندؤ؟

شهزادي وراڻيو: جيتري قدر مون کان ٿي سگهندو، آئون توهان جي مدد ڪري سگهندس، بشرطيڪ پنهنجي احوال کان مون کي واقف ڪريو.

جوڳڻ اوهان جي مهرباني! تہ پوءِ ٻڌو منهنجو قصو: مان ايران جي سوداگر جي ڌيءَ آهيان، منهنجو نالو شهربانو آهي، منهنجي بدبختي سمجهو يا قسمت جو کيل، جو منهنجي پيءُ منهنجي شادي لاءِ ٽي شرط مقرر ڪيا، تہ جيڪو اهي شرط پورا ڪندو تنهن سان پنهنجي ڌيءَ جي شادي ڪرائيندس ۽ جيڪو پورا نہ ڪندو تنهن جي پيشانيءَ تي پشيمانيءَ جو داغ هڻندس. سو انهيءَ ڳالهہ لاءِ ڪيترائي حسين شهزادا آيا، واري واري سان پاڻ کي پشيماني جو داغ هڻائي هليا ويا. ڪيترن ڏينهن گذرڻ بعد آخر هڪڙو شهزادو "شهريار" نالي آيو جنهن منهنجي پيءُ جا ٽيئي سوال پورا ڪيا. منهنجي شادي ڌاڍيءَ ڌام ڌوم سان ساڻس ڪئي وئي ۽ رهڻ لاءِ عاليشان بنگلو سينگاريل پڻ ڏاج ۾ ڏنو ويو. جڏهن مان پنهنجي خوبصورت گهوٽ کي ڏٺو تہ منهنجي دل مٿس موهجي پيئي ۽ هو بہ مون مٿان جان فدا ڪرڻ لڳو.

هڪڙي ڏينهن شهزادو شهريار ڳالهائيندي ڳالهائيندي روئي ويٺو. هن کي روئندي ڏسي منهنجي اکين مان بہ آب وهي نڪتو ۽ روئي ڪانئس پڇيم تہ خير تہ آهي؟

اهڙو ڪهڙو حادثو پيش آيو جنهن جي ڪري اوچنگاريون ڏئي روئي رهيا آهيو؟ تنهن تي جواب ڏنائين:

سوچان پيو تہ توسان جيڪا ڳجهي ڳالهہ ڪرڻي اٿم، سا ڪٿي توکي ٻڌايان، پر دل نہ ٿي مڃي. ڊڃان پيو تہ تون مٿان مون کي ڪلي نہ مارين!

مون کيس چيو: اي شهزادا هاڻ تون منهنجو ور آهين، منهنجو جيئڻ مرڻ تنهنجي هر ڪسي پڪي اکين تي، جيڪي ڪجهہ دل ۾ اٿئي کولي ٻڌاءِ!

هن پراٿيو: جيڪر ٻڌڻ ٿي چاهين تہ پوءِ ٻڌ تہ توکي ويهي سورن جو داستان ٻڌايان! ائين چئي شروع ڪيائين: پياري "شهربانو" مون کي مائٽن، عزيزن ۽ دوستن جي سڪ ستائي رهي آهي! اگر تون عنايت ڪري اجازت ڏين تہ مان انهن جو ديدار ڪري، پنهنجي روح کي راحت ۽ دل کي آٿت ڏئي هڪدم واپس اچان ۽ پوءِ اچي توسان هن جنت جهڙي محل ۾ زندگيءَ جون باقي گهڙيون سک ۽ سڪون سان گذاريان.

انهيءَ تي مون کيس چيو: چا! مان اوهان جي بغير رهي سگهندس؟"

جواب ڏنائين: منهنجي پاڻ دل ٿي گهري تہ توکي بہ ساڻ ڪري هلان! مگر خوف ٿو ٿئيم تہ انهيءَ جي خبر تنهنجي پيءُ کي نہ پوي!

مون چيومانس: توهان دلجاءِ ڪريو.

آخر مشوري بعد رات جو 12 بجي محل ۾ گهوڙا تيار ڪري، ضروري سامان سميت هندوستان ملڪ ڏانهن روانا ٿياسين. ڪيترن ڏينهن کان پوءِ ايران ۽ بلوچستان جون حدون پار ڪري، افغانستان جي ڏاڪڻي طرف وارا لنڪ لتاڙي، هڪڙي جهنگل ۾ اچي پهتاسين، جتي آرام ڪرڻ واسطي هڪڙي وڻ هيٺان ويهي، گهوڙن کي چرڻ لاءِ ان ميدان ۾ ڇڏي ڏنوسين. ٿوري وقت کان پوءِ ان ميدان ۾ اتر طرف کان وڏو طوفان صورت اچي نازل ٿيو جنهن ڪري سڄي ميدان ۾ انڌارو ٿي



ويو ۽ سخت هوا جي ڪري وڏا وڏا وڻ پاڙئون پٽجي ڪرندا رهيا. پوءِ جڏهن طوفان جهڪو ٿيو ته پاڻ کي اُتي اڪيلو ڏٺائين. خدا کي خبر ته شهزادو ۽ ٻنهي گهوڙن سميت ڪيڏانهن گم ٿي ويو.

جڏهن آسمان پنهنجو جوش ۽ جولان بلڪل ٿمجي ويو تڏهن مون پاڻ کي هڪ سنسار صحراءِ اعظم مصر بيابان ۾ بي يار مددگار ڏٺو. ان ڏينهن کان وٺي پنهنجي غمخوار ۽ وفادار مڙس جي ڳولا ۾ ڪارو ويس ڪري، ريگستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڳوليندي رهيس، مگر پتو نه پيو. اجان به سندس ڳولا ۾ سرگردان آهيان. ڏٺي ڪيس وڏي حياءَ ڏٺي، الائجي ڪهڙي حال ۾ آهي. الاءِ جي ڪٿي آهي.... ائين چئي وري اچي روئڻ ۾ پئي.

شهزادو گل، شهزاديءَ شهر بانوءَ جي تڪليفن ۽ سيني مان ڪڍيل ڏکن خواهه سورن جو سمورو داستان ڏاڍي نهايت عجب ۾ پئجي ويو همدرديءَ طور کيس چيائين: افسوس تنهنجو بيان بيشڪ ڏکوئيندڙ آهي. خير جيڪي گذريو سو گذري هاڻي جيستائين توکي پنهنجي منزل تائين نه پهچائيندس، تيستائين پيو ڪم نه ڪندس!

شهربانوءَ شهزادي کي شڪريه جي نگاهن سان ڏسي، چيو: الله تعاليٰ اوهان کي به پنهنجي مراد تي رسائيندو!

شهزادو گل: چڱو مهربان همشيره مان هلان ٿو. اوهان دلجاءِ ڪريو. انشاءَ الله تعاليٰ قريباً ڇهن مهينن جي اندر اوهان وٽ خير خوبيءَ سان پهچي ويندس، اگر ان کان وڌيڪ مدت ٿي وڃي ته مون کي مري ويل سمجهجو. پوءِ جيئن وڻيو تيئن ڪجو؟

شهربانو: ڀاءُ ڇا مان هن ڏک واريءَ حالت ۾ گذاري سگهندس، بهتر ته ائين اٿو ته مون کي به ساڻ ڪري هلو.

آخر شهزادي گل سندس نيزاريءَ تي کيس ساڻ وٺي روانو ٿيو.

طوطي پنهنجي ماجرا پوري ڪانہ ڪئي تہ شهنشاهہ عادل شاهہ زمان ڪلي ڪيس چيو: ميان متو چا؟ شهزادو گل شهربانوءَ کي جوڳڻ جي ويس ۾ ئي ساڻ ڪري ويو؟

طوطو: جهان پناهہ! نہ. هو ڪيسّ مرداڻي پوشاڪ پهرائي ساڻ وٺي ويو.

شاهہ زمان: تہ پوءِ؟

طوطو: جڏهن انهيءَ صحرا ۽ سنسان بيابان کان ٻاهر آيا، تڏهن رات جي وقت قطب تاري جي مدد سان خدا تي توڪل رکي رمندا رهيا. تان جو هڪ ملڪ ۾ اچي داخل ٿيا. جتان جو بادشاهہ درياهہ دل سخي ۽ مهمان نواز هو. هي ٻئي شهريار جي ٻولا ۾ ان شهر ۾ داخل ٿيا. ڪين ڪوتوال ڏسي ويجهو اچي چيو: ڇا مان ان لائق آهيان، جو اوهين مون وٽ مهمان ٿيو.“

شهزادو: غلام کي ڪهڙو حجاب آهي!

ڪوتوال: تہ پوءِ مان بہ حاضر خدمت آهيان.“ ائين چئين ڪين ساڻ ڪري مهمان سراءِ ۾ وٺي آيو.

شهزادي مهمان سراءِ ڏسي شهربانو کي چيو: هي مهمان سراءِ آهي يا ڪي بادشاهي محلات!

هي اجان ڳالهائي پيو تہ ڪوتوال طعام تيار ڪرائي سندن اڳيان پيش ڪندي چيو: بي حجاب تي طعام نوش فرمايو ۽ هن سراءِ ۾ جيڪي بہ ڪجهہ سامان پيو آهي، سو بادشاهہ جي فرمان مطابق اوهين استعمال ڪري سگهو ٿا.

شهزادو گل: ”مان تہ دل سان بادشاهہ عاليجاهہ ۽ اوهان جي مهربانين جو شڪريو ادا تو ڪريان، جو توهان اسان مسافرن، دردمندن ۽ غمگينن تي هڪ وڏو احسان ڪيو آهي.“

ڪوتوال: شڪريہ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، ڇو تہ اسان جي فرمان روا شهنشاهہ عادل جو اهو ئي فرمان آهي تہ آيل مسافر جي جوڳي چاڪري ڏيو ۽ سندس دل کولي خدمت ڪريو.

شهزادو: مهرباني!

ايتري ۾ شاهي دربان اچي ڪوتوال کي چيو: مهمانن کي عاليجاهہ ياد فرمايو آهي.

ڪوتوال شهزادي سان مخطاب ٿي ڪري چيو اوهان کي بادشاهہ سلامت ياد ڪيو آهي.

شهزادو: ڇو! خير تہ آهي! آخر ڪهڙو قصور ٿيو آهي، جنهن لاءِ جهان پناهہ جي خدمت ۾ پيش ڪيو ٿو وڃي. افسوس! اوهان کي اسان جي مسڪيني حال تي ڪوبہ رحم نہ آيو؟

ڪوتوال: دوست! مان ان لاءِ معافيءَ جو طلبگار آهيان! حضور جن اوهان کي مهمان جي حيثيت ۾ شرفِ ملاقات بخشيو آهي، ڇو تہ اهو سندن دستور آهي، تہ سواءِ ملاقات جي ڪنهن کي بہ ڪين ڇڏيندو آهي.

شهزادو: ”چڱو تہ پوءِ هلو تہ هلون!!“

بادشاهہ سلامت شهزادي ۽ سندس ساٿيءَ کي ڏسي ڪانئن پڇيو: اي مسافر مهمانو! توهان ڪٿان جا رهاڪو آهيو ۽ ڪيڏانهن وڃڻ جو ارادو رکيو اٿوَ؟

شهزادو گل: جهان پناهہ! اسين مصر ملڪ کان پيا اچون ۽ شهر طوغان ڏانهن وڃڻ جو ارادو آهي.

بادشاهہ: شايد اوهان بہ مون وانگر ڪنهن مصيبت جا ماريل آهيو ورنہ اهڙي طلسم ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪين ڪريو ها؟ بهتر تہ ائين اٿوَ تہ ايڏانهن وڃڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيو ڇو تہ مون بزرگن جي زباني ٻڌو آهي تہ جيڪو بہ ايڏانهن ويو وري نہ موٽيو سو وري بہ اوهان کي عرض ٿو ڪريان تہ خدا جي واسطي ايڏانهن وڃڻ جو خيال لاهي واپس وطن روانا ٿيو.

شهزادو گل هدايتي جملا ٻڌي سندس شڪريہ ادا ڪيو.

بادشاهہ: مون اوهان کي هيءَ صلاح ٻڌل سڌل ڳالهيون ٻڌي ڪانہ ڏني آهي، بلڪ تڪليفون مون خود برداشت ڪيون آهن. تنهن لاءِ تہ اوهان کي هدايت ٿو ڪريان.

شهزادو حيران ٿي: بادشاهہ سلامت اوهين وري ڪهڙي عشق جي مصيبت ۾ گرفتار ٿيا؟

بادشاهہ ٿڌو شوڪارو ڀريندي: اي درويش، منهنجو ڪهڙو حال ٿو پڇين؟

## قصو شهريار شهزادي جو

آئون ملڪ هندستان جو شهزادو آهيان، منهنجو نالو "شهريار" آهي. هن ڪان اڳ مان پنهنجي ساري زندگي عيش عشرت ۾ گذاري هئي. هڪڙي ڏينهن جو ذڪر آهي، جو وزير جي پٽ مون کي چيو تہ شهريار، ايران جي سوداگر جي نيڪ بخت نياڻي ايران ملڪ ۾ پنهنجي حسن جو ملڪو رکندڙ آهي، سندس حسن جي تعريف دنيا ۾ بي مثال آهي. منهنجي زبان کي طاقت نہ آهي، جو ان پري صورت پدمڙيءَ جي حسن کي لفظن ۾ بيان ڪري سگهي. بس ائين ڪٿي سمجهو تہ چوڏهينءَ جي چنڊ کان چٽي صورت اٿس، وڏيڪ حسن ۾ مالامال آهي، اگر اوهان سان سندس شادي ٿئي تہ ڏاڍو سٺو. مگر سندس والد جا ٽي سوال آهن، جيڪو بہ اُهي ٽي سوال پورا ڪندو تنهن سان پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح ڪندو.

وزير جي پٽ واتان هن نازنين جي تعريف ٻڌي، منهنجي دل ۾ عشق جو جذبو پيدا ٿيو. جنهن جذبي کان انهيءَ خونخوار ميدان تي پهچي ويس ۽ سوالن بابت پڇا ڪيم.

جنهن تي سوداگر چيو: منهنجا ٽي شرط آهن، جيڪڏهن پورا نہ ڪيوَ تہ پوءِ اوهان جي پيشانيءَ تي بدناميءَ جو داغ لاٿو ويندو؟ مون بغير سوچ ويچار جي عشق جي باهہ ۾ ٽپو ڏيئي، کيس چيو تہ اوهان پنهنجا سوال ظاهر ڪريو؟ وڏيڪ جيڪي خدا گهريو سو ٿيندو!

سوداگر: پهريون سوال هي آهي تہ "ميون ۾ ڪهڙو ميوو مٺو آهي." مون گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ کيس چيو: "سيني ميون کان مٺو ميوو اولاد آهي."

خيالي ماهر لکي ٿو تہ جڏهن شهزادي شهريار کيس پهرين سوال جو درست جواب ڏنو تڏهن کلي چيائينس: چڱو ٻيو سوال ٻڌ؟ هيڏانهن سوداگر شهزادي کي شهريار ٻئي سوال بابت رهيو هو هوڏانهن شهزادي گل سان شهربانو جيڪا پنهنجي محبوب جي ڳولا ۾ نڪتي هئي، ان جي عشق جي باهہ وڌندي ٿي ويئي، پر هن مجبورن شهزادي گل جي ڪري صبر ڪيو ورنہ سندس دل ڀرجي آئي هئي، مگر چا ڪري بيوس بنجي ٻڌندي رهي.

شهزادو گل: (شهريار کي) اي بادشاهہ عاليجاهہ ٻيو سوال ڪهڙو هو؟
شهريار: ٻيو سوال هي هو تہ "اها ڪهڙي ڇوڪري هئي، جنهن پاڻ کي بادشاهي ڏوراپي کان بچايو ۽ ان جي عزت ۽ تعظيم ڏينهن ۾ ٻيٽي ۽ رات ۾ چوٽي وڌندي رهي؟" اهو ٻڌي مان کيس عرض ڪيو: "اي سوداگر اهو واقعو منهنجي پيءُ جي وزير جو آهي، جنهن جو نالو عاقل هو."
مختصر هي آهي جو منهنجي پيءُ هڪڙي ڏينهن وزير کي پرکڻ لاءِ چيو: اي وزير منهنجي لاءِ پٿرن جو وڳو تيار ڪري، هڪ هفتي اندر مون وٽ پيش ڪر، ورنہ پاڻ کي پنهنجي عيال سميت جيئري دفن سمجهہ. عاقل وزير عقل وڃائي ڇرين وانگر اچي پنهنجي گهر نڪتو. ايتري ۾ سندس نياڻي جا عقل ۽ فهم ۾ پيءُ کان ڪي قدر سرس هئي، تنهن پيءُ کي غمگين ۽ مايوس ڏسي چيو: بابا سائين! اوهين ايترا غمگين ۽ مايوس ڇا لاءِ آهيو؟
وزير وراڻيو: جانِ پدر! اڄ بادشاهہ سلامت هڪ ڏکيو سوال صادر فرمايو آهي، جنهن جو پورو ڪرڻ ڪنهن بہ حيلي سان دنيا ۾ ڪنهن کان بہ ٿي نہ سگهندو.
وزير جي نياڻي: مان نٿي سمجهان تہ ڪو اهڙو ڪم هوندو جو انسان ڪري نہ سگهيو هجي؟
وزير وراڻيو: بادشاهہ جو حڪم آهي تہ پٿرن جو وڳو تيار ڪرائي، هڪ هفتي اندر اچي مون وٽ پيش ڪر، ورنہ عيال سميت زندهہ دفن ڪيو ويندين؟
وزير جي نياڻي: بابا سائين! بس اهو ڪم آهي، جنهن لاءِ اوهين ايترا بيقرار ٿا نظر اچو. اوهان دلجاءِ ڪريو آئون ٿي وڃي شهنشاهہ عالي جاهہ کي جواب ڏيئي اچان. ائين چئي پاڻ سان بہ پٿر ڪٽي شاهي محلات جي حوض مان ڏوئڻ ويٺي. اوچتو بادشاهہ سير ڪندو اچي انهيءَ حوض وٽ نڪتو. وزير جي ڌيءَ کي پٿرن کي صابڻ هڻندي ڏسي چيائين: اي وزيرزادي هي ڇا ٿي ويٺي ڪرين؟ جواب ڏنائينس: بادشاهہ سلامت! ڪدڙي ويم ڪيو آهي، جنهنڪري ان جي ٻار لاءِ هي پٿر پٿي ٿي ڌوئان. بادشاهہ جواب ٻڌي کلي چيو: ڇا ڪدڙن بہ ڪڏهن ويم ڪيا آهن؟
وزير جي ڌي وراڻيو: اي شهنشاهہ! جنهن ملڪ جو بادشاهہ پٿرن جا وڳا جوڙائڻ جو حڪم صادر ڪري ٿو سگهي، ان ملڪ ۾ ڇا ڪدڙا اولادي ٿي نٿا سگهن! بادشاهہ اهو جواب ٻڌي ماٺ ڪري هليو ويو.
وزير جي ڌيءَ بادشاهي محلات مان واپس وري ۽ پنهنجي پيءُ کي واپس اچي ٻڌايائين تہ بابا سائين! اوهان بي حجاب ٿي دربار ۾ وڃو؟ مان بادشاهہ سلامت کي سمورو جواب ڏيئي آئي آهيان؟"
وزير جي ڌيءَ سموري ڳالهہ پيءُ کي ٻڌائي دربار ڏانهن روانو ڪيو. وزير دربار ۾ اڃان پهتو ئي ڪونہ هو تہ بادشاهہ کيس ڏسي چيو: پٿر جا وڳا تيار ٿيا؟
وزير وراڻيو: بادشاهہ سلامت جن تہ مون کي خسيس ڪم حوالي ڪيو هو جنهن کي منهنجي ڌيءَ ئي پورو ڪري اوهان جي خدمت عاليہ ۾ پيش ڪيو؟ بادشاهہ اهو ٻڌي چپ ٿي ويو ۽ کيس انعام اڪرام ڏيئي چيائين: چڱو هاڻ مون کي "ڏاند جو کير" ڪم ۾ آهي، تنهنڪري جلد جلد هٿ ڪري آڻي ڏيم؟

وزير هي سوال ٻڌي ساڳي غمگينيءَ حالت ۾ اچي انعام سميت گهر پهتو. ڏيٽس پيءُ جي ساڳي حالت ڏسي کيس چيو: بابا سائين! خير ته آهي وري ڇاجي پريشاني اٿوَ؟

عاقل وزير وراڻيو: اي ڌيءَ اڄ وري بادشاهه ڏاند جو کير گهريو آهي. ڀلا تون ئي ٻڌاءِ ته ڏاندن به ڪڏهن کير ڏنو آهي؟

وزير جي ڌي وراڻيو: بابا سائين! اوهان ڪوبه خيال نه ڪريو ان جو جواب آءٌ هڪدم شهنشاهه عاليجاهه کي ڏئي ٿي اچان. توهان بي فڪر ٿي آرام ڪريو. ائين چئي هوءَ شاهي محل ڏانهن رواني ٿي.

پوءِ جتان بادشاهه جو خاص رستو هو اتي ويهي، ڦاٽل ڪپڙا ڌوئي رهي هئي، ته ايتري ۾ بادشاهه به اتان اچي لانگهائو ٿيو تنهن هن کي ڏسي چيو: اي وزيرزادي اڄ وري هي ڦاٽل ڪپڙا ڇا لاءِ پئي ڌوئين!

جواب ڏنائين: بادشاهه سلامت! بابا سائينءَ اڄ ويم ڪيو آهي، جنهنڪري سُندس ٻار لاءِ هي ڪپڙا ڌوئي صاف ڪري رهي آهيان؟ بادشاهه جواب ٻڌي کيس چيو: ڪڏهن مردن به ويم ڪيا؟ اهو ٻڌي کيس جواب ڏنائين: شهنشاهه عالي جاهه! اگر مرد ويم نه ڪندا آهن، ته پوءِ ڏاند به ڪو کير ڏيندا آهن!

خيالي ماهر لکي ٿو ته جڏهن وزير جي ڌيءَ بادشاهه کي جواب ڏنو ته بادشاهه اڳ وانگي ڪنڌ هيٺ ڪري محل ڏانهن روانو ٿيو. ٻئي ڏينهن دستور موجب ڏيٽس پيءُ کي دربار ڏانهن وڃڻ لاءِ عرض ڪيو. وزير ڌيءَ جي چوڻ موجب دربار عاليه ۾ ويو ته بادشاهه ڏسي کيس چيو: ڇا! اوهان ڏاند جو کير آندو؟

وزير هٿ ٻڌي عرض ڪيو: بادشاهه سلامت ڇا اوهان کي منهنجي ڌيءَ پيش نه ڪيو؟

بادشاهه وراڻيو: چڱو هاڻي منهنجي لاءِ ”گلِ بصارت“ آڻ، پر جلدي حاضر ڪر؟

وزير ٽيون سوال ڪٺي سڌو گهر اچي پنهنجي فهميديءَ ڌيءَ کي چيو: جان پدر! اڄ بادشاهه سلامت گلِ بصارت آڻڻ لاءِ حڪم ڪيو آهي، مگر هي گل جم جاهه جي باغ ۾ هڪڙو ئي ٻيٺو آهي، جنهن جي مٿان هزارين ديو حفاظت ڪري رهيا آهن ۽ انهيءَ باغ جي اندر سواءِ بادشاهه جم جاهه جي، ڪنهن پکيءَ کي به پر هڻڻ جي اجازت نه آهي، ايتري قدر جو سندسپٽ جنهن جو نالو آسمان جاهه آهي سو به اندر نٿو وڃي سگهي، پوءِ اتي آئون ڪهڙي نموني وڃي اهو گلِ بصارت حاصل ڪندس!“

وزير جي ڌيءَ چيو: بابا سائين! آئون ٿي وڃي اهو گلِ بصارت ڇني اچان! ائين چئي مردانو لباس پهري جهنگل ۾ وڃي آسمان جاهه سان ملي کيس پنهنجي ڳالهين سان پنهنجو جگري دوست بنايائين ۽ پوءِ ته آسمان جاهه مٿس فدا پئي ٿيو سو آسمان جاهه کي ڦندي ڦاٽل ڏسي کيس چيائين: اي دوست آءٌ ڪجهه عرصو تو وٽ رهڻ ٿو چاهيان اگر توکي ۽ تنهنجي گهر وارن کي اعتراض نه هجي ته. آسمان جاهه چيو: اسان کي ڪهڙو اعتراض هوندو ۽ پوءِ کيس پنهنجي گهر وٺي ويو.

مينا: اي طوطا! آسمان جاهه جي ان وقت عمر ڪيتري هئي؟

طوطو: اي مينا! آسمان جاهه ڏهن سالن جو هوءِ وزير جي ڌيءَ به ساڳيءَ عمر ۾ هئي!
خيالي لڪندڙلکي ٿو ته آسمان جاهه جا پيءُ ماءُ وزير جي ڌيءَ تي ڏاڍا مهربان ٿيا، پر آسمان جاهه جي ماءُ کي شڪ هو ته سندس دوست ڇوڪرو نه پر ڇوڪري آهي، سو هڪڙي ڏينهن آسمان جاهه کي ماءُ چيو: پٽ تنهنجو دوست مون کي ڇوڪري ٿي نظر اچي.

آسمان جاهه: منهنجي امڙ! توهان پليا آهيو هو ته ڇوڪرو آهي. جيڪڏهن اعتبار نٿو اچيوَ ته کير چُلهه تي ٿهڪڻ لاءِ رک، جيڪڏهن کير ابرندو ڏسي آواز ڪيائين ته پوءِ پڪ سمجهبو ته ڇوڪري آهي، پر جي ماٺ ۾ رهيو ته پوءِ ڇوڪرو آهي.

آسمان جاهه جي ماءُ پٽ جي چوڻ تي کير کي چُلهه تي ٿهڪائڻ لاءِ رکيو جيئن ته وزير جي ڌيءَ عقل ۾ اڪابر، ذهن ۾ هوشيار هئي، تنهنڪري هن اڳي ئي انهيءَ ڳالهه کي پروڙي ورتو هو سو کير کي هارجندو ڏسي ماٺ ۾ رهي.

آسمان جاهه: ماءُ کي امڙ! هاڻي ته اوهان کي يقين ٿيو؟

ماهر لکي ٿو ته ان بعد آسمان جاهه جي والده سڳوري هميشه لاءِ چپ رهي ۽ ڪڏهن به وزير جي ڌيءَ لاءِ ڪو شڪ نه رکيائين.

هڪڙي ڏينهن گهمندي گهمندي آسمان جاهه وزير جي ڌيءَ کي چيو: يار هل ته هلي باغ جو سير ڪري اچون، هتي گهمي گهمي ٿڪا آهيون.

وزير جي ڌيءَ وراڻيو: اهو ته سڀ کان سٺو! واقعي هت ته هاڻ بار بار ساڳيو منظر ڏسي ذرو به مزو ڪونه ٿو اچي. هل ته ڪجهه هوا مٽ ڪجي!

آسمان جاهه وزير جي ڌيءَ سان گڏ باغ ۾ داخل ٿي چيو: سبحان الله! ڪهڙي نه وڻندڙ بهاريءَ واري فضا آهي. واقعي بهار جي مند مڙني مندن کان بهترين مند آهي. هر طرف گلزاري ئي گلزاري نظر اچي رهي آهي. باغ گلن سان گلزار ۽ عطر سان معطر لڳو پيو آهي. هوڏانهن ڏس چنبيلي، موتيا خواهه گلابي مکڙا ڪيئن نه ٽڙيا پيا آهن؟ پر يار هيڏانهن هيءَ ته گل ڏس، هن کي ”گل بصارت“ چوندا آهن، سو ته ڏس! هي روءِ زمين تي اڻ لڀ اٿئي. فقط هت ئي موجود آهي.

وزير جي ڌيءَ: واهه! ڇا انهيءَ گل کي گل بصارت چوندا آهن؟

آسمان جاهه: هائو اهو ئي گل بصارت آهي!

وزير جي ڌيءَ آسمان جاهه کان نظر بچائي جلدي گل پٽي کيسي ۾ وڌو ۽ بهانو ڪري باهر اچي دروازي تي نالو لکي، پنهنجي وطن ڏانهن رواني ٿي. گهڻي دير ڪانپوءِ لاچار آسمان جاهه ٻاهر نڪري دروازي تان لکيل نالو پڙهيو ۽ اچرج ۾ پئجي ويو. نيٺ اها سچي حقيقت اچي پنهنجي والده کي سربستي ٻڌايائين.

ماڻس سموري حقيقت ٻڌي پٽ کي چيو: پهريائين جي اها خبر هجي ها ته جيڪر تنهنجي شادي ان سان ڪرايان ها.

هوڏانهن وزير جي ڌيءَ جفاڪشيءَ ۽ چالاڪيءَ سان اهو گل حاصل ڪري اچي پنهنجي پيءَ کي چيو: بابا سائين! هان وٺ هيءُ اٿوَ گلِ بصارت. هاڻ دير نه ڪريو وڃي بادشاهه سلامت کي پيش ڪريو.

وزير ڌيءَ کي ڀاڪر پائيندي چيو: مرحبا! جس هجي توکي. تنهنجي انهيءَ دليريءَ تي، جو گل حاصل ڪري منهنجي عزت برقرار رکي اٿئي.

وزير اهو گل بصارت ساڻ ڪري دربار عاليه ۾ اچي بادشاهه جي خدمت ۾ پيش ڪيو. بادشاهه سلامت گل ڏسي درٻارين کي چيو: هن گل جي حڪمت هيءَ آهي، ته جنهن وقت به رت جوش ۾ اچي ته انهيءَ وقت بدن کي لڳايو وڃي ته انساني فطرت ساڳيءَ حالت ۾ اچي ويندي. سچ ته هي ڪم هن وزير ئي ڪيو آهي، ورنه هي گل ٻيو ڪير ڪٿي آڻي سگهي ها.

شهزادي شهريار شهزادي گل کي هيءَ ڳالهه ٻڌائيندي چيو: جنهن وقت مون هي ٻيو سوال به سوداگر کي صحيح ٻڌايو ته ڪلي چيائين: باقي منهنجو آخري ٽيون سوال رهي ٿو سو هي ته، ”اهو ڪهڙو سوداگر آهي جو مال اسباب هوندي به مفلس بڻجي ويو ۽ پوءِ وري اهڙو ئي شاهوڪار بڻجي ويو جيئن اڳ هيو؟“

تصورات جو ماهر پنهنجي قلم جي نوڪ سان لکي ٿو ته جڏهن شهزادي شهريار کي ايران جي سوداگر آخري ٽيون سوال ڏنو ته هو جواب ڏيڻ بغير هڪڙي پاسي نڪري پيو. آئون به سندس ڪَڏَ جادوگريءَ واريءَ ٽوپي وسيلي پاڻ گم ڪري گمناميءَ جي پوشاڪ ۾ ساڻس گڏ هلندو رهيس، تان جو هي هڪڙي شهر ۾ پهتو جتي هڪ عاليشان جاءِ ڏٺائين، جنهن جي چوڌاري سبز باغ هيو.

شهزادو دل جهلي ان محل ۾ داخل ٿيو ئي مس ته هوڏانهن سندس مهمان دوست شهزادي گل ڪلي ڪري ڪائنس پڇيو: تنهنجي لهڻ جو نمونو آهي! جو بغير اجازت جي پرائي جاءِ ۾ هليو وئين؟

شهزادو شهريار: دوست ڪهڙي ٿو ڳالهه پڇين! جنهن وقت آئون اندر داخل ٿيس ته ڇا ڏسان ته هڪ چوڏهن ورهين جي چوڏهينءَ جي چنڊ مثل حسينا جنهن جون اکيون هيري مثل، وار گهنڊيدار ۽ سندس پيرن جي ڪڙين سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا، سندس نڪ تلوار مثل ۽ ڀرون چنڊ جي ٻهرين تاريخ مثل، ازانسواءِ سنهي چيلهه، سڊول بدن، بس نازنين جي ڪهڙي تعريف ڪري ڪهڙي تعريف ڪريان، ائين ڪٿي سمجهه جنت جي حور هئي. جا هڪ ڪراڙيءَ کي چئي رهي هئي جي امڙ! بهار وڃي رهيو آهي ۽ خزان اچي رهي آهي؟ جيڪڏهن تون پسند ڪرين ته آئون ڪنهن عقلمند نوجوان سان شادي ڪريان؟“

پوڙهيءَ وراڻيو: بيشڪ! شادي ڪري سگهين ٿي، مون کي ڪهڙو حجاب. مگر خورشيد ڪو اهڙو وَرُ هٿ ڪج، جيڪو خوبصورت، برجستو ۽ بهادر هجي. سو ڪيئن ڳولي لهندينءَ؟

خورشيد پوڙهيءَ عورت کي: اي ناني! جيڪو به توکي حسين نوجوان ملي تنهن کي چئجانءِ، ته رکندو آهين يا نه يعني تون شادي ڪئي آهي يا نه. جيڪڏهن اهو نوجوان چوي نه ته تون ڪيس پاڻ سان هيڏانهن وٺي اچج، ته وڌيڪ مان پاڻ انهيءَ کي پرکيندس.

شهريار: اي مهمان دوست: هڪ تہ اوهان جي نالي جي تشريح ڪانهي، اگر اوهان ڪي پڪاريان تہ ڪهڙي نالي سان پڪاريان؟

شهزادو گل شهريار کي: حضور! هوئنئن تہ مون بدنصيب کي ”گل“ جي نالي سان سڏيندا آهن. وڏيڪ اوهان کي ڪنهن بہ نالي سان سڏڻ جي اجازت آهي، جنهن نالي سان وڻيو پڪاري سگهو ٿا ۽ باقي هن جو (شهربانوءَ ڏانهن اشارو ڪري) نالو اجهو ظاهر ٿيڻ وارو آهي، جو توهان جي نالي سان ٿئي مشابهت رکي ٿو.

شهريار: اهو ٻڌي خوش ٿي چيو: الحمدلله اوهان پنهنجن نالن جو شرف تہ بخشيو باقي مون جا ڳالهہ پئي ڪئي، تنهن کي اڳتي وڌائجي، سو گل، جهڙي وقت اها پوڙهي عورت اُتان نڪتي تہ آئون بہ سندس پٺيان لڳس. نيٺ ڪجهہ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ان پوڙهيءَ کان پڇيم: اي امڙ پوڙهي! جنهن محلات مان تون نڪتي هئينءَ، اها محلات ۽ باغ ڪنهن جو آهي ۽ منجهس هن وقت ڪير تو رهي. اهو ٻڌي پوڙهيءَ وراڻي ڏني: هي باغ ”طِرس“ نالي هڪ وڏي عزت واري سوداگر جو محل آهي ۽ انهيءَ باغ اندر محل ۾ سندس ڌيءَ خورشيد رهندي آهي، جنهن کي انهيءَ محل کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نہ آهي، تہ متان ڪنهن مرد جي شڪل ڏسي، ڇا لاءِ جوان بيوقوف سوداگر کي نانيءَ جي نالي کان نفرت آهي.

لکندڙ پنهنجو بيان تو ڏئي تہ جنهن وقت شهزادي شهريار ان پوڙهيءَ عورت کان اهو مفصل احوال ٻڌو تہ کيس عجب وٺي ويو. افسوس، اجان بہ ڪي ماڻهو آهن، جن کي نانيءَ کان نفرت ٿئي ٿي. هي انهيءَ غلطان ۾ غرق هو تہ اها پوڙهي عورت اڳتي وڌي نوجوانن کان پڇندي ٿي رهي تہ رکندو آهين يا نہ. جيڪو بہ پيو ٻڌي سو ڪراڙيءَ کي چريو پيو سمجهي، ڇو تہ واقعي چريائيءَ جهڙا لفظ هئا. جيڪي پوڙهيءَ پئي پڇيا. ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ انهن لفظن سان ڪنهن جي زندگيءَ جو گهرو تعلق آهي. نيٺ هڪڙ نوجوان طوس سوداگر جو غلام لنگهيو جنهن کان هن پوڙهيءَ عورت پڇيو: رکندو آهين يا نہ؟ ان نوجوان ورندي ڏني ”نہ!“

جهڙي وقت غلام ”نہ“ جو جواب ڏنو تہ پوڙهي عورت ان غلام کي ساڻ ڪري خورشيد وٽ وٺي آئي ۽ هوڏانهن شهزادو شهريار بہ لڪندو اچي محل ۾ داخل ٿيو ۽ سڀ ڪجهہ ڏسندو رهيو. پوڙهيءَ خورشيد کي چيو: هي نوجوان لائق سمجهي تو وٽ آڻي پنهنجو فرض ادا ڪيو اٿم. وڌيڪ پاڻ ڄاڻ ۽ تنهنجا ڀاڳ. خورشيد نوجوان کي ڏسي خوش ٿي چيو: اوهين سامهون واري پلنگ تي آرام ڪريو تہ مان اچان ٿي؟ غلام پلنگ جي پرسان ويهي خيال ڪرڻ لڳو تہ هن جون مٿيون پاسو ڪهڙو آهي، جيڪڏهن اها تميز ڪري نہ سگهيس تہ پوءِ ان عورت جي نگاهن ۾ ڪري پوندس، سو ڪيسي مان نارنگي ڪڍي پلنگ تي رکي ان جي وسيلي سيرانديءَ جي سڃاڻپ ڪري ويهي رهيو.

ڪجهہ گهڙين بعد خورشيد بہ آئي، ان جو نارنگيءَ کي پلنگ تي پيل ڏٺو تہ ان نارنگيءَ کي ڪٽي بہ ٽڪر ڪري غلام ڏانهن اڇلايائين تہ غلام وري اهي ٻئي ٽڪر ڪٽي انهن جا چار ٽڪر ڪري خورشيد کي ڏنا. اهو سمورو لقاءُ پوڙهي عورت ۽ ٻانهيون ڏسي رهيون هيون. ڪجهہ گهڙيون رکي پوڙهي اندر داخل ٿي ۽ ڪانئس پڇيائين: خورشيد انهيءَ راز کان مون کي بہ تہ واقف ڪر.

خورشيد: امان! مان هن نوجوان کي چيو ڪنهن بہ وقت جيڪڏهن منهنجا والدين توکان ڪجهہ پڇن يا توکي ڪٺي بہ اڌ بہ ڪري ڇڏين، تہ بہ انهن کي هرگز ڪين ٻڌائجانءِ؟ تنهن تي انهيءَ چيو تہ توڙي ڪٺي چار ٽڪر ڪن تہ بہ آئون زبان تي ڪونہ ڪوليندس!

ڪجهہ دير ڪانپوءِ خورشيد غلام جي محبت جا مچ ٻاري پنهنجي دل وندرائيندي رهي. شام ٿيڻ تي غلام اجازت گهري، خورشيد منبي ڏيئي چيس: منا خدا حافظ! سڀاڻي هن وقت بي ڏڙڪ هليو اچجانءِ!

مطلب تہ غلام جي موڪلائي وڃڻ کان پوءِ خورشيد پنهنجو سمورو وقت زهر پئي سمجهيو نہ ڪيس ڪاڌو پئي وڻيو نہ عيش نہ آرام، صرف دريدار عاشق لاءِ منتظر هئي.

خير! غلام خورشيد وٽان جهڙي وقت آقا جي خدمت ۾ آيو تہ سوداگر هن جي آڱر ۾ مُنڊي ڏسي ڪائنس پڇيو: هيءَ منڊي ڪٿان آندي اٿئي؟ سچ سچ ٻڌاءِ نہ تہ قتل ڪيو ويندين!

سوداگر غلام سان ڪافي جنيون ڪيون، مگر غلام تري هڪ هٽي بيٺو ڪيس ڪوبہ جواب نہ پئي ڏنائين. آخر سوداگر مجبور ٿي پين غلامن کي چيو: هن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو. غلام جي قتل ٿيڻ جي خبر خورشيد کي پهچي چڪي هئي، تنهن پوڙهيءَ عورت کي شربت جو شيشو ڏيندي چيو تہ جنهن وقت بابا سائين منهنجي پياري غلام کي ڦاسيءَ تي چاڙهڻ جو حڪم فرمائي تہ تون اهو شيشو سندس پيرن وٽ ڦٽي ڪري اچج. قصو ڪوتاهہ جنهن وقت غلام کي ڦاسيءَ تي چاڙهڻ جو حڪم ٿيو تہ هڪدم اها پوڙهي عورت شربت جو شيشو غلام جي پيرن ۾ ڦٽي ڪري هلي ويئي. غلام شيشي کي ٽڪر ٽڪر ٿيندو ڏسي، سوداگر کي عرض ڪيو: مون کي ڦاسيءَ تان هيٺ لاٿو وڃي تہ سمورو بيان عرض رکان!

سوداگر اهو ٻڌي جلادن کي حڪم ڪيو تہ غلام کي ڦاسيءَ تان لاهي مون وٽ پيش ڪيو وڃي. جلادن حڪم ٻڌي غلام کي ڦاسيءَ تان لاهي سوداگر جي اڳيان اچي پيش ڪيو.

سوداگر غلام کي چيو: ٻڌاءِ اها مُنڊي توکي ڪنهن ڏني آهي؟

غلام: اوهان جي نيڪ دختر خورشيد!

سوداگر: اهو پهريائين ڇو نہ ٻڌايئي!

غلام: حضور! خورشيد طرفان منع ٿيل هئي!

سوداگر: هاڻي پلا ڇو ٻڌايئي؟

غلام: حضور! انهيءَ پنهنجي خوشيءَ سان اجازت ڏني!

سوداگر: حيران ٿي سو وري ڪيئن ۽ ڪنهن جي هٿان؟

غلام هٿ ٻڌي: حضور ڦاسيءَ جي وقت پوڙهي عورت شربت جو شيشو اچي منهنجن قدمن ۾ ڦٽو ڪيو جو ٽڪر ٽڪر ٿي پيو جنهن مان مون سمجهيم تہ خورشيد انهيءَ پوڙهي عورت هٿ اجازت نامو موڪليو آهي، ڇو تہ ٽڪر ٽڪر ڪنهن شيءِ جو ٿيڻ ثابت ٿو ڪري تہ راز فاش ڪيو وڃي!

سوداگر ڪلي چيو: شاباس! خورشيد جو نڪاح تو جهڙي وفادار ۽ عقلمند نوجوان سان ٿي ڪرڻ گهرجي.

مينا طوطي کي چيو: اي طوطا! اهو تہ ٻڌاءِ, شهزادو شهريار پوءِ ڪيڏانهن راهي ٿي ويو.

طوطو: شهزادو شهريار خورشيد جي دانشمندي ڏسي اتان روانو ٿيو. هڪڙي شهر ۾ پهتو جتي سير ڪندو هڪڙي عاليشان محل جي ٻاهران هي فقرو لکيل ڏٺائين: "خوف ڪان خوف نہ اٿيئي تہ پوءِ خدا جي غضب ڪان خوف ڪر!" اهو فقرو پڙهي حيران ٿي دل ۾ خيال ڪيائين تہ جاءِ وارن اهو فقرو ڇا لاءِ لکيو آهي؟ تنهن لاءِ تصديق ڪرڻ ضروري آهي. اهو ويچار ڪري ان محلات ۾ داخل ٿيو. اندر ڇا ڏسي تہ هڪڙو پير مرد سفيد ڏاڙهيءَ سان با رونق چهرو اٿس, سو پلنگ تي رونق افروز آهي ۽ سندس پرسان هڪڙو نوجوان باادب ٿي هيرا جواهر پيٽن ۾ بند ڪري, شايد ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلي رهيو آهي.

شهزادي اُتي سندن سامهون پهچي سلام ورائيندي چيو: السلام عليڪم؟

پير مرد وراڻيو: وعليڪم السلام! اچو ڀليا اچو!! ايترا پريشان ڇو آهيو؟

شهريار ويجهو وڃي چيو: محترم قبلہ, مون کي فقط اهو خيال ٿي ٻيٺو آهي تہ اوهان دروازي جي مٿان اهو فقرو ڇو لکيو آهي؟

پير مرد کلي وراڻيو: بس ڪا تہ ڳالهہ ڳجهي اهو فقرو لکايو اٿم. اوهان جو ارادو ڪيڏانهن جو آهي؟

شهريار: محترم قبلہ سائين! هڪڙي شخص جي ڳولها ۾ آهيان, جو مالدار ٿي مفلس رهيو ۽ مفلسيءَ مان وري شاهوڪار ٿيو؟

پير مرد: شڪر الحمدالله! جو تنهنجي مراد پوري ٿي!

شهريار: سو ڪيئن؟

پير مرد ٽورو کلي چيو: جنهن شخص جي ڳولها ۾ تون نڪتو آهين, اهو مان ئي آهيان.

شهريار: الحمد لله منهنجي محنت قبول پيئي. اي محترم سائين جلد پنهنجي احوال کان مون کي واقف ڪري, مون منجهيل جي رهنمائي ڪندا.

پير مرد شهزادي شهريار سان مخاطب ٿيندي: اي نوجوان اصل حقيقت هيءَ آهي تہ منهنجو والد سڳورو لک پتي سوداگر هو جڏهن هو هن فاني جهان کي هميشه لاءِ الوداع ڪري, اصل منزل ڏانهن راهي ٿيو تہ ان کان پوءِ سندس سموري ملڪيت منهنجي هٿ ۾ آئي. مان تجارت کي زور وٺائڻ خاطر مال وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي, جنهن ڪري واپار ۾ ڏينهون ڏينهن ترقي ٿيندي رهي, نتيجو اهو نڪتو جو آئون ٻين سوداگرن کان وڌيڪ شاهوڪار بڻجي ويس. هڪڙي ڏينهن ڪنهن سوداگر اچي هڪ لک دينار مون کان قرض گهريو. خوشامد وغيره بہ ڏاڍي ڪيائين, عين انهيءَ وقت منهنجي دل ۾ فرعوني خيال ۽ قاروني حوس پيدا ٿي ۽ کيس چوڻ لڳس: اڄ مان صاحب ممتاز ۽ عزت جو خريدار آهيان, جو هيترا سارا سوداگر ادب سان مون کان قرض گهري رهيا آهن. بس مون کان وڌيڪ دنيا شاني ڪونهي! مون اجان اهي تڪبر وارا لفظ پورا ئي ڪين ڪيا, تہ منهنجي مقدر جو سج غروب ٿي ويو يعني انهيءَ وقت منهنجي گدام کي مچاڻان ڪٿان اچي باهہ لڳي. ان جي وسائڻ ۽ مال کي بچائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ويئي, مگر سڀ مال و اسباب سڙي خاڪ ٿي ويو.

خير مجبورن سڙيل سامان تامي جي چند ٽڪرن تي نيلام ڪري، پيٽ گذر پئي ڪيوسين.
ڪجهہ ڏينهن بعد معاشي حالت ويتر خراب ٿي وئي، ايتري قدر جو لنگهڻ ڪاٽڻ وارا ڏينهن اچي ويا.
مجبور ٿي پنهنجي پٽ کي هن بکئي پيٽ جي پورائي لاءِ پنجاهہ روپين ۾ گهہ رکيم، جيڪو انهيءَ وقت
فقط 12 سالن جو هو. اهي پنجاهہ روپيا بہ ڪيترو وقت هلن. بس ڪجهہ ڏينهن بعد لاچار مزدوري ڪرڻ
شروع ڪيم.

هڪڙي رات مسجد شريف ۾ داخل ٿي، خدا پاڪ کي تمام نيزاريءَ سان عرض ڪيم ۽
پنهنجا ڪيل ڪرتوت ظاهر ڪري، آئنده توبهہ جو اقرار ڪري چيم: اي منهنجا مالڪ! اي
پروردگار!! مون گنهگار جي عيبن ڏي نہ ڏس، مون پنهنجي وڏائيءَ جو نتيجو ڏٺو هاڻي مون ناچيز
گنهگار کي پنهنجي پياري محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي محابي، خطائون بخش ۽ مون کي پنهنجي
نوازشن سان نواز- آمين.



قصو ڪوتاهہ آءٌ هڪ مالدار سوداگر وٽ هلي ويس، کيس پنهنجي غربت جو داستان ٻڌايم ۽
پوءِ کيس عرض ڪيم تہ منهنجي مسڪيني حال تي رحم ڪريو مون وٽ ٻيو ڪجهہ ڪونهي، فقط
جوان پٽڙو اٿم ان کي پاڻ وٽ رکو ۽ مون کي گذر لاءِ ڪجهہ ڏيو- سوداگر ها ڪئي. جنهن سوداگر
وٽ پنهنجو جگر گهہ رکيو هوم، تنهن منهنجي فرزند جي قابليت ۽ ايمانداري ڏسي هڪڙي ڏينهن
مال سان ڀريل جهاز سندس حوالي ڪري کيس چيو: وڃي ڏورانهين ملڪ سان واپاري تعلقات رکي
اچ؟ هو بہ پنهنجي خدا داد قابليت ۽ ايمانداريءَ سان جهاز وارو سمورو مال وڪڻي، ٿورن ڏينهن کان
پوءِ موٽي آيو ۽ ڪيترا هزار نفعي جا انهيءَ سوداگر کي آڻي ڏنائين، انهيءَ ڪري اهو سوداگر کيس

۾ گھوٽ بدصورت ۽ پيرسن هو. انهن جي وارثن ماهہ منور کي حسين ڏسي، پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ سامهون واري چوڪر کي جيڪڏهن گھوٽ بڻائي في الحال ڪم ٽپائي وٺون تہ بهتر ٿيندو ڇو جو اسان جو گھوٽ ظاهري شڪل و صورت جو پورو سارو آهي، شايد سهري کي پسند نہ اچي ۽ هو پاڻ ڏيڻ کان انڪار ڪري تہ پوءِ اسان جي بيعزتي آهي. آخر مشوري بعد گھوٽ جي پيءُ ماهہ منور کي سڏي چيو: اي نوجوان! منهنجي پٽ جي شادي آهي، تنهنڪري گھوٽ جي جاءِ تي تون گھوٽ بڻجي هلين تہ مهرباني؟

ماهہ منور: مان تيار آهيان! مگر هڪ شرط آهي؟

گھوٽ جو پيءُ: ڪھڙو؟

ماهہ منور: جيڪي ڪجھہ سلاميءَ ۾ ملندو سو منهنجو ٿيندو؟

گھوٽ جو پيءُ: ها پٽ! اهو شرط منظور آهي!

جڏهن ڄڃ وارا ماهہ منور کي دستوري گھوٽ بڻائي خوش ٿيندا، ڳيچ ڳائيندا دهل شرنايون وڄائيندا، قاضي صاحب سميت اچي سوداگر جي محل جي سامهون ٿيا تہ سوداگر گھوٽ کي سلاميءَ طور موتي بحيثيت تحفي پيش ڪيو. سلاميءَ بعد سنت ادا ڪري نڪاح جي رسم ادا ڪئي ويئي، نڪاح ختم ٿيڻ بعد هڪ ڏوليءَ ۾ گھوٽ ڪنوار کي ويهاري ڄاڃي اجازت وٺي، پنهنجي شهر ڏانهن راهي ٿيا. هي اڃان ڪجھہ پنڌ مس هليا تہ ڄاڃين ٻيهي ڏوليءَ مان ماهہ منور کي بهاني سان ٻاهر ڪڍي، سندس ڪپڙا پهرين گھوٽ کي پائي، ڪنوار جي ڏوليءَ ۾ ٻئي گھوٽ کي وهاري منزل طرف هلندا رهيا. هيءَ سڄي ماجرا ڪنوار اکين پئي ڏٺي. ٿوري دير کان پوءِ هن پيٽ جي سور جو بهانو ڪري سخت تڪليف ظاهر ڪري رڙيون شروع ڪيون ۽ چيائين تہ جيڪڏهن منهنجي پلائي گهرو ٿا تہ جلد موٽي هلو. آخر ڄڃ وارا صلاح بعد سوداگر وٽ موٽي آيا.

سوداگر ڌيءَ کان پڇيو: وفا پرور! ڇا ڳالھہ آهي!!

ڌيڻس وراڻيو: بابا سائين جنهن سان منهنجو شريعت محمدي موجب نڪاح ڪيو ويو هو سو رستي ۾ ڏوليءَ مان نڪري پنهنجا ڪپڙا ٻئي ماڻهوءَ کي پارائي پاڻ نڪري ويو. هي منهنجو مڙس نہ آهي؟

سوداگر: جوش ۾ اچي چيو: وفا پرور! تون ڪيئن ٿي چوين تہ هي تنهنجو مڙس نہ آهي؟

وفا پرور: بابا سائين! مون ڪيس آئيني ۾ رسم ادا ڪرڻ وقت ڏٺو هو هينئر بہ جيڪڏهن سامهون اچي وڃي تہ مان ان کي چڱيءَ طرح سڃاڻينديس! باقي هي منهنجو گھوٽ نہ آهي.

نيٺ سوداگر پنهنجي ڌيءَ کي متي ماڙي تي وٺي ويو. ڪيس هڪڙيءَ دري سامهون ويهاري چيائين تہ چڱو تون هيٺ نهاري ڏس تہ اهو ڪهڙو شخص آهي. ڪجھہ وقت کان پوءِ ماهہ منور گھمندي جڏهن ان محل جي هيٺان دريءَ سامهون لنگھيو تہ وفا پرور ڏسندي پيءُ کي چيو بابا سائين! اڃهو هيءُ اهو ماڻهو آهي، جنهن جو مون سان نڪاح ڪيو ويو هو.

سوداگر ماهہ منور کي گهرائي پنهنجي ڌيءَ سندس حوالي ڪئي. خوش نصيب وفا پرور

پنهنجو خاوند حاصل ڪري، پنهنجي مڙس سميت عيش سان زندگي گذارڻ لڳي. ڪيترن ڏينهن ڪانپوءِ ماهه منور، وفا پرور کي چيو: منهنجي پياري! مون کي پنهنجن جي سڪ ستايو آهي، سو توهان پنهنجي پيءُ کان اجازت وٺو تہ سفر کي خير خوبيءَ سان پورو ڪري، پنهنجي نئين دنيا جنت ۾ تبديل ڪريون.

وفا پرور ٻئي ڏينهن پيءُ کان اجازت ورتي. پوءِ ٻنهي پنهنجي سفر جو سامان سانباهي، سهائي رات جو سير ڪندا جڏهن شهر کان ٻي منزل تي پهتا تہ اتي ماهه منور کي خيال پيدا ٿيو تہ جيڪر مالڪ مون کان پڇي تہ توکي موتي وڪڻڻ لاءِ موڪليو هئم يا عورت پرڻجي اچڻ لاءِ تہ پوءِ ڪيس ڪهڙو جواب ڏيندس، اهو خيال ڪري وفا پرور کي سنسان بيابان ۾ دولابو ڏيئي چيائين تہ توهان اتي ترسو تہ مان ڪٿان پاڻي هٿ ڪري ڪٽي اچان! ائين چئي پنهنجي زال وفا پرور کان ڌار ٿي هليو ويو. وفا پرور! وفا جي پتلي پنهنجي مڙس ۾ وفا جو اعتقاد رکي، سندس سڄ لٿي تائين انتظار ڪندي رهي. آخر لاچار ٿي آواز ڪري ڪيس پڪارڻ لڳي، جڏهن ڪيس سڏ جو ڪو جواب نہ مليو تہ هڪ طرف منهن ڪري هلڻ لڳي.

ڪجهہ منزلون طئي ڪندي لاچار سڀ زيور لاهي هڪڙي ٿانو ۾ وجهي، فقيراڻو ويس ڪري ماهه منور، ماهه منور ڪندي جهنگ جهر لتاڙيندي اتفاق يا خوش نصيبيءَ سان ماهه منور جي ديس ۾ اچي نڪتي. شهر وارن کان سندس جاءِ جو ڏس پڇي، سندس جاءِ پرسان دونهين دکائي صوفي فقيرن وانگيان ويهي رهي. ڪيترن ماڻهن ڪيس نذرانا پئي آڇيا، مگر هوءَ لاطمعي ۽ اطمينان سان سڀ ڪجهہ ٻڌندي رهي، پر ورتائين ڪنهن کان ڪاري پائي بہ ڪانہ. پوءِ بہ هوند وارا ڪافي نذرانا پيش ڪري رمندا ٿي رهيا.

هڪڙي ڏينهن آڏو (پير مرد سفيد ڏاڙهيءَ وارو) بہ ان وٽ هڪ ماني ۽ هڪ پيسو هوند سارو وجي خدمت ۾ پيش ڪيو. هن مون کي ڏسي چيو تون ماهه منور جو ڇا آهين؟ انهيءَ جي جواب ۾ هٿ ٻڌي ڪيس وراڻي ڏنم. فقير بابا ماهه منور مون بدنصيب جو پٽ آهي.

وفا پرور يعني فقير اهو ٻڌي مون کي چيو بابا اڄ رات تون مون وٽ ضرور اچجانءِ. مان سندس جاءِ تي قريباً هڪ ڏيڍ ٻجي ويس، هن مون کي ڏسي ڪيترائي هيرا جواهر، نقد، سونيون مهرون ڏيئي چيو جلد بہ جلد سنو بنگلو تيار ڪرائج.

وفا پرور جي مليل رقم مان هڪ عاليشان بنگلو تيار ڪرائي اچي فقير (وفا پرور) کي چيو: فقير صاحب بنگلو نهي راس ٿي ويو. اهو ٻڌي هو هڪدم مون سان گڏجي بنگلي ۾ آيو ۽ اچي چيائين: هي وٺو ربيا، هنن پئسن مان پنهنجيءَ ساريءَ برادريءَ جي دعوت ڪر ۽ ماهه منور جنهن وٽ رهي ٿو تنهن کي بہ دعوت ڏئي گهراءِ! جڏهن دعوت کائڻ اچي، تڏهن سيني برادريءَ وارن جي روبرو ڪيس 50 روپيا ڏيئي ماهه منور کي آزاد ڪرائجانءِ!

دستور موجب سينئي گڏجي دعوت کائي هٿ منهن ڌوئي، اڃان مس واندا ٿيا تہ مان اڳتي وڌي ان سوداگر کي چيو: اي برادر! پنجاهہ روپيا وٺ ۽ ماهه منور جگر جاني کي منهنجي حوالي ڪر.

سوداگر کلي چيو: اي دوست! مان تنهنجي پٽ ماهہ منور جي وسيلي ڏاڍو ڪمايو آهي، سو اهي روپيا ۽ تنهنجو پٽ توکي مبارڪ هجي!

وفا پرور نئون فقيراڻو ويس ڪري اندر ڪوٺيءَ ۾ ويٺي رهي، جڏهن ماهہ منور سوداگرن کان آزاد ٿي، اندر ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ ڪيس سجاتائين ۽ ڏاڍو پشيمان ٿيو.

وفا پرور: اڇو! هليا اڇو!! طبيعت تہ نيڪ آهي. پاڻي بہ مليوَيا نہ!!

ماهہ منور ڪنڌ هيٺ ڪري وراڻيو: مان پاڻ کي انهيءَ لائق نٿو سمجهان، جو تنهنجي سامهون اچي سگهان! خدا جي واسطي شرمسار نہ ڪر.

وفا پرور کلي چيو: اي پيارا دلبند! گذريءَ کي ياد نہ ڪر! انهيءَ ۾ ـو رب تعاليٰ جو راز سمايل هو.

ماهہ منور: پياري وفا! آئون توکان معافي ٿو گهران! خدا جي واسطي مون کي معاف ڪج.

وفا پرور: اي منهنجا پيارا ور! مون کان معافي وٺي، مون کي گهنگار نہ ڪريو. آئون تہ اها ئي توهان جي پيرن جي پٽي آهيان.

مان (پير مرد) انهن جي محبت ڏسي دل ۾ حيران ٿي ويس ۽ سوچيم تہ واقعي ئي دنيا اندر ليليٰ مجنون، سسئي پنهون، هير رانجهو ۽ سهڻي ميهار جا قصا سچا آهن، نہ تہ مون کي اهي صاف افسانا نظر ايندا هئا، مگر اڄ انهن جي سچي محبت ڏسي اڳين زماني جي وفا پروري ياد پيئي.

اي عزيزم (شهريار) الله تعاليٰ جي مهرباني سان تجارت رات ۾ بيٺي ۽ ڏينهن جو چوڻي ٿيندي رهي. اڄ ايترو مال جمع آهي، جو شايد ڪنهن بہ سوداگر وٽ نہ هجي، مگر خدا جي خوف کان رات ڏينهن توبه ٿو ڪريان. انهيءَ کان اهو لکيو ويو آهي تہ ”خوف کان خوف نہ اٿيئي تہ پوءِ خدا جي غضب کان خوف ڪر.“ جيئن سڀ رستي ويندڙ پڙهن ۽ تڪبر جو دم نہ ڀرين.

شهريار خدا جا شڪرانا بجا آڻي، پير مرد کان موڪلائي، منزل بہ منزل ڪندو سنسان بيابان لتاڙيندو مهينن جا سفر ڏينهن ۾ طئي ڪندو خير خوبيءَ سان اچي ايران ۾ شهربانوءَ جي پيءُ سوداگر وٽ پهتو. ٽئين سوال جو جواب ٻڌائي پنهنجي مقصد لاءِ اميدواريءَ جي حيثيت ۾ انتروبو واسطي ويٺو رهيو.

سوداگر کلي شهريار کي ڀاڪر پائي، پنهنجي ڪيل اقرار موجب ڌيءَ شهر بانوءَ سان ڌام ڌوم ۽ خوش اصلوبيءَ سان سندس شادي ڪرائي.

گمنام اوشاڪ لکي ٿو تہ اڳتي هلي شاهہ زمان جي شاهي تخت اڳيان قصي ڪندڙ طرف پنهنجي مٺي زبان سان اهڙي نموني داستان شروع پئي ڪيو گويا حاذق، ڊاڪٽر ۽ طبيب ٻڌجي شهنشاهہ عاليشاهہ جي تندرستيءَ لاءِ دعا گهري رهيو هو. خير شهريار جڏهن پنهنجي ڳالهہ مفصل طور پيش ڪري ختم ڪئي تہ شهزادي گل ڏسي ڪيس چيو: شهنشاهہ عاليجاهہ! ڇا اوهين پنهنجي دلربا کي هن وقت بہ سڃاڻي سگهندءِ؟

شهريار: ها ها! ڇو نہ!!

شهزادو گل شهريار کي پنهنجي دوست ڏانهن اشارو ڪري چيو: هن شخص کي غور سان ڏس. هن ايترو مس چيو تہ. شهزادي شهريار ڪيس سڃاتو ۽ چيائين الحمدالله.

ائين چئي شهربانوءَ کي پاڪر پاتائين. شهربانو ته اڳ ئي محبت جي ماريل ۽ عشق جي ستايل هئي، ايتري تائين به شهزادي گل جو لحاظ پئي رکيائين. شهزادي جي پاڪر پائڻ سان سندس نازڪ چشمن مان بي بها قيمتي موتي ٽِمي، خشڪ زمين کي ابدي پاڻي پهچائي، فصل کي ڪارآمد بڻائي رهيا هئا. شهزادي گل گهٽي تڪليفن بنهي کي هڪ ٻئي تي کين ڳالهائڻ جو موقعو ڏيئي خوش ڪيو.

شهربانوءَ شهزادي شهريار کي چيو: اي منهنجا جاني! هي سڀ مهرباني شهزادي گل جي آهي، ورنه هڪ ٻئي جو ديدار مشڪل نصيب ٿئي ها.

شهريار: شهزادا گل مان ته دل سان توهان جو شڪر گذار آهيان، جو منهنجي ۽ هن جي بلڪ اسان جي قسمت سنواري آهي. توهان اهو اسان مٿان وڏو احسان ڪيو آهي، جنهن جو انداز دل، جسم ۽ جان نٿي ڪري سگهي. اوهان کي رب العزت پنهنجي مراد ۾ جلد ڪاميابي عطا فرمائيندو. آمين.

ڪجھ ڏينهن گذرڻ بعد شهزادي گل، شهزادي شهريار کان چوغان شهر ڏانهن وڃڻ ۽ خنجر طلسم پيچندڙ جي آڻڻ جي اجازت گهري.

شهريار: مارا! گل ايتري تڪڙ!! حق تي باغبان چوندا آهن ته مکڙيءَ مان گلن نڪرڻ جي دير ئي ڪانه ٿيندي آهي، سو تون به گلاب جي مکڙي سان واسطو ٿو رکين.

شهزادو گل: ائين برابر آهي! آخر مان به هڪ باغ جو گل آهيان. مون کي توهان کان جدا ٿيڻ تي دل نٿي گهري، مگر ڇا ڪريان عشق مجبور ڪري فرض مائل ڪيو آهي.

شهريار: ته پوءِ آءٌ اوهان سان گڏجي هلڻ لاءِ به تيار آهيان.

شهزادو گل: اي برادرم! ان مسافريءَ تي وڃڻ کان اوهان خود منع ڪيو! هاڻي وري پاڻ تا هلو! خدا جي واسطي انهيءَ ارادي کان باز اچو؟

شهريار: نه، نه! ائين هرگز نه ٿيندو. حيف آهي اهڙيءَ زندگيءَ تي جو هڪ دوست ڏکن ۾ هجي ۽ ٻيو ويٺو آرام ڪري. اهڙي بيجا هلت مون کان ڪانه پڄندي.

مجبورن شهزادو گل، شهزادي شهريار کي ساڻ ڪري منزل مقصود ڏانهن راهي ٿيو. واٽ تي کين ڪيترين ئي مشڪلاتون درپيش آيون، جن سان نهايت صبر ۽ استقلال ۽ جوانمرديءَ سان منهن ڏيئي پاڻ مڃائيندا رمندا رهيا.

مينا: ادا طوطا! اهي ڪهڙيون مصيبتون شهزادن کي درپيش آيون، جن کي صبر سان پئي منهن ڏنائون؟

طوطو: اي ادي مينا! نهايت دلچسپ ۽ حيرت ۾ وجهندڙ آهن، جي ٻئي باب ۾ بيان ڪندس.




## شهزادي گل جو طلسم مان آزاد ٿيڻ ۽ ديون کي قتل ڪرڻ

طوطي وري شهزادي گل جي ڏکن ۽ تڪليفن کي هن ريت بيان ڪيو:

هڪڙي ڏينهن شهزادو گل دستور موجب شڪار جي تياري ڪري جهنگل ۾ هڪ سنسان بيابان صحراءِ مصر جي ميدانن ۾ اچي نڪتو جتي سواءِ عاليشان محل جي پيو ڪجهه به ڪين ڏٺائين. هي عاليشان رونق دار محل ڏسي حيران ٿي، پنهنجي دل سان گفتگو ڪري، آخر ان راءِ تي پهتو ته ڪهڙي نموني به انهيءَ خوشنما محل جو راز حاصل ڪري پنهنجي دل کي تراوت ڏيارجي."

اهو خيال قائم ڪري پنهنجا قدم وڌائيندو جڏهن ان شاهي محل جي پرسان پهتو ته ڪيس سواءِ انساني هڏن جي ڪوبه محافظ محل ۾ ڪونه هو. هن انساني پڃرن کي ڏسي عجب ۾ پئجي مظلوم فريادي‌ءَ مثل انصاف واسطي چؤطرف نگاهون ڦيرائي، بسم الله جو ورد ڪندو خوني محل جي شاهي دروازي رستي بيگناهه قيدي‌ءَ مثل، ان غيبي موتمار محل جي ڏاڪڻ جي پهرين ڏاڪي تي پير رکي اڃا چڙهيو ئي مس ته اسپرينگن واري ڏاڪي مان هڪ زهريلو تير اهڙي ته وحشتناڪ ۽ خوفناڪ آواز سان اُيو ڇٽو جو ذري گهٽ شهزادي کي لڳڻ تي هو اگر پنهنجا قدم پوئتي هٽائي پاڻ نه سنڀالي ها ته هوند هين انساني هڏن وانگر هن جا هڏا به ان ڍير جو حصو بنجن ها.

خدا جي ڏنل نئين سر حياتيءَ تي سندس شڪرانا بجا آڻيندو اتي اڃا ڏاڪڻ چڙهڻ جي ڪوشش ئي ڪري رهيو هو ته سندس نگاهون سامهون پيل تختيءَ تي وڃي پيون، جنهن تي لکيل هو:

(1) اي انساني جسم! جيڪڏهن پاڻ کي هن طلسمي محل ۾ داخل ڪرڻ چاهين ٿو ته پوءِ خبرداريءَ سان پهريون ڇڏي ٻئي ڏاڪي تي پير رکي ۽ ٽيون ڇڏي چوٿين تي پير رکج، اهڙي نموني وچ وارو ڏاڪو ڇڏيندين ته پاڻ کي خير خوبيءَ سان خوني محل ۾ داخل ڪري سگهندين.

(2) جيئن جو هي محل هڪ وڏي مها جادوگر جو ٺاهيل آهي، تنهنڪري پنهنجي وجود کي هر خطري کان بچائڻ خاطر دروازي جي مٿان لکيل تختيءَ کي خيال ۾ رکي، انهن اکرن کي پنهنجو صحيح رهبر تسليم ڪري، آيت الڪرسي پڙهندو قدم وڌائيندو رهيو.

شهزادو گل ان لکيل تختيءَ جي رهبريءَ سان ڏاڪڻ پار ڪري جڏهن وچين دروازي وٽ پهتو ته ڪيس ساڳئي نموني تختيءَ نظر آئي، جنهن تي لکيل هو:

”اي مجسم هستي! هن دروازي کان اندر ڪمري ۾ طلسمي ٺاهيل هڪ نازنين حسينه پنهنجي پُر فريب نگاهن سان ڏسڻ ۾ ايندي ۽ ان جي مُنهن تي ريشمي رئي جو فريبي پردو چڙهيل هوندو خبردار! جيڪڏهن ان پردي کي پنهنجي ڪم عقليءَ کان سندس منهن تان هٽائيندي ته پاڻ کي وڏي نقصان ۾ وجهندين!!“

شهزادو گل دروازي واري تختي پڙهي، آيت الڪرسيءَ جو ورد ڪندو دروازو پار ڪري ان ڪمري ۾ پهتو. اندر ڇا ڏسي ته سبحان الله! هڪ جنت سان سينگاريل ڪمري ۾ هڪ عاليشان پلنگ تي هڪ نازنين حسينه شڪل ۽ صورت نيلوفر پريءَ جي، واقعي پنهنجي مُنهن تي رئي سان پڙدو ڪري، پنهنجي نشيلين نگاهن سان وچڙيل عشق جو پيام پهچائي، ويجهو اچڻ لاءِ مجبور ڪري رهي آهي.

شهزادو ان ماهه جبين نازنين کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو ڪيس نيلوفير سمجهي ڪري ويجهو ٿيندو رهيو. تان جو قريب اچي چيائينس: افسوس! نيلوفر مون کي فريب ڏيئي پاڻ اچي مون کان اگهوات پهتينءَ! ڀلا پياري خير ته آهي نه؟“

مصنوعي نيلوفر، شهزادي کي فريب ۾ آڻڻ لاءِ اکين جو اشارو ڪري پنهنجي مجبوري ظاهر ڪئي.

شهزادو گل: پياري اهڙي ڪهڙي مجبوري هئي، جنهن توکي مون کان اڳ هت آندو. خير پنهنجي حسين چهري تي مون کان حجاب جو پردو ڇو ڪيو اٿئي؟ آخر مون کان اهڙي ڪهڙي خطا ٿي آهي، جنهن لاءِ ايڏي سزا ڏيئي چهرو لڪايو ٿو وڃي. ڇا اوهان وٽ منهنجي محبت اهو امتحان آهي؟“

ماهر لکي ٿو ته شهزادو گل ان فريبي نازنين کي اصلي نيلوفر سمجهي الاءِ ته ڇا چوندو رهيو. ڪيس تختيءَ وارا رهبري ڪندڙ لفظ به ڌيان ۾ نه آيا. نيٺ محبت جي جوش ۾ اچي حد کان وڌيڪ سخت ڪلامي به شروع ڪيائين ۽ هوڏانهن نازنين سنهي ريشمي ڪپڙي اندران مشڪندي نظر آئي. آخر جڏهن ڏٺائين ته مسافر فريب ۾ اچي چڪو آهي، تڏهن هن ڪامياب شڪار کي ڦاسائڻ لاءِ چيو: اي دلبند! مون کي اوهان کان ڪهڙو حجاب آهي. مان ته پاڻ اوهان جي انتظار ۾ هيس ته ڪڏهن تو محبوب اچي حياءَ جو پردو چاڪ ڪري. نيٺ منهنجي دعا برثواب پيئي جو اوهان شهزادن پنهنجي حسن جو جلوو ڏيکاري بي چين طبيعت کي قرار بخشيو ۽ بس هاڻ ته لفظ نٿا سجهن ته مان ان مالڪ جو ڪهڙيءَ طرح شڪريو ادا ڪريان!“

شهزادي گل مصنوعي نيلو فر جي قريب ۾ اچي چيو: اي پياري نيلوفر! پوءِ پلا هي کهڙو حجاب آهي! ائين چئي سندس منهن تان پردو لاٿائين ئي مس تہ ساري محل ۾ گجگوڙ ۽ خوفناڪ رڙيون پيدا ٿيون ۽ ايتري ۾ حسينہ بہ غائب ٿي ويئي. هي دهشتناڪ آواز ٻڌي شهزادو گل بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو ۽ اها بہ خبر نہ پيس تہ ڪٿي ڪريو آهيان. جڏهن هوش با سلامت ٿيس، تڏهن پاڻ کي بي يار مددگار اُڄ بک ۾ هڪ خطرناڪ بيابان ۾ ڏٺائين. جتي واري کان سواءِ ڪجھہ بہ نظر ڪين ٿي آيو.

شهزادو بک، اڃ جي پريشانيءَ ۾ چرين وانگيان اُٿي ڊوڙڻ لڳو. مگر هاڻ تہ هلڻ جي بہ منجهس طاقت نہ رهي هئي، ڇو تہ سندس ڪارائتا عضوا ڪاڏي خوراڪ ڪانسواءِ جواب ڏيئي چڪا هئا. آخر الله تبارڪ وتعاليٰ جي درگاهہ ايزديءَ ۾ ٻئي هٿ مٿي ڪري مدد واسطي دعا گهري ٿي رهيو هو تہ سندس پنيان سفيد پوش بزرگ پٺيءَ تي هٿ رکي تسلي ڏيندي چيس: اي شهزادا تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر.

شهزادي گوڙها ڳاڙي چيو: بک ۽ اڃ جي تڪليف ڪري ڳالهائڻ جي طاقت ڪين اٿم! ۽ نہ وري اٿي ويهي سگهان ٿو سو مراد حاصل ڪري ڪيئن سگهندس؟

سفيد پوش بزرگ کلي، پنهنجا ٻئي هٿ سڌا ڪري سندس لاءِ غيبي ڪاڏو گهرائي اڳيان رکي کيس چيو: طعام نوش فرمايو!

شهزادي ڪائي پي ڏؤ ڪري سندس مهربابي مڃي ۽ کيس سموري حقيقت بيان ڪري ٻڌائي، انهيءَ تي نيڪ بخت بزرگ کيس صلاح ڏني تہ جو گذريو سو گذر ڪيو ويو ۽ هينئر تون پنهنجي ملڪ جي راهہ وٺ! نہ تہ مفت تڪليفن ۾ اچي مارجي ويندين!! هتي سڀ وڻ ٽڻ ۽ جهنگل جادوءَ جا نهيل آهن. هن اندر جيڪا بہ شيءِ ڏسين ٿو سا سڀ جادوءَ جي نهيل آهي.

شهزادي گل پير مرد سفيد پوش بزرگ جي تقرير ٻڌي ڪائونس نالو پڇيو.

سفيد پوش بزرگ: منهنجو نالو راهگير آهي! توڪان اڳ انهيءَ جاءِ وٽ هڪڙي ملڪ جو بادشاهہ بک ۽ اُڃ جي پريشانيءَ ۾ بيهوشيءَ جي حالت ۾ پيو هو. آئون کيس دلجاءِ ڏيئي طعام وغيره ڪارائي ڪائنس احوال پڇيو جنهن تو واري ماجرا بيان ڪئي. مان کيس هدايت ڪري صحيح رستي تي آڻي، واپس گهر وڃڻ جي تلقين ڪئي. بهرحال، آئون سڀ ڪنهن کي انهيءَ طلسم ڏانهن وڃڻ کان منع ڪندو آهيان.

شهزادي گل هدايت ڪندڙ راهگير کان پڇيو: هن جاءِ کان اڳتي پيو بہ ڪوئي طلسم آهي؟

سفيد پوش راهگير: هن جادوءَ جي ميدان ڪانپوءِ اول طلسمي جاءِ آهي، جتي هزارها آڻتون انسان ذات لاءِ وات ڦاڙيو بيٺيون آهن. اهڙيءَ طرح درجي بدرجي جادوءَ جا موتمار خوني محل، تنهن سواءِ برپٽ، ميدان، جبل سمنڊ بہ جادوءَ جي اثر سان پرپور آهن. ان کان پوءِ هڪ شهر جتي سڀ ننڍا وڏا ديوَ جِنَ باهہ جي پوڄا ڪندا آهن. اهو باهہ جو گهر هڪ خطرناڪ وڏي ديوَ جو آستان آهي، جتي سندس خنجر طلسم باهہ جي وچ ۾ حفاظت لاءِ پيل آهي، جنهن ۾ سندس ساهہ آهي. هي سڀ ڪجھہ ان ديوَ

جي طلسمي خنجر جي حفاظت لاءِ جادو جا اسرار برپا ڪيل آهن. ان ديو ڪانسواءِ اتان جي ڪنهن به ديوَ کي طاقت نه آهي، جو باهه جي وچ ۾ وڃي ڪجهه ڪري سگهي. ان جاءِ اندر خواهه آس پاس پکي به پَرُ نٿو هڻي سگهي، باقي انساني پتلي کي ڪهڙي طاقت جو اوڏانهن نهاري سگهي.

البت، جيڪو بهادريءَ ۾ جفاڪشيءَ سان ڪاميابي حاصل ڪرڻ چاهي ته پوءِ ڪيس هيءَ آيت: "لااله الاالله الا انت سبحانك انى كنت من الظالمين" پڙهندو ازانسواءِ سردار دوجهان مٿان درود شريف پڙهي شوڪاريندو ويندو ته انشاءَ الله تعاليٰ خدا جي فضل سان طلسم کي ٽوڙي، ان خنجر کي حاصل ڪري، پنهنجي مراد تي پهچي سگهي ٿو!

خيالي تصورات جو لکندڙ لکي ٿو ته سفيد پوش شهزادي گل کي سموري ماجرا ٻڌائي، ڪيس سنئين رستي لاءِ ۽ پاڻ گم ٿي ويو. شهزادو ڏاڍي تعاليٰ جا شڪرانا ادا ڪندو، پنهنجي دل ۾ چوندو آيو: "هاڻي مون کي شهر طفلس جو پورو پورو پتو مليو. انشاءَ الله جلد مراد ماڻي نيلوفر پري حاصل ڪري پنهنجي دنيا وسائيندس."

اهي خيال پچائيندو شهزادي شهريار وٽ پهتو. موڪلائڻ وقت ڪيس چيائين، تنهنجي هلڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي، ڇو ته انهيءَ جڳهه جو "مون کي پورو ڏس ملي ويو آهي.

شهزادي شهريار حيرت ۾ پئجي پڇيس: اهڙي خطري واري جاءِ جو پتو اوهان کي ڪنهن ڏنو؟

شهزادو گل کلندي جواب ۾ سموري حقيقت، شڪار تي وڃڻ، محل ۾ گهرڻ، منصوعي نيلوفر جي منهن تان پردو هٽائي بيابان ۾ اچڻ، ڏاڍي پاڪ کان دعائي مدد گهرڻ، سفيد پوش بزرگ جو حاضر ٿيڻ، مطلب ته سمورو قصو ڪري ٻڌايائيس!

شهريار: ائين برابر آهي ته ڏس توهان کي ملي چڪو مگر مان اوهان کي اڪيلو ڪونه ڇڏيندس، ڇو ته اتان ڪوبه شخص جيئرو واپس ڪونه آيو آهي. خدا واسطي انهيءَ ارادي کان باز اچ يا مون کي به ساڻ ڪڻ!

مگر شهزادو گل ڪڏهن به باز اچڻ وارو نه هو ڇو ته عشق جي باهه رڳ رڳ ۾ سمائجي، سندس رت سان ملي چڪي هئي. شهريار جي نصيحت تي ڪوبه عمل نه ڪيائين ۽ پنهنجي ئي ضد تي قائم رهي چيائين: "اگر منهنجي تقدير ۾ شهر طفلس جي ميدانن ۾ موت آهي ته ڪنهن به صورت ۾ بچي ڪونه سگهندس. جيڪڏهن حياتي آهي ته پوءِ خير خوبيءَ سان طلسمي خنجر هٿ ڪري، ديوَ نابڪار کي هميشه هميشه لاءِ جهنم ۾ موڪلي، پاڻ نيلوفر پريءَ سميت جنت الفردوس جو سير ڪندس." هن وقت مان صرف مٿل جي صورت ۾ آهيان، مون کي وڌيڪ هدايت نه ڪريو."

لکڻ وارو لکي ٿو ته شهزادو گل نيٺ شهزادي شهريار کان دعائن بعد موڪلائي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ شهر طفلس ڏانهن راهي ٿيو. واٽ تي طلسمي فريبن کان آيت جي وسيلي پاڻ بچائيندو پٺي هليو ايستائين جو واٽ تي ڪيترن ديون سان مقابلو به ڪرڻو پيس، جتان گم شم نيلوفر واريءَ ڏنل منديءَ وسيلي آزاد ٿيندو ديون کي جهنم رسيد ڪندو شهر طفلس ڏانهن وڌندو رهيو ۽ جتي جتي شهزادي کي حد کان وڌيڪ تڪليفون سامهون اچي رهيون هيون، اتي پير

مرد بزرگ جي ٻڌايل هدايت موجب آيت الڪرسي جي ورد ۽ درود شريف جي برڪت سان تڪليفن کان ڇوٽڪارو پئي حاصل ڪيائين.

آخر شهزادو گل منزل به منزل ڪندو هڪ اهڙي جاءِ تي پهتو. جتي ڪيس هڪڙي حسينه نهايت دردمند ۽ هيٺي حال ۾ مِلي. سندس وار ڇڙيل، مٿي ۾ مٽي پيل هئي ۽ هوءَ روئي رڙي رهي هئي. شهزادي ويجهو وڃي ڪائنس سندس مصيبت جو حال پڇيو. هن ڪيس ڏسي چيو: مان پاڻ ڌڻي تعاليٰ کان مدد گهري رهي هيس. شايد توهان ان طرفان منهنجي مدد لاءِ آيا آهيو؟

شهزادو گل: "هائو ڀيڻ! انهيءَ مالڪ ئي تنهنجي مدد لاءِ مون کي موڪليو آهي، پر پنهنجي مصيبت جو احوال ته ٻڌاءِ ته آخر ڳالهه ڇا آهي؟"

شهزادي جي همدردي ڏسي ڏکن ڏتل حسينه هڪ ظالم ديوَ جي ظلم جو احوال ٻڌائي چيو: ديو نابڪار ڏاڍو خيال ڪيو ته شوق محبت جو مزو وٺان، مگر مان ان جو اهو خيال پروڙي دل ۾ پڪو ارادو ڪيو ته ان عصمت فروشيءَ کان خودڪشي بهتر آهي، سو پاڻ وٽ هڪ خنجر محفوظ رکيم ته جيڪر ظالم ديو منهنجي پاڪ دامن تي داغ هڻڻ چاهي، ته مان پاڻ قربان ڪريان. سو اهو خيال ڪري خنجر کي محافظ سمجهي، پنهنجي سيني سان سانڍي رکيم.

هڪڙي ڏينهن انهيءَ ظالم ديو پنهنجو خيال ظاهر ڪري ويجهو اچي رهيو هو ته مون خنجر ڪڍي اچان پاڻ کي هنيو ئي مس ته ديوَ منهنجو هٿ پڪڙي خنجر کسي پري ڦٽو ڪندي چيو: توکي ائين سولو مرڻ ڪونه ڏيندس. باقي منهنجي مرضي آهي ته مون سان ريجهي منهنجي من جي مراد پوري ڪر. هاڻ توکي صرف ڇهن مهينن جي اجازت ڏيانءِ ٿو انهيءَ عرصي اندر مان ڪڏهن به توکي بري نگاهن سان ڪين ڏسندس، مگر مدت پوري ٿيڻ بعد پنهنجي مقصد کان باز نه ايندس." ائين چئي هليو ويو. اڄ سندس مدت جو آخري ڏينهن آهي. مان ڇا ڪريان! هڪ ڪمزور عورت آهيان! مجبورن مون کي پاڻ مارڻو پوندو ڇو ته عزت لٽجي وڃڻ کان پوءِ جيئڻ ڪهڙو آهي، پر پوءِ به پنهنجي پالڻهار کي ڪونه وساريم. جنهن وٽان مهنجي مدد لاءِ رب العزت طرفان تو جهڙو بهادر نيڪ سيرت ۽ بااخلاق مرد مجاهد ظاهر ٿيو. مان ان ذات پاڪ جو ڪهڙي زبان سان شڪريو ادا ڪريان!

شهزادو گل: توهان ڪوبه خيال نه ڪريو جيئن خدا پاڪ کي منظور هوندو تيئن ٿيندو پر پوءِ به ڪوشش ڪرڻ اسان جو اولين فرض آهي!

لڪاري اڳتي لڪي ٿو ته مدت ختم ٿيڻ تي ظالم ديو به آدم بو ڪندو اچي وارد ٿيو. شهزادي گل نيلوفر جي ڏنل منديءَ وسيلي پاڻ کي گم ڪري سموري حالت ڏسندو رهيو. ديو اچڻ سان مظلوم پريءَ کان پڇيو: ڏي خبر هاڻ تنهنجي مرضي ڇا آهي؟ مدت ختم ٿي ويئي، هاڻي مان پنهنجو ارادو تاري نٿو سگهان!"

مظلوم پري ديو جي واتان ساڳيا ئي لفظ ٻڌي، ڪيس جواب ڏنو: اهو ڪم مون کان ڪڏهن به ٿي نه سگهندو! پاڻ ماريندس مگر توکي هٿ لائڻ نه ڏيندس! ان لاءِ بهتر اهو آهي ته منهنجي حال تي رحم کاءُ. منهنجي عزت تي ٽڪو نه لاءِ!

ڦهري ديوَ پنهنجي جوش ۾ اچي چيو: "رحم! اي حسينہ توتي رحم!! سو بہ منهنجي هٿان, اهو ڪڏهن ٿي نہ سگهندو." ائين چئي پنهنجا ٻئي مضبوط هٿ پريءَ جي چيلهہ ۾ وڌائين تہ هڪدم پري خوفزده ٿي, بيهوشيءَ جي حالت ۾ زمين تي ڪري. ديو پنهنجي مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس هوش ۾ آڻڻ واسطي مٿس گلاب جو پاڻي ڇٽڪاري ڪيس وري اٿاريو. اهو سڀ ڪجهہ شهزادو گمناميءَ جي حالت ۾ ڏسي رهيو هو سو وڌيڪ نہ سهي, دل سان آيت ڪريمہ ۽ درود شريف پڙهي, ان ظالم ديوَ جي منهن ۾ شوڪاريائين. درود جي برڪت سان اهو ديو بہ فرلانگ پري هٽي ويو هن جي هتجڻ تي پاڻ ظاهر ڪري ڪيس چيائين: "ظالم توکي شرم نٿو اچي جو هڪ حياءَ جي پتليءَ تي زور زبردستيءَ سان شرمناڪ ڪوشش ڪري رهيو آهين؟"

ديو انسان ذات کي ڏسي حيران ٿي دل ۾ چيو تہ شايد هي اهو شخص آهي, جنهن جي نالي اسان جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ طلسم ۾ هڪ اهڙو ماڻهو ايندو جيڪو سڀ منڊل ڊاهي, ساري طلسم کي پاش پاش ڪندو. ٿي سگهي ٿو مٿان اهو هجي, سو خيال کي پڪي ارادي جي ڪڙي ۾ آڻي, ڏڪندي پنهنجي سردار ڏانهن روانو ٿيو. جنهن هن کي خوف زده ڏسي ڪانئس پڇيو. خير تہ آهي. ديوَ جواب ڏنو: آقا اسان جي طلسم ٽوڙڻ لاءِ هڪ انسان ذات جو ٻچڙو ميدان ۾ پهچي چڪو آهي. خبر ناهي تہ الائي ڪهڙو جادو اٿس, جنهن جي زور تي مون کي بہ ڀڄائي ڪڍيائين. سردار اهو ٻڌي ڪيس چيو: افسوس هڪڙي ضعيف انسان ڪان ڏڪي رهيو آهين, جو هڪڙو گرهہ وات جو ٿي سگهي ٿو. خير تون بي فڪر ٿي ويهہ آئون انهيءَ جو پاڙهي بندوبست ڪندس.

ٻئي ڏينهن سردار ديوَ جادوگر وٽ ويو جو هڪ خوفناڪ جادوگر هو تنهن کي هن چيو تہ هڪدم ان عورت ۽ شخص کي منهنجي خدمت ۾ پيش ڪر. جادوگر اهو ٻڌي مچ کي وڪڙ ڏيندو شهزادي گل جي سامهون اچي ٿيو. شهزادي گل هن کي ڏسي منڊيءَ وسيلي پاڻ گم ڪري وينو رهيو. جادوگر حيرت ۾ پئجي دل ۾ سوچيو: اڳ هڪڙو مرد وينو هو مگر هاڻي اهو ظاهر ئي ڪونهي. ايترو جلد منهنجي اکين سامهون گم ٿي ويو. ضرور اهو بہ ڪو بهادر هوندو جنهن لاءِ ديوَ مون کي حڪم ڪيو آهي. پري جادوگر کي ڏسي خوف کان بيهوش ٿي ويئي. جادوگر ڪيس مضبوط ٻڌي ڪلهن تي رکي اجان روانو ٿي رهيو هو تہ شهزادي گل تلوار سان نابڪار جادوگر جي مٿان اهڙو تہ ڦهري وار ڪيو جو سموري بدن مان رت ڦوهاري مثل وهي نڪتو ۽ ديوَ بيهوش ٿي ويو. ڪيس ايترو هوش بہ ڪين رهيو تہ پنهنجي بدن تان رت صاف ڪري. ايتري ۾ شهزادي گل مٿانهس ٻيو وار ڪيو جنهن ۾ جادوگر ملعون جهنم رسيد ٿيو.

شهزادي هن جي مري وڃڻ بعد گمناميءَ کان ظاهر ۾ اچي پريءَ کي دلجاءِ ڏيڻ لڳو پوءِ ڪيس وطن پهچايائين ۽ چيائينس: ڌڻي تعاليٰ کي هميشه ياد ڪندي ڪر جيڪو غفور ۽ رحيم ئي اسان جي جان, مال ۽ غيرت جو محافظ آهي. اهو ئي مالڪ مهربان آهي, جيڪو سڀ جي سنڀال ڪري ٿو ۽ تون ٻڌو هوندو تہ ڪيئن اهو ڇوڪر مصيبتن کان نجات حاصل ڪري امن ۾ رهيو ايستائين جو وار جو بہ نقصان نہ ٿيس؟

مينا: طوطا! ڀهريائين اهو تہ ٻڌاءِ مظلوم ڇوڪر جي ڇا حقيقت هئي؟

طوطو مينا جي ڪيل سوال جي جواب ۾ ان مظلوم ڇوڪر جي هن ريت حقيقت پيش ٿو ڪري:
ايران جي شهر ۾ هڪڙيون ٻه عورتون هيون، جن مان هڪ کي پٽ پيدا ٿيو ۽ ٻئي کي اولاد ڪونه هو. ٻي اولادي عورت هن غريب اولاد جو پٽ چورائي پاليو. ڪجهه ڏينهن بعد اڱڻين عورت قاضي اڳيان پنهنجي درد جي دانهن پيش ڪري چيو: فلاڻيءَ عورت منهنجو ٻار ڪٽي پنهنجو ٻڌائي ڪيس نپائي رهي آهي. خدا جي واسطي مون کي پنهنجو پٽڙو وٺي ڏيو.
قاضي اڪثر ڪري اُهي ٿيندا آهن، جن جو دماغ ذرا ڪم ڪندڙ هوندو آهي، سو هي ٻه عقل جو اڪابر ۽ انصاف جو پتلو هو تنهن هن جي فرياد ٻڌي، ته ٻي عورت کي ٻه ٻار سميت گهرايائين. ان کان ٻار بابت پڇيائين، پر ان عورت ترىءَ تيل لائڻ نه ڏنو چوي، منهنجو پٽ آهي ۽ هي رن هرويرو ٿي ڪوڙي دعوي ڪري. گهڻي خيال بعد حڪم ڪيائين ته انهيءَ ٻار کي پورا ٻه اڌ ڪري هڪڙو اڌ هن عورت کي ڏيو ۽ ٻيو اڌ فرياد ڪندڙ عورت کي ڏيو. اها ڳالهه ٻڌي ڇوڪر جي اصلي ماءُ زار زار روئي، هٿ ٻڌي التجا ڪئي: حضور اگر اهو انصاف آهي ته پوءِ مان پنهنجو ٻچڙو هن کي بخش ٿي ڪريان. مهرباني ڪري ان عورت کي زنده معصوم ڏيو مون پچر ڇڏي. ڪٿي ٻه هجي زنده هجي.
هوڏانهن ٻي عورت ماٺ ۾ ويٺي رهي. حاڪم انهيءَ حالت کي خيال ۾ آڻي فيصلو ڪيو ته هيءُ ٻار پهرين عورت کي ڏنو وڃي ۽ هن مڪار عورت کي ڌڪا ڏيئي ڪورٽ کان ٻاهر ڪڍيو وڃي. ڇوڪر جي ماءُ اهو فيصلو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي ۽ دعائون ڪندي ٻار سميت گهر پهتي. جهڙي نموني هڪ عورت جي ڳالهه ڪندا آهن؟
مينا: اي طوطا! توکي شرم ڪونه ٿو اچي جو هڪ عورت جي ذات کي بيگناهه بدنام ڪري رهيو آهين.

طوطو: مينا! مان بدنام ڪري رهيو آهيان، يا تون پاڻ کي پاڻ بدنام ڪري رهي آهين!

مينا: ڇڱو اها ڪهڙي عورت هئي، جنهن لاءِ اشارتن پئي ڇيئيه؟

طوطو: پهريائين شهزادي گل جو بيان پورو ڪريان ته پوءِ ان عورت جو احوال ٻه تنهنجي سامهون بيان ڪندس!

مينا: پهريائين بهتر آهي ته ان عورت جو احوال مفصل بيان ڪر، نه ته ان افغاني طوطي جو مان ٿي ذڪر ڪريان؟

طوطي ڪاوڙجي ڪيس چيو: اي ڪاري ڪنڇي مينا! تون اسان تي ٿي حملا ٿي ڪرين. ڇڱو ٻڌ ته ٻڌايانءِ ان عورت جو احوال.

## قصو هڪ مڪار عورت جو

ڳالهه ڪندا آهن ته ڪنهن زماني ۾ بلوچستان جي اندر هڪ مرد کي ٻه زالون هيون، جن مان ساڳئي نموني هڪ عورت کي اولاد هيو ۽ ٻيءَ کي نه. اي مينا! جيڪا ٻي اولاد هئي سا تمام چالاڪ،

بدمزاج شرارتڻ هئي، تنهن هن غريب جو ٻار ماري خون جو بهتان اتلو متس مڙهيو. آخر خون خستوري لڪڻ جهڙي ڳالهه ڪونهي. نيٺ اها ڳالهه حاڪم دربار وٽ پهچي ويئي، تنهن ٻنهي عورتن کي گهرائي هڪ خوفناڪ غار ڏانهن موڪليو.

لڪندڙ بيان ٿو ڪري تہ حاڪم ڪان جيڪڏهن ڪوبہ فيصلو ٿي نہ سگهندو هو تہ هو وري ان خوفناڪ غار ۾ فريادي کي جوابدار سميت اندر موڪليندو هو جتي ڏوهارين جا پير زنجيرن سان جڪڙجي ويندا هئا ۽ جيستائين ڏوهي بذاتِ خود ڏوهہ جو قبولدار نہ ٿيندو هو تيستائين زمين ۾ گرفتار هوندو هو. اهڙيءَ طرح اهي ٻئي عورتون بہ ”غار انصاف“ ڏانهن موڪليون ويون. اندران ان غار مان آواز آيو تہ ٻئي عورتون سڀ ڪپڙا لاهي اگهاڙيون ٿي نچن! مڪار عورت پنهنجا ڪل ڪپڙا لاهي اگهاڙي ٿي نچڻ لڳي ۽ ٻي شريف عورت پنهنجو موت قبول ڪيو مگر ننگي حالت کان باز آئي. جيتوڻيڪ ڪيس ڇيو بہ ويو پر پوءِ بہ انهيءَ ٻري ڪم کان انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ انهيءَ بي حيائيءَ واري چال کان مون کي موت پسند آهي.

حاڪم عدالت پاڪدامن عورت جي پاڪائي ڏسي فيصلو ڪيو تہ ننگيءَ عورت کي گرفتار ڪري ڦاسيءَ چاڙهيو وڃي ۽ باقي هن عورت کي آزاد ڪيو وڃي. طوطي اها ڳالهه پوري ڪري مينا کي چيو تہ تون دل ۾ ضرور شرمندي هوندينءَ تہ عورت جي نالي کي رڳو بدنام ٿو ڪري. مان ڪيس بدنام نہ ٿو ڪريان، مگر تاريخ تي سندس ڪرتوت پيش ڪري.

مينا اهو ٻڌي ڪيس چيو: چڱو تون هاڻي شهزادي گل جو احوال پيش ڪر.

طوطي ڳالهه شروع ڪئي: شهزادي گل قيد ٿيل پريءَ کي پنهنجي وطن پهچائي، موتي طلسم نمبر ٽئين ۾ اچي پهتو. انهيءَ ميدان ۾ ٻيا ڪيترائي ديو ڦهري ديو سان گڏ وينا هئا.

بيوس ماهر لکي ٿو تہ اهي سڀ ديوَ شهزادي گل بابت بحث ۾ رڌل هئا. تن کي شهزادي گل ڏسي نيلوفر پريءَ واري مليل منڊيءَ پائي، گمناميءَ جي نظرن سان ڪين ڏسندي، اڳتي وڌي بلند آواز سان پڪاريو: اي بدڪار ظالمو! شهر طفلس ڏانهن وڃي پنهنجي مندر مان جهونا ڪتاب ڪولي پڙهو! جنهن ۾ اوهان جي بربادي‌ءَ لاءِ چٽن لفظن ۾ لکيل آهي. اگر اوهان پنهنجي فائدي لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو تہ پوءِ مان مجبورن اوهان سيني کي طلسم سميت نامود ڪري ڇڏيندس.

اهو آواز ٻڌي سڀ ديوَ هڪ ٻئي کي ڏسي چوڻ لڳا: هي ڪهڙو آواز آهي؟

آخر گڏجي انهيءَ راءِ تي قائم رهيا تہ هيءُ اسان جو مرشد آهي، جو فائدي لاءِ پڪاري رهيو آهي، سو اوڏانهن هلڻ گهرجي ائين چئي ان طرف روانا ٿيا. مندر مان پنهنجو جهونو ڪتاب ڪڍي ڪولي ڇا ڏسن تہ وڏن سونهري اکرن ۾ لکيل آهي:

”اي مسيحا! اوهان جي طلسم ۾ هڪ انسان ذات جو پتلو ايندو جو اوهان کي طلسم سميت نابود ڪري ڇڏيندو.“

اهو پڙهي، جڏهن واپس آيا، تڏهن شهزادي ڪين ڏسي گمناميءَ مان آواز ڏنو: اي منهنجا پيروڪارا منهنجي چوڻ تي هلندؤ تہ انسان تي ضرور ڪامياب ويندؤ نہ تہ هرگز هرگز نہ بچندؤ!

ديو (سپ گڏجي) : حضور اهو ڪهڙو فرمان آهي؟

مصنوعي مرشد شهزادو گل: اهو هيءُ فرمان اٿوَ تہ هڪدم سيئي مرد ۽ زالون گهٽي ڪان گهٽو شراب استعمال ڪري پاڻ ۾ آزمائشي مقابلو ڪريو!

سو هن جي چوڻ موجب، سيئي ديوَ زالن سميت پاڻ کي ڪارو ڪري، شراب پي آزمائشي مقابلو ڪرڻ لڳا. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترائي زخمي ۽ بيهوش ٿي زمين تي ڪرندا رهيا، ايستائين جو انهن مان ڪافي مري ويا.

شهزادو باقي بين کي فنا ڪري پاڻ شهر طفلس ڏانهن راهي ٿيو. واٽ تي ڪيترن مظلومن جا ڪم پورا ڪندو ۽ ظالمن کي سبق سيکاريندو ويو اڳتي وڌندو رهيو.

هڪ جهنگل ۾ اچي ڇا ڏسي تہ هڪ پير مرد ويٺو آهي، تنهن کي هن سلام ورائي چيو: قبلا! اوهان هن جهنگل ۾ اڪيلا ڇو ويٺا آهيو؟ آخر ڪو سبب تہ هوندو؟

پير مرد شهزادي کي ڏسي سلام بعد وراڻي ڏني: اوهين ڪير آهيو ۽ ڪيڏانهن ٿا وڃو؟

شهزادي گل پير مرد جي ڪيل سوال جي جواب ۾ چيو: مان ملڪ ايران ڪان ٿو اچان ۽ شهر طفلس ڏانهن وڃڻ جو ارادو آهي!

پير مرد شهزادي کي منع ڪري چيو: خبردار! ايڏانهن هرگز نہ وڃ! ڇو تہ جيڪو بہ ايڏانهن ويو آهي، سو ڪين موٽيو آهي، بذات خود مان بہ انهن مان هڪ آهيان! پر ايترو آهي جو مان هڪ بزرگ جو چيو مڃي اڳتي نہ وڌيس.

شهزادي گل حيرت ۾ پئجي ڪائنس پڇيو: ڇا حضرت! توهان بہ خود مظلومن مان آهيو!

پير مرد: هائو! انهيءَ ڏينهن ڪان وٺي تہ مان ايڏانهن ويندڙن کي تلقين ڪندو آهيان ۽ انهيءَ وقت ڪان وٺي فرض سمجهي پليلن کي صحيح دڳ ڏسيندو رهندو آهيان ۽ ڪيترن انسانن کي صحيح سلامت واپس موٽايو اٿم!

شهزادي گل اهو ٻڌي چيس: جيڪي بارگاهہ ربي ۾ منظور هوندو اهو ئي ٿيندو! جيئن هڪڙي بادشاهہ پريشان ٿي وري شاهي تخت تي جلوه افروز ٿيو.

پير مرد چيو: سو وري ڪيئن؟

شهزادو گل ان بادشاهہ جو داستان هيٺئينءَ ريت بيان ڪري ٿو.

## قصو_ تقدير جي دعويٰ جو

افغانستان جي بادشاهہ وٽ بہ ماڻهو دعويٰ کڻي آيا، جن مان هڪ چيو تہ الله تعاليٰ جيڪي تقدير ۾ لکيو آهي، تيئن ٿيندو.

ٻئي چيس، حضور! الله تعاليٰ جيئن گهري تيئن ڪري سگهي ٿو. اهو ٻڌي بادشاهہ ڪجهہ وقت حيرت ۾ پئجي ڪين چيو: اوهين بيهو تہ مان محل مان ٿي اچان. ائين چئي، بادشاهہ شاهي

محل ۾ پهتو ئي ڪين ته ڪيس هڪ سونهري پکي چنبن ۾ ڪٽي گمنام ميدان ڏانهن روانو ٿيو جتي بادشاهه کي هڪ جهنگل ۾ ڦتو ڪري پاڻ هليو ويو. بادشاهه کي ڏينهن جي تپش ۽ تڪليف ڪري سخت بک ۽ اڃ پريشان ڪري وڌو. چوطرف ڏاڍيون نظرون ڊوڙايائين نيٺ نگاهون وڃي ڪانير تي پيس. جنهن کان رڙ ڪري پڇيائين: ادا! هن شهر جو بادشاهه ڪير آهي؟

ڪانير: هتان جو بادشاهه درياهه دل، انصاف پسند، نيڪ سيرت، فهيم عقل مسلمان بزرگ آهي. سندس حسن اخلاقي خواهه تهذيبي زبان جو چرچو هر هنڌ مشهور آهي.

بادشاهه: ڪانير جي واتان سندس تعريف ٻڌي چيو: ادا مون کي بک اڃ بيگانو ڪري ڇڏيو آهي. ذرا پاڻيءَ ڏينم، جو پنهنجن خشڪ چپن کي آلو ڪري پريشانيءَ کان دور ڪريان.

ڪانير کيس پاڻي آڻي ڏنو. بادشاهه پاڻي پيتو ته چار چنڊ انهن تي هنيائين ۽ پوءِ پندرهن سالن تائين بادشاهه ڪانير وٽ رهيو. نهايت سادگيءَ عبادت سان وقت گذارڻ لڳو. هڪ ڏينهن هو جيئن ئي نماز لاءِ وضو ڪري اٿيو ته ساڳيو پکي ڏٺائين، جنهن کيس مضبوط چنبن ۾ جهلي پنهنجي محل ۾ اچي ڇڏيو هي محل کان نڪري دربار ۾ آيو ته سندس حيرت جي حد ئي ڪانه رهي جو سڀ درباري سندس انتظار ۾ ويٺا هئا. بادشاهه کي درٻارين ملول حالت ۾ ڏسي عرض ڪيو ته حضور خير ته آهي جو يڪدم واپس آيا ۽ ايترا پريشان ڇو آهيو؟

بادشاهه ٻن درٻارين جي واتان يڪدم موتي اچڻ جو ٻڌي، کين سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي. درٻاري بادشاهه جي ماجرا ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويا ته ڪهڙي نموني قريباً 15 سالن جو عرصو پنجن منٽن ۾ گذري تي ويو.

بادشاهه دعويدارن کي چيو ته ڪنهن کي به سواءِ الله پاڪ جي ذري برابر طاقت ڪانهي ۽ جيڪي گهري ته ڪري سگهي ٿو سندس هٿ ۾ ڪن فيڪون جو آرڊر آهي. ان جي قدرت اڳيان سڀ تقدير ۽ تدبير بيڪار آهي.

مينا طوطي جي زباني قدرت جي ڪاريگري ٻڌي چيو: اهڙيءَ طرح هڪڙي شخص جي ڳالهه آهي، جا پڻ خاص رب العزت جي قدرت آهي!

طوطي، اهو ٻڌي ڪانئس پڇيو: ادي مينا! اهو قصو بيان ته ڪر!

مينا: طوطي جو اسرار ڏسي ان شخص جو قصو هن ريت بيان ڪري ٿي.

## هڪ شهزادي جو انتقام وٺڻ لاءِ اڌ نڪاح ڪرڻ

شاهه مروان کي هڪ ڌيءَ هئي، جا پنهنجي حسن ڪمال ۽ دلربائيءَ ۾ چوڏهين جي چنڊ کان به سرس هئي. هڪڙي ڏينهن سير ڪرڻ جي ارادي سان نديءَ جي شفاف پاڻيءَ سان دل وندرائيندي پئي ويئي، عين انهيءَ موقعي تي شهزادو سڪندر ندي جو ڪنارو وٺيو پئي آيو ته سندس نگاهه ڪرم حسينه جي چهري کان ٿينديون سندس زلفن تي نثار ٿيون. بس ائين ڪٽي ڇڄي ته شهزادو

سڪندر نازنين حسينه تي عاشق ٿي پيو ۽ عشق جي پياس لاهڻ خاطر پاڻي جي طلب ڪيائين.
شهزادي سڪندر جي پاڻي گهرڻ تي، شهزاديءَ خشڪ جواب ڏيئي چيس: پاڻي اڪين ۾ اٿئي!

شهزادي: پنهنجي بيعزتي تي ڪيس جواب ڏنو: انشاءَ الله مان به تنهنجي اکين مان پاڻي پي اُڃ لاهيندس. ائين چئي واپس خيال پچايندو اچي گهر پهتو.

گهر ۾ به خيالن ۾ عشق جي باهه ڪيس ساڙي ڪنڊا ڪري ڇڏيو. بادشاهه پنهنجي پياري پٽ جي اهڙي حالت ڏسي رهي نه سگهيو جو ڪانئس پڇيائين: پيارا شهزادا! توهان کي ڪهڙي غم چڪنا چور ڪري وڌو آهي، حالانڪ اسان وٽ سڀ نعمتون ميسر آهن، پوءِ به تون پاڻ کي اجايو چو سُڪائي ڪنڊا ڪري ڇڏيو آهي، ڪجهه ته ٻڌاءِ؟

شهزادي پيءُ جي چوڻ تي جواب ڏنو: جهان پناهه! ڪهڙي ڳالهه ٻڌايانوَ!! شاهه مروان جي ڌيءَ کان پاڻي چڪو پياس لاهڻ خاطر گهريم، جنهن چيو ته پاڻي اکين ۾ اٿيئي. مون اهو سڪو جواب ٻڌي ڪيس چئي ڏنو انشاءَ الله تعاليٰ تنهنجي اکين مان ئي پاڻي پي اُڃ لاهيندس!

بابا سائين! هاڻ ته اٿئي ويني اها ڳالهه پئي ڳاري، ته جو چئي آيو آهيان سو سچ ڪري ڏيکاريان! اگر منهنجي شادي ان شهزاديءَ سان نه ڪئي ويئي ته پوءِ منهنجو بچڻ مشڪل آهي.
بادشاهه پٽ جي واتان سموري حقيقت ٻڌي تسلي ڏيندي جواب ڏنس: پيارا شهزادا! بادشاهه، بادشاهن وٽ ئي سنگ ڪندا آهن، سو تون به شهزادو ۽ هوءَ به شهزادي ۽ ساڳئي حالت ۾ مزي جي ڳالهه آهي، جو نالي به هڪڙي سان آهيو صرف-تفاوت زير، زبر جو آهي، سو ڪوبه خال نه ڪر. اجهو هاڻي تو شاهه مروان ڏانهن سندس نياڻيءَ جي سڱ لاءِ پيغام ڪريان!

ائين چئي بادشاهه وزيراعظم کي گهرائي چيو ته هڪ پيار ۽ الفت ڀريو خطڙو شاهه مروان ڏانهن پيغام سنت ادا ڪرڻ واسطي بااخلاقن موڪليو وڃي. وزيراعظم حڪم اکين تي رکي شاهه مروان ڏانهن پيغام هن ريت لکڻ شروع ڪيو:

عاليشان شنشاهه مروان اکين شمس پناهه، انصاف داد نوشيروان، عدالت فريدون، چشم رستم صورت، سهراب بهادر بزرگ اخلاق سلمه الرحمان.
بعد السلام عليڪم ورحمة الله

منهنجو نورچشم، فرزند ارجمند، خوبصورت نوجوان، بهادران اسلام، حسن اخلاق، حسن جمال، ديدار ڪمال و بي نظير آهي، تنهن کي پنهنجي فرزنديءَ ۾ قبول فرمائي شڪريه جو موقعو بخشيندا ته مهرباني پائيندس.
2ـ اڪثر ڪري بادشاهه بادشاهن کي ئي پنهنجي نوازشن سان نوازي دنيا ۾ سرخرو ڪندا آهن. انهيءَ روايات مطابق آئون حجت الباري پيشِ خدمت ٿيس.
اهڙيءَ طرح ته وزيراعظم لکي شهنشاهه عاليجاهه کان مهر سچائيءَ جي هٽائي، پروانو ايلچيءَ جي هٿ روانو ڪيو.

شاهہ مروان، شهزادي سڪندر جي پيءُ بادشاهہ سلامت ڏانهن جوابي خط سوکڙين سميت ساڳئي ايلچيءَ جي هٿ موڪليو.

جوابي خط:

بادشاهي وقت، نوشيروان دروان بلند اخلاق، تهذيبي خيال، انصاف پسند، عالم زبان مرشد برقرار وسلم الله تعاليٰ

بعد السلام عليڪم ورحمة الله

اوهان جو خط باسلامت اخلاق جي، تحفي سميت منظور نظر ٿيو تنهن جي جواب ۾ آئون خوشي انهيءَ پيغام محبت کي برقرار رکڻ خاطر سرچشمن رکان ٿو. اوهان کي اجازت آهي ڪڏهن بہ تاريخ مقرر ڪري سنت محمدي جي رسم ادا ڪري، فرض اولين بجا آٽي سگهو ٿا. مون کي ڪوبہ اعتراض ڪونهي، ڇو تہ ڏيئرون اسان وٽ مهمان جي حيثيت ۾ آهن.

ايلچيءَ جڏهن خوشيءَ پريو جواب باسلامت محبت جي رسم مهر بادشاهہ سلامت وٽ پهچايو تنهن خوشين بعد نڪاح جي تاريخ مقرر ڪري، شهزادي سڪندر کي شان شوڪت سان گهوٽن وانگر سينگاري، شهزادي سڪندر جي پيءُ شاهہ مروان جي ملڪ ۾ اچي پهتا. شريعتن رسم ادا ڪرڻ بعد قاضي صاحب جڏهن اڌ نڪاح پڙهيو تہ شهزادي سڪندر انتقام ونڻ ۽ انجام کي پوري ڪرڻ خاطر گردي جي سور جي شڪايت ڪري دانهون ڪرڻ لڳو ۽ زمين تي ڪري منصوعي ڦٿڪڻ لڳو.

شهزادي جي اهڙي حالت ڏسي ڪيس موٽائي ملڪ وٺي آيا.

طوطي مينا کان پڇيو: ادي مينا! پوءِ شهزادي سڪندر جو ڪهڙو حال ٿيو.

مينا: اي طوطا! سڪندر جڏهن اها خبر ٻڌي تہ ڪيس نديءَ جي سير ۽ شهزادي جي پاٽي گهرڻ ۽ جواب ۾ انڪار سان گڏ واپسي جملي وارو جواب تصور ۾ ڦرڻ لڳو. آخر بيتاب تي ڳوڙها ڳاڙيندي روئي چيائين: افسوس ظالم پنهنجو انتقامي اڌ نڪاح جو اقرار پورو ڪيو. ڪجهہ سوچ بعد ڏوتيءَ کي گهرائي چيائين: شهزادي سڪندر کي وچي ڇئہ تہ تون بهانو ڪري انتقام پورو ڪري هليو ويو آهين، باقي هي سو ياد رکجانءِ تہ مان بہ تومان اولاد ڄڻي انهيءَ کان توکي پادر هٽائيندس. ڏوتيءَ کي اوڏانهن موڪلي پاڻ ناچ ۽ ڳائڻ جي سکيا شروع ڪري، ٿوري عرصي اندر اهڙو تہ ناچ ۽ ڳائڻ جو علم حاصل ڪيائين جو دنيا تي ليڪو.

شهزادي سڪندر سان جو ڪنهن هن رقاصہ جي ناچ گاني جي تعريف ڪئي تہ اُن بہ تعريف ٻڌي، ڪيس راڳ ۽ ناچ لاءِ دعوت ڏيئي گهرايو. شهزادي رقاصہ جو روپ ڪري اهڙو تہ راڳ ڳايو جو شهزادو مٿس شڪن تي پيو ۽ هڪڙيءَ رات خوش تي ڪيس چيائين تہ گهر جيڪي گهرڻو هجئي، رقاصہ (شهزاديءَ) چيو: مون کي اها منڊي ڏيو. شهزادي مجبورن منڊي سندس حوالي ڪئي، جا نڪاح وقت شاهہ مروان جي ڏيءَ سان رسم ادا ڪرڻ وقت ملي هئي. خير شهزادي کي ايترو تہ

فريب ڏيئي قابو ڪيائين جو هن ساڻس ميلاپ ڪري محبت ۾ اولادي فرض بہ شهزادي جي نشي جي حالت ۾ ادا ڪيو.

قدرت سان انهيءَ رات رقاصہ کي حمل ٿيو ڪجهہ وقت کان پوءِ پڪ سمجهي پنهنجي ملڪ ڏانهن رواني ٿي، جتي ڪيس مدت پڄاڻيءَ هڪ حسين و جميل پٽ ڄائو جنهن جو نالو رکيائين شاهہ انتقام.

اي طوطا! شاهہ انتقام جڏهن 13 ورهين جو ٿيو تہ هڪ ڏينهن شڪار جو شوق جاڳيس. شڪار لاءِ خاص نوڪرن سان گڏ روانو ٿيو. گس تي سندس حفاظت لاءِ ساڻس گڏ گڏ هلندڙ گهوڙي سوار نوڪر ڪائنس پڇيو: اي شهزادا! اوهان جي والد سڳوري جو نالو ڇا آهي؟



شهزادي کي پنهنجي والد صاحب جي نالي جي خبر ئي ڪانہ هئي، نہ وري ڪو ماءُ کان ئي پڇيو هئائين تہ بابا سائين جو نالو ڇا آهي ۽ ڪٿي ٿو رهي، سو نوڪر کي ڪهڙو جواب ڏئي. ان وقت ماٺ ڪٽي ڪيائين. شڪار تان واپس اچڻ سان ماءُ کان پڇيائين: امڙ! بابا سائينءَ جو نالو ڇا آهي ۽ هو ڪٿي ٿو رهي. ماڻس اهو ٻڌي اکين مان پاڻي آڻي ڪيس سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌائي ۽ ڪيس پيءُ واري منڊي ڏيئي چيائينس تہ مان قول ڪيو هو سو اهو قول پورو ڪر!

شهزادو ماءُ جا پير چمي پيءُ جي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو. نيٺ پيءَ جي ملڪ ۾ داخل ٿي نوڪرن جي رستي شهزادي سڪندر جي محل ۾ خاص دربار مقرر ٿيو. هڪڙي ڏينهن موقعو وٺي، پيءُ جا ٻہ لعل جي ستن ولايتن کان بہ زياده قيمتي هئا، سي چورائي ڇڏيائين. جڏهن اها خبر پٽس کي پيئي تنهن لعلن جي ڳولا لاءِ ٻہ لک روپيا بطور انعام مقرر ڪيا. لالچي خواهہ غريب طبقي وارا بهادر انهن لالن جي ڳولا ۾ ڏينهن رات ڪوشش ڪندا رهيا، مگر پتو نہ پيو. ظاهري ڪوشش تہ شاهہ انتقام بہ ڏاڍي ورتي، جو شهر ڀاهران جڳهہ ناهي، وفاداري ثابت ڪرائڻ لاءِ ڪپ ڪوڙي ويهي

رهيو هو. خير شهزادو سڪندر جڏهن مجبور ٿي پيو. تڏهن گهوڙي تي چڙهي چورن جي ڳولا ۾ نڪتو ۽ شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ ڳوليندو رهيو. تان جو شهر ڪان ٻاهر بہ نڪري ويو جتي شهزادي انتقام ڪان مٿي اڳتي لنگهي ويو. ڪجھ پنڌ ڪرڻ سان هڪ دوڪاندر پوڙهي عورت ڪي دوڪان تي ڏٺائين. ويجهو وڃي ڪانئس پڇيائين تہ اي ٻڍي ڪو ماڻهو هتان تہ نہ لنگهيو. مائيءَ ڪيس وراڻي ڏني تہ هائو هاڻي هتان لنگهي ويو. شهزادي پنيانئس تڪڙو گهوڙو ڀڄايو مگر ڪوبہ پتو نہ پيس سو چڪر ڪاٽي وري بہ پوڙهيءَ ڪان پڇيائين. جنهن ساڳيو جواب ڏنس تہ اڃهو اهو هاڻي لنگهيو. سڪندر وري بہ ڏاڍو گهوڙو ڀڄايو مگر ڪوبہ پتو نہ پيو. اهڙي نموني ٻہ ٽي چڪر ڪاٽيائين.

طوطو: ادي مينا! برابر پوڙهي دوڪاندار عورت وٽان ڪو ماڻهو لنگهي پيو ڇا؟

مينا: هائو ادا! دراصل حقيقت هي آهي تہ جهڙي وقت سڪندر شهزادي انتظام وٽان لنگهيو تہ سندس پوئيان شهزادو بہ آيو تان جو پيءُ ڪان اوندهہ ۾ اڳ نڪري مائي وٽان لنگهي، هڪ ڪنڊ ۾ لڪي ويهي رهيو. جنهن وقت شهزادو سڪندر ان ماڻهوءَ جي ڳولا ۾ چڪر ڪاٽڻ لڳو تہ شاهہ انتقام پوڙهيءَ مائيءَ کي ٻڌي سوگهو ڪري، ان جا ڪپڙا پاڻ پائي ويهي رهيو ۽ پوءِ پاڻ شهزادي سڪندر کي ڪوڙ ڳالهائي پريشان ڪندو رهيو.

شهزادي سڪندر پريشان ٿي هن پوڙهيءَ کي چيو: حرامزادي مون کي دوکو ڏيئي پريشان ڪري رهي آهين!

پوڙهيءَ (شهزادي انتقام) چيو: هاڻي توهان مون واري جاءِ تي ويهہ تہ پوءِ خبر پوندئي، تہ قصو ڇا آهي.

بهرحال قصو ڪوتاهہ شهزادي سڪندر ٻڍيءَ عورت جا ڪپڙا پائي پاڻ دڪاندار بڻجي ويهي رهيو ۽ پنهنجا ڪپڙ ٻڍيءَ عورت يعني شهزادي انتقام جي حوالي ڪيائين. شهزادي انتقام پيءُ جا ڪپڙا پائي سندس گهوڙي تي چڙهي ٿوري دير ڪان پوءِ ڦري اچي پيءُ کي چيو تہ مان لعل ڪٽي آئي آهيان؟ جيئن جو شهزادي لعل وٺڻ لاءِ هٿ ڊگهو ڪيو تيئن سندس ٻانهن تلوار جي وار سان زخمي ڪري وڌائين ۽ پاڻ اچي بادشاهہ سلامت کي چيائين تہ جهان پناهہ! هي لعل شهزادي ڏنا آهن ۽ چيو اٿائين تہ جنهن شخص هي لعل چوري ڪيا هئا. تنهن کي زخمي ڪري هي هٿ ڪيا ويا آهن ۽ فلاڻي جڳهہ تي اهو زخمي ٿيل بيهوش پيو آهي، سو اوهان ان کي گرفتار ڪرايو ۽ مان ڏاڍو ٿڪل آهيان، جنهنڪري مان آرام ٿو ڪريان.

بادشاهہ انهيءَ دم شهزادي انتقام يعني دربان کي حڪم ڪيو تہ هاڻي جو هاڻي انهيءَ ماڻهو کي اتان گرفتار ڪري مون وٽ پيش ڪر.

شهزادي حڪم مڃي پاڻ سان سپاهي ساڻ ڪري اچي اُتي پهتو. شهزادي سڪندر کي اهڙو تہ زخم رسيو هو جو گهڻي خون وهڻ ڪري مٿس بيهوشي طاري ٿي ويئي. شهزادي انتقام کيس هوشيار ڪري قيديءَ جي حالت ۾ پيءُ کي پادر هٽندو اچي شهنشاهہ عاليجاهہ وٽ پهتو.

بادشاهہ حڪم ڪيو تہ ان مڪار حرامزاديءَ رن کي وڃي وليعهد شهزادي سڪندر وٽ پيش ڪريو تہ جيئن جوڳي سزا مليس!

شهزادي رڙيون ڪري چيو: جهان پناهه! مون کي ڪين تا سچاڻو آئون ئي اوهان جو نورچشم آهيان. بادشاهه رڙين تي ڪيس سڃاڻي، ڀاڪر پائي، شاهي حڪيم گهرائي، ڪيس ملم پٽي ڪرائي ۽ اُتي جو اُتي شهزادي انتقام کي گرفتار ڪري ڦاسيءَ جو حڪم ڏنائين.

شاهه انتقام کي سندس ماءُ جيڪا پيءُ جي منڊي ڏني هئي سا بادشاهه سلامت ۽ شهزادي سڪندر جي اڳيان پيش ڪري ڪين سربستي ڳالهه ڪري ٻڌايائين.

شهزادي سڪندر سموري حقيقت ٻڌي پٽ کي ڀاڪر پائي چاتيءَ سان لاتو ۽ بادشاهه سلامت پاڻ تڪليف ڪري شاهه مروان کان معافي طلب ڪئي، سندس نيڪ سيرت دختر کي ساڻ ڪري، پنهنجي ولي عهد شهزادي سڪندر جي حوالي ڪري وڇڙيا ملايائين.

مينا: اي طوطا! انهيءَ جهڙي ٻي به ڳالهه آهي؟

طوطو: ادي مينا! واهه تون به ته جگر جيرو رکندڙ آهين! مهرباني ڪري اهو واقعو به ته ٻڌائي ڇڏ.

## قصو- ناڪام محبت جو

هڪ شهر ۾ ديوي نالي حسين رقاصه رهندي هئي، جنهن جا ٻه يار هوندا هئا. هر هڪ خانصاحب ۽ ميان صاحب، مگر پنهنجي حسن چالاڪيءَ سان ٻنهي يارن کي ڪوبه شڪايت جو موقعو نه ڏنائين. ايستائين جو خانصاحب کي ميان صاحب جي خبر ڪانه هئي ۽ ميان صاحب کي خان صاحب جي ڪل ڪانه هئي.

هڪڙي ڏينهن ميان صاحب آيو جنهن کيس چيو: پياري تنهن جي ملاقات بعد ڪاڏي پيتي ڪانسواءِ ڏهه روپيه به جمع ڪين ڪيا اٿم. مهرباني ڪري ڪجهه مانيون پچائي ڏي ته سفر ڪري ڪجهه دولت ڪمائي اچي تنهنجي نازڪ قدمن اڳيان نثار ڪريان. چالباز عورت لذيذ ڪاڏو تيار ڪري ميان صاحب کي دم دلاسا ڏئي، پيار مان ڀراتڙيون پائي مصنوعي پيار محبت ڪري روانو ڪيو. ميان صاحب موڪلائي دل ۾ خوش ٿيندو ويو.

ميان صاحب جي وڃڻ ڪانپوءِ دغاباز چالاڪ، بي وفا عورت ڏي خان صاحب آيو. هيءَ چالاڪ عورت ميان صاحب جي وڃڻ ڪانپوءِ سندس انتظار ۾ در نهاريندي رهي ته ڪڏهن ٿو پيارو محبوب خان صاحب اچي منهنجا ڏک دؤر ڪري، هيءَ اجا انتظار ۾ ئي هئي ته خانصاحب تيار ٿي سگريٽ دکائيندو پنهنجو گهر سمجهي اچي سندس گهر ۾ داخل ٿيو. ديويءَ هن کي ڏسي خوش ٿي چيو: ڪيترو نه مون کي انتظار تا ڪرايو. اهو به خيال ڪريو تا ته متان مان اوهان جو انتظار ڪندي ڪندي مري وڃان! توهان کي ته ڪو خيال ڪونهي. خانصاحب ديويءَ واتان پيار پريا لفظ ٻڌي خوش ٿي، ڪيس چمڻ ۽ ڀاڪر پائڻ لڳو. ڪجهه وقت عيش عشرت ڪان پوءِ هن ديويءَ خان صاحب کي به مانيون پچائي سفر تي روانو ڪيو مگر موڪلائڻ وقت ميان صاحب وانگر روئڻ ۽ دعائون ڏيڻ شروع ڪيائين.

طوطو: ادي مينا! انهيءَ مڪار عورت خان صاحب کي ڪهڙيون مانيون ڏنيون؟

مينا: ادا طوطا! ميان صاحب کي مٿيون مانيون ۽ خان صاحب کي لوٽانيون مانيون ڏيئي روانو ڪيو. اتفاق سان رستي تي ٻئي جوان ملاقاتي ٿيا ۽ هڪڙي جاءِ تي ويهي ماني کائڻ ويٺا. خان صاحب ۽ ميان صاحب هڪ ٻئي جون مانيون ڏسي چوڻ لڳا: هي مانيون ته منهنجي محبوب جون آهن.

ميان صاحب: ادا سائين! تنهنجي محبوب جو نالو ڇا آهي؟

خان صاحب جواب ڏنو: ديوي رقاصه! ڀلا تنهنجي محبوب جو نالو ڇا آهي؟

ميان صاحب ته اڳ ئي سمجهي ويو هو سو بيتاب ٿي ڪيس ٻڌايائين: بدنام عورت انهيءَ نالي سان مشهور آهي. آخر ٻنهي ڪجهه دير ڪانپوءِ فيصلو ڪيو ته هاڻي ڏسون ته اها ڪنهن سان ٿي محبت ڪري بهرحال پاڻ ۾ فيصلو ڪري ديويءَ وٽ پهتا! ديوي انهن ٻنهي کي گڏ ايندو ڏسي حيرت ۾ پئجي پنهنجو ظاهري مقصد لڪائي، بدناميءَ کي بند ڪرڻ لاءِ کين چيو: اوهين ٻئي ڪير آهيو ۽ هن جاءِ اندر بنا موڪل جي ڇو آيا آهيو. نڪرو ٿا يا نه؟ اهو ٻڌي هي ٻئي هڪ ٻئي کي منهن ۾ ڏسي دروازي کان ئي چوڻ لڳا: هاڻي اسان مان هر هڪ راڳ ڳائي پنهنجو عشق ظاهر ڪرڻ گهرجي، اگر تنهنجو راڳ هن کي پسند پيو ته ضرور ديدار محبت حاصل ڪرڻ لاءِ گهرائيندي پر جي منهنجو پسند پيو ته پوءِ توکي هميشه لاءِ سندس دروازي تان هٿ ڌوئڻا پوندا. مطلب ته جنهن کي اندر طلب ڪري اهو ئي پاڻ کي خوش نصيب سمجهي.

اهو فيصلو ڪري دروازي جي ٻاهران ڀريائين ميان صاحب پنهنجي سچي محبت جو فسانو درد ڀري آواز دل حسرتي ڳوڙها ڳاڙي، جگر جلائي، سينو ساڙي، دل مان دونهان ڪڍي پيش خدمت ڪيو مگر افسوس سندس سچي دل جو قدر مڪار عورت وٽ قبول نه پيو ڇو ته ميان صاحب بذات خود هڪ غريب مفلس عاشق هو. هن جي پيار جو ڪوبه خيال نه ڪيائين.

خير ميان صاحب کان پوءِ خان صاحب پنهنجي ڪوڙي زبان وسيلي ڪوڙي محبت ظاهر ڪري، دنيا جو حوس ڏياري، لالچي شعر شروع ڪري، مڪار عورت وٽ پاڻ قبول ڪرايو. هن اجا شعر ۾ سون عنايت ڪرڻ جو جذبو ئي پيش نه ڪيو ته هڪدم کيس سڏ ڪري اندر گهرايائين. هوڏانهن ميان صاحب اکين مان آب هاري جگر جلائي جلاوطن ٿي نڪري پاڻ ڪنهن درياءَ جي نظر ڪيائين.

طوطو: اي مينا! خان صاحب جي محبت به آخر ديويءَ سان ڪامياب ويئي؟

مينا: ادا ڪهڙي ٿو ڳالهه پڇين!

خان صاحب ته ان مڪار عورت کان به وڌيڪ چالاڪ ۽ فريبي هيو جنهن حسن بهار کي ڦٻي لٽيو ايستائين جو ڇوڏهن ڏينهن اندر هن جي جواني برباد ڪري، کيس بدناميءَ جو داغ ڏيئي هليو ويو ۽ اها ئي ساڳئي مڪار عورت ڇرين وانگيان ميان صاحب ميان صاحب ڪندي، بر بزاريون ڀٽڪندي رهي.

*نہ ادھر کے رہے نہ ادھر کے رہے۔ نہ یار ہی ملا نہ وصال صنم۔*

مينا! اي طوطا! هاڻي تون شهزادي گل جو احوال ٻڌاءِ؟

طوطو: مينا! صبر ڪر انشاءَ الله تعاليٰ اڳتي جو حوال به توکي پيش ڪندس!



# داستان ٽيون

طوطي، قصي کي جاري رکندي، شهزادي گل جو ذڪر هن ريت ڪيو: شهزادو گل، پير مرد کان موڪلايو. جوش جوانيءَ ۾ واريءَ جا ميدان ٽپندو جڏهن شهر طفلس ڏانهن مقصد پوري ڪرڻ خاطر راهي ٿيو ته وات تي هڪڙي شهر ۾ ماڻهن جو وڏو هجوم ڏسي، اوڏانهن راز معلوم ڪرڻ خاطر روانو ٿيو. اُتي وڃي ڇا ڏسي ته هڪ انساني سسي ڪپيل، خوني رنگ ۾ رنگيل شاهي ٿالهه ۾ پيئي حقيقي عشق جي موج ۾ اڇي، انهيءَ ٿالهه ۾ آخرين پساهه ڏيڻ خاطر ڦٿڪي رهي آهي.

شهزادي اهي عاشقي نگاهون ڏسي، عبرت ۾ پئجي، انهيءَ لاوارث سورن جي ستايل سسيءَ سان مخاطب ٿي چوڻ لڳو: اي عاشق مظلوم! تنهنجون اجا ڪجهه حسرتون رهيل آهن ڇا؟

سسي کان ساهه پرواز ڪري، پنهنجون حسرتون مٽل سمجهي، ڦٿڪڻ جي تڪليف کان توبهه ڪري، عالم ارواح ڏانهن اميدن جو خون ڪٽي رواني ٿيو. يعني شهزادي گل جي انهيءَ چوڻ تي سسيءَ پنهنجو ڦٿڪڻ بند ڪيو. سپاهين اها حالت ڏسي شهزادي کي عاشق ارواح ڏسي جهلي بادشاهه جي دربار عاليه ۾ پيش خدمت ڪيو.

بادشاهه سلامت وڏو بهادر درياهه دل، ٻاجهارو ۽ نيڪ سيرت، پرهيزگار مسلمان هيو جنهن ڪري کيس "محبان وطن" ڪري سڏيندا هئا.

جيئن ته انسان ذات سان بيماريون قبر تائين هم رفيق آهن، تيئن بادشاهه سلامت کي به هڪ اهڙي ته بيماري ٿي پيئي هتي جو بچڻ جي اميد ئي ڪانه رهيس. شاهه زمان وانگر ڪيترائي علاج ڪيا ويا، مگر ڪوبه فائدو ڪيس ڪونه پهتو. حڪيمن، طبيبن به خود مريض مان نااُميدي ڏيکاري، هوڏانهن بيماري زور وٺندي ويئي، سڪرات وارا آثار هئا.

آخر بادشاهه نااميد ٿي هڪ رات ڌڻي تعاليٰ جي در پنهنجن ڪيل گناهن جو اقرار ڪري، ڳوڙها هاريندي توبهه استغفار پڙهڻ شروع ڪيا ۽ صبح ٿيڻ تي عام اعلان ڪيائين ته مون اگر ڪنهن جو ڏوهه ڪيو آهي ته خدارا! مون بدنصيب کي معاف ڪجو جيئن مان ڏينهن قيامت ڇوٽڪارو لهان!

اهي لفظ ٻڌي ساري حڪومت جا امير خواهه غريب زار قطار روئي، ڪارو ويس ڪري سندس عمر درازيءَ ۽ تندرستيءَ لاءِ دعا گهرڻ لڳا. ايستائين جو ننڍا ٻار خواهه عورتون به ان دعا ۾ هٿ کڻي ڏٽي در ٻاڏائڻ لڳا.

قادر جي قدرت سان "بقراط" جي جهونن ڪتابن کي اٿلائڻ بعد، منجهس هڪ حضرت حڪيم لقمان جي زماني جو ڪتاب پيل هو جو کين هٿ آيو. کولي ڇا ڏسن ته منجهس لکيل آهي ته ان بيماريءَ تي انسان ذات جو مغز استعمال ڪرڻ سان هڪدم تندرستي حاصل ٿئي ٿي ۽ موذي مرض هميشه لاءِ دؤر رهي ٿو مگر شرط هيءَ آهي ته اهو آدمي جوان، خوبصورت ۽ ماتا جي داغ کان بي عيب هجي.

بادشاهه اهو ٻڌي چوڻ لڳو: مون کي اهڙي حياتي هرگز قبول نه آهي، جو پنهنجي زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن بيڪس بيوس انسان کي مفت ماري، انهيءَ جي خاندان جي زندگي تباهه ڪريان، اهو مون کان ڪڏهن ڪونه پڇندو. آئون اهڙي زندگيءَ کان موت کي سؤ بار قبول ڪريان ٿو.

اهو ٻڌي شهر جي سيني ماڻهن يڪراءِ ٿي بادشاهه کي عرض ڪيو: جهان پناهه! هڪ نيڪ سيرت بااخلاق، انصاف پسند رعيت جي هڏ ڏوکي شهنشاهه مٿان هڪ ماڻهو قربان ڪري، سندس حياتي بچائڻ اسان جو فرض آهي.

آخر گهڻي ستائڻ تي بادشاهه به کٽي چپ اختيار ڪئي، ملڪ جي ماڻهن مان هر ڪنهن قرباني ڏيڻ لاءِ پاڻ کي پيش خدمت ڪيو مگر جيئن مٿين وصفن واري حسين نوجوان بي داغ جي ضرورت هئي، تنهنڪري نااميد ٿي نوجوان ٻيا صبر ڪري ويهي رهيا.

آخر هڪڙي هنڌ اهڙين وصفن جو نوجوان ڏٺائون، سو ان جي مٿن مائٽن خواهه خاص والدين وٽ سندس قيمت تي سر وڻڻ لاءِ عرض ڪيو ويو. ان جوان جو بادشاهي فرض جي بجاءِ سون ۽



هيرن جواهرن جي لالچ تي پٽ کي قتل ڪرڻ لاءِ راضي ٿي بيٺو ۽ پوءِ ان کي بادشاهه اڳيان حاضر ڪيو ويو. لالچي پيءُ پٽ جو سودو طئي ڪيو سپاٽي جو واعدو به ڪيائون ته سر سندس اڳيان حاضر ڪيو ويندو.

درحقيقت ان ڇوڪري جو هڪڙي سوداگر جي ڌيءُ سان پيار هو سو روزانو دستور مطابق ساڻس ملاقات ڪرڻ ويندو هو ۽ ان سوداگر جي ماڙيءَ هيٺان بلخ شهر جو هڪ ٻيو به سوداگر رهندو هو جنهن جو ان ڇوڪريءَ سان پيار ٿي ويو ۽ صرف ان جي ديدار لاءِ مشتاق هوندو هو ڪيس ٻي ڪا به تمنا يا لالچ ڪانه هوندي هئي، ائين ڪٿي چئجي ته سچو عاشق هو.

خير جڏهن ان ڇوڪر کي خبر پئي ته منهنجي پيءُ ماءُ منهنجي سر ڏيڻ لاءِ سپاٽي جو اقرار ڪيو آهي، سو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيس ۽ عشق جي خيالن ۾ تصور ڪندي صبح صادق جو ديدار پسائڻ ۽ غمگيني حالت ۾ اتي دستور موجب سوداگر جي ڌيءَ وٽ ويو. سوداگر جي ڌيءَ کيس چيو: سائين! خير ته آهي. دشمنن کي ڇا ٿيو آهي! ايترو پريشان حال ڇو آهيو.



نوجوان ڇوڪر ٻڌي چيو: پياري شبروز! ڪهڙو غم تنهنجي اڳيان ظاهر ڪري تو نازڪ کي غمگين ڪريان.

شبروز: ممتاز! تون ڪو به فڪر نه ڪر. پنهنجي دل جو احوال ظاهر ڪري، مون کي به پاڻ سان شريڪ ڪر!

ممتاز: اي نور نظر شبروز اڄ منهنجو آخرين اچڻ آهي، سو ائين ته نه موڪلاءِ جلدي اُٿي مون سان اقرار محبت کي الوداعي ڀاڪر پاءِ روح کي راحت بخشاءِ!!

شبرزو واٽڙي تي چوڻ لڳي: آخر ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن لاءِ ايترو ماندا ٿيا آهيو ظاهر ڇو نه ٿو ڪرين! آئون به تنهنجي هم راز آهيان.

ممتاز: شبروز جي چوڻ تي ڪيس سموري ڳالهه سربستي ڪري ٻڌائي.

شبروز اهو ٻڌي ممتاز کي چيو: پيارا ممتاز! اوهين ڪوبه خيال نه ڪريو مان ان جي تدبير ڪريان ٿي. ائين چئي بلخ شهر جي سوداگر وٽ آئي جو هيئان رهندو هو تنهن کي وڃي چيائين ته جيڪڏهن تون منهنجو سچو عاشق آهين ته مون کي هڪڙي شيءِ جا لوڙ آهي سا پيش ڪر!

سوداگر هن جي ديدار لاءِ ته اڳ ئي مشتاق هو سو هن کي پاڻ وٽ ايندو ڏسي قربان ٿيڻ لڳو ۽ سندس جواب ۾ چيائين: مان هر شيءِ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان! اوهين حڪم فرمايو!

شبروز: طارق (سوداگر جو نالو) سوچي سمجهي جواب ڏئي منهنجو امتحان وٺڻ نهايت مهانگو پوندئي.

طارق: پياري شبروز! مان هر وقت تنهنجن قدمن تي حاضر آهيان. باقي امتحان وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت اٿئي.

شبروز: طارق مان توکان هڪڙي شيءِ گهري رهي آهيان. مون کي ان جي اچي لوڙپئي آهي.

طارق: مون وٽ اهڙي ڪابه شيءِ ڪانهي جو اوهان جي نذراني جي لائق هجي. البته جان سو آهي، جا اڳ ئي اوهان جي مٿان فدا ڪري چڪو آهيان!

شبروز: چڱو جي تون مون مٿان جان فدا ڪري چڪو آهين. ته مون کي پنهنجو سر ڏي.

طارق: شبروز کي ڪنڌ هيٺ ڪري چيو: بسم الله. باقي دير ڇا جي آهي. پوءِ اها نازنين بي رحم تي سچي عاشق صادق کي ظالم تلوار سان ڦهري وار ڪري طارق کي شهادت جو جام پيئاري. سندس سسي تن کان جدا ڪري، پنهنجي عيش کي برقرار رکڻ لاءِ اچي ممتاز کي چيو: هان وٺ هيءَ سري! پنهنجي سر بجاءِ بادشاهي نوڪرن کي ڏجانءِ! جوان سسي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو سو شبروز سان گڏ هيٺ لهي "طارق" جو بي ڌڙ لاش پوري، پاڻ سري کڻي اچي گهر پهتو. پهچڻ سان سسي پيءُ کي ڏيئي چيائين: منهنجي بدلي هيءَ سري بادشاهه کي پيش ڪجو مگر خبردار ڪين اها خبر نه ڏجو ته ڪو منهنجي فرزند جي نه آهي.

خير قصو ڪوتاهه جڏهن بادشاهي ملازم آيا ته. پٽس انهن کان زر جواهر وٺي سر سندن حوالي ڪيو.

بادشاهي ملازمن سر اچي بادشاهه جي حضور ۾ حاضر ڪيو. بادشاهه غريب سوداگر "طارق" جي سر کي اجان ڏسي ئي رهيو هو ته سسي ڦٽڪڻ شروع ڪيو اهو ڏسي بادشاهه ويچار ۾ پئجي ويو ته هن مٿل جي سسيءَ کي بدن کان جدا ٿئي ڪافي وقت گذريو آهي. پوءِ به اجا ڦٽڪي ٿو سو بادشاهه خدا جي خوف کان ان سر کي باحفاظت ڪيترائي ڏينهن رکيو پر منجهائنس تڙپ ۽ ڌڪٽي نه ويئي، نه وري اها ڳالهه اڄ تائين ڪنهن کان حل ٿي سگهي.

تنهنڪري بادشاهه انهيءَ باسلامت سسيءَ سڳوري کي عبرتي جهان بڻائي، سچي عاشق کي

بي جا بدنام ڪرڻ خاطر سر بازار ۾ کوه ۾ رکايو بلڪ هن خيال کان رکايو اٿائين ته من ڪو درويش، بزرگ يا عامل ڪامل لنگهندي اها ڳالهه حل ڪري، مگر اها ڳالهه ڪنهن کان به حل ڪين ٿي. آخر شهزادي گل ٿي عشق جي وفادار پتلي کي صبر جو پيالو پياري صابرين بڻايو.



لکندڙ اڳتي طوطي کي چوي ٿو: مهرباني ڪري هاڻي منهنجي بدران تون ڪجهه زبان درازي سان ڪلامي گفتگو تيز ڪر، ڇو ته هن وقت آئون گهڻي ڪم ۽ خيالي پلائن جي چڪر ۾ غلطان ٿي پاڻ کي پريشان ڪيو آهي. سو هاڻي تون به پنهنجو ڳاڙهي چهنبن سان پاڻ کي ڳاڙهو ڪري ناظرين ۽ قلمي دوستن جي محفل کي موج ۾ آڻي داد حاصل ڪر ۽ مون کي دعائون ڪر.

طوطي مجبور ٿي پاڻيءَ ڍڪ پي، ماهر جي ارشاد موجب مينا کي اڳتي ڳالهه ٻڌائي. پوءِ شاهه زمان شهنشاهه عادل جي ڪچهريءَ ۾ چوي ٿو: جهڙي وقت شهزادي گل کي ”محبان وطن“ جي سپاهين نظربند ڪري بادشاهه جي دربار ۾ پيش ڪيو. بادشاهه شهزادي کان پڇيو: ان جي سچي حقيقت بيان ڪر! ته ڇا ڳالهه آهي؟

شهزادي گل اهو ٻڌي جواب ڏنو: عاليجاهه! مون کي ڪجهه به معلوم نه آهي! جيڪڏهن معلوم هجي ها ته اوهان اڳيان پيش ڪريان ها!

بادشاهه شهزادي کان سڪو جواب ٻڌي چيو: اي نوجوان اگر تون اها سچي حقيقت پيش نه ڪندين ته پوءِ تون هن شخص وانگر ماريو ويندين!

شهزادو ڳالهه ٻڌي گهٻرائجي ويو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو: خدايا! عجب نموني جي مشڪل راهه ويندي سامهون آئي. ان ڪانپوءِ بادشاهه کي چيائين: بادشاهه سلامت! پهريائين اوهان ته ٻڌايو ته اوهان کي اهو سر هٿ ڪيئن آيو؟

بادشاهه سمورو احوال بيان ڪيو. شهزادي ڳالهه ٻڌي چيو هن جي وارثن کي گهرايو ۽ جڏهن اهي اچن ته اوهان مون کي به انهن سان گڏ ڦاسيءَ جو حڪم ڏجو! آئون اوهان کي عرض ڪندس ته سياٽي جي ڏينهن جي مهلت ڏيو ته اوهان هڪدم ڏجو؟ ۽ انهن کي مون گڏ سان هڪ ڪوٺيءَ ۾ نظربند ڪجو.

شهنشاهه محبان وطن، اهو ٻڌي سندن گرفتاريءَ جو حڪم جاري ڪيو. سپاهي حڪم ٻڌي سندس مصنوعي والدين کي گرفتار ڪري آيا، مگر هو پنهنجي پٽ ممتاز کي به ساڻ وٺي آيا. بادشاهه چيو: هاڻي جو هاڻي انهن سڀني کي بنا پڇا جي ڦاسيءَ چاڙهيو وڃي. تنهن تي شهزادي ڳالهه هڪ ڏينهن جي اجازت طلب ڪئي، بادشاهه ڪين شهزادي ڳالهه جي عرض تي هڪ ڏينهن جي موڪل ڏيئي، سپاهين کي چيو: انهن سڀني کي هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪريو! سپاهين حڪم موجب ممتاز ۽ شهزادي سميت مڙني کي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيو ويو. ممتاز ڪوٺيءَ ۾ گهرڻ سان زارون زار روئڻ لڳو چو ته ڪيس پڪ ٿي ته سياڻي ماريو ويندس.

شهزادي ڪيس روئيندو ڏسي چيو: نوجوان سياٽي سڀ پڪ ماريا ويندا سين، مگر اهو ته ٻڌاءِ وڏيل سسي جا ڦٽڪي رهي هئي، سا اوهان کي ڪٿان هٿ آئي؟

ممتاز دل ۾ خيال ڪيو ته سياٽي پڪ ماريو ويندس، سو راز ڳجهي ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو. بهتر آهي ته هن کي ظاهر ڪري ٻڌايان. متان اسان سڀني لاءِ ڇوٽڪاري جو ڪو رستو نڪري پوي. انهيءَ ڪري هن سمورو احوال ڇوڪريءَ ۽ سوداگر "طارق" جو ڪيس سربستو ڪري ٻڌايو. ٻئي ڏينهن صبح جو بادشاهه ڪين گهرايو. شهزادي ڳالهه بادشاهه کي عرض ڪيو: عاليجاهه هن نوجوان کي بيگناهه سمجهي پيءُ ماءُ سميت آزاد ڪريو ۽ گستاخي معاف ٿئي ته ڳالهه ظاهر ڪريان.

ڇگو ڳالهه ٻڌاءِ! بادشاهه چيو. شهزادي بادشاهه کي عرض ڪيو: جهڙي نموني نوجوان کي مون سان گڏ نظربند ڪيو ويو هيو تهڙي نموني فلاڻي سوداگر جي ڌيءَ شبروز کي منهنجي حوالي ڪريو ته مطلب ظاهر ٿيندو. اهو ٻڌي اول ته بادشاهه چپ ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ مرضيءَ موجب ضرورت سمجهي شهزادي ڳالهه سان گڏ سوداگر جي ڌيءَ کي گرفتار ڪرائي، ساڳيءَ ڪوٺيءَ ۾ نظربند ڪيو ويو مگر انهيءَ شرط سان ته سياٽي ٻئي ڦاسيءَ تي چاڙهيا ويندا. نازنين صبح جو ڦاسيءَ تي چڙهڻ جو ٻڌي زاروزار روئڻ لڳي.

شهزادي ڳالهه دلجاءِ ڏيئي چيس: موت هر ڪنهن انسان جي مٿان اچڻو ئي آهي، سو ان سان منهن بهادريءَ سان ڇو نه ڏجي. جيترو ٿي سگهي هر طرح ڪوشش ڪجي. اگر ڪوششون ڪامياب نه وڃن ته پوءِ پاڻ کي قدرت جي حوالي ڪجي.

شبروز ڳالهه جي آواز تي ظاهري ڪٽي ڳوڙها ڳاڙڻ بند ڪيا، مگر اندر جا ڳوڙها بدستور جاري وهندا رهيا.

شهزادي گل هن کي چپ ڏسي چيو: شبروز! توسان گڏ مان بہ ناحق ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندس! اهو نوجوان جنهن لاءِ تون هيتري ساري قرباني ڏني، تنهن پاڻ ۾ پنهنجي پيءُ ماءُ جي بچاءَ خاطر سمورو احوال ظاهر ڪري، پاڻ بچائي توکي موت جي منهن ۾ وجهي ڇڏيو. افسوس! جو اچان بہ تون ان مٿان قربان ٿي رهي آهين!

پر پوءِ بہ شبروز شهزادي گل کي ڪا ورندي ڪانہ ڏني، تنهن تي گل چوڻ لڳس: شبروز! اهڙي ڪا ڳالهہ ٻڌاءِ جو رات ٿهري گذري وڃي، ليڪن ڪوبہ جواب ڪين ڏنائينس. ماٺ ۾ ئي ويٺي غم کائيندي رهي.

نيٺ شهزادي گل پاڻ عشق جو اهڙو قصو تہ بيان ڪيو، جنهن کان شبروز جي وات مان بي اختيار نڪري ويو: عشق عميق جون لهرون تمام تيز آهن! جنهن پنهنجو سر قربان ڪري مون کي ڏنو.

## قصو- داستان محبت

ڳالهہ ڪندا آهن تہ غزني شهر ۾ هڪ حسين عورت چنڊ کان بي مثل زلفن سان سينگاريل هڪ تمام عاليشان رونقدار محلات ۾ رهندي هئي، ان محل جي هيٺان هڪ نوجوان حسين سوداگر بہ رهندو هو.

هڪڙي ڏينهن هڪ نهايت خوبصورت حسينہ تڙ ڪري، پنهنجا سونهري زلف سڪائي رهي هئي، تہ اهو سوداگر بہ ڪنهن ڪم سانگي سندس محلات ۾ آيو ۽ هن کي ڏسي مٿانئس عاشق ٿي پيو. هوڏانهن پيار ۽ عشق جي جذباتي نگاهن زهري تير جو ڪم ڪري، دل کي چيري چڪنا چور ڪري وڌو.

بهرحال حسين عورت ۽ نوجوان سوداگر جي پاڻ ۾ حد کان وڌيڪ محبت ٿيندي رهي. هڪڙي ڏينهن پنهنجي نئين دنيا وسائڻ خاطر فيصلو ڪيائون تہ رات جو 12 هجي مهل ضروري سامان کڻي منزل ڏانهن ڪوچ ڪنداسين، سو اهو پڪو ارادو ڪري، ڏينهن جو سڀ ڪجهہ تيار ڪري، رات جو مقرر ٽائيم تي اُٺ تيار ڪرائي، دنيا کان جدا ٿي، نئين بهار برپا ڪرڻ خاطر تيز رفتاري سان شهرپار ڪري، خوفناڪ جهنگل ۾ داخل ٿيا، جتي حسينہ کي گهٽي پنڌ ڪرڻ ڪري ايتري تہ سخت اڃ لڳي جو اُٺ بيهاري کيس چيائين: پيارا منظور! مون کي ڏاڍي اُڃ لڳي آهي، سو پاڻي چڪو تہ ڏينم.

منظور: اُٺ کي بيهاري آندل گهگهيءَ کي ٽيڙن مان کيس گهگي هٿ نہ آئي، سو حسينہ کي چيائين، پياري گلنار شايد گهُگهي پوئين منزل تي هجي وئي آهي، سو تون اتي ترس تہ مان اجهو ٿو ڪريل گهگهي کڻي اچان. ائين چئي پنهنجي اُٺ جي مهار ڦيرائي پوئتي منزل ڪيائين. ٿوري دير ۾ پاڻيءَ جي گهگهي کڻي پنهنجي محبوبہ جي خشڪ چپن کي آبِ حيات سان نوازي دل کي ٺاريائين.

۽ پوءِ اُتان اڳتي هلڻ لاءِ روانا ٿيا. ۽ ٽڪڙ سبب پاٽيءَ جي گهگهي اتي ئي رهجي ويئي ۽ پاڻ منزلون ڪندا بيابان لتاريندا. هڪ برپٽ ۾ پهتا. جتي گرم ڏينهن جي تپش ڪري نازڪ جسم گلنار کي وري پاٽيءَ جي ايتري ته طلب ٿي جو شايد هن ڪان ڪڏهن به ڪيس نه ٿي هجي، سو دستور موجب چيائينس ته پيارا منظور! مون کي اُڃ لڳي آهي.

منظور حيران ٿي گهگهيءَ کي ڳولهيو ته گهگهيءَ جو پتو ئي ڪيس نه پيو. آخر سمجهيائين ته انهيءَ جاءِ تان اسان ٽڪڙ ۾ پاٽيءَ جي گهگهي ڪانه ڪنئي آهي، سو گلنار کي چيائين: پياري! هن برپٽ ميدان ۾ واريءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نظر ئي ڪونه ٿو اچي، سو مون کي اجازت ڏي ته هڪدم وڃي اها گهگهي کڻي اچان. گهڻو پنڌ ڪونهي شايد چار پنج ڪوهه هجن. جي اُٺ جي اڳيان پري نه آهن. اوهين اتي دلجاءِ ڪري ويهو مان اجهو آيس.

گلنار چيس، اڃ جلد ۾ ائين نه ٿئي جو آئون انتظار ڪري مري وڃان.

قصو ڪوتاهه منظور. گلنار کان موڪلائي گهگهيءَ جي تلاش لاءِ وڃي ساڳئي جاءِ تان گهگهي کڻي واپس موٽي اچي ڇا ڏسي ته پياري گلنار آهي ئي ڪانه. ٻيو سڀ سامان اتي موجود پيو آهي. اهو ڏسي ڪيس ڌڪ ٿيو ۽ دل ۾ خيال ڪري چوڻ لڳو: جيڪڏهن گلنار کي انسان ذات مان ڪو کڻي وڃي ها ته ضرور هي سامان اڻ سميت به کڻي وڃي ها. البت پنهنجن مائٽن جي سڪ بيقرار ڪيو هوندس، جنهنڪري محبت کي ميدان ۾ ڇڏي مجبور ٿي موٽي ويئي يا وري جهنگلات ۾ خيابانن جي دهشتناڪ ميدانن کان خوفزده ٿي هلي ويئي آهي.

سو سوداگر منظور به سڀ سامان اتي ڦٽي ڪري، پنهنجي ملڪ غزني موٽي آيو. اتي ڇا ڏسي ته گلنار جا والدين ڌيءَ جي غم ۾ روئي رهيا آهن ۽ رات ڏينهن سندس تلاش ڪري رهيا آهن. قصو ڪوتاهه منظور ساڳين پيرن سان موٽي اچي هڪ وڻ جي ٿاري هٺ ۾ جهلي سوچيو شايد گلنار هتڙي آئي هجي ۽ مون کي نه ڏسي وري موٽي ويئي هجي، سو آئون هتي تيستائين ويٺو رهندس جيستائين منهنجي محبوبه گلنار اچي نه ملندي. آخر تقريباً ڪيس انهيءَ جاءِ تي تيرهن سال گذري ويا.

شهزادي بيان کي اتي پورو ڪري چيو: شبروز ان سوداگر جو عشق ڪهڙو چئبو تنهن تي شبروز چوڻ لڳي: اُهي وڃي ڪوهه ۾ پون، منهنجو ڪهڙو ڪم انهن ڳالهين سان.

بهرحال شهزادي گل، شبروز جي واتان ٻي رخو جواب ٻڌي چيو: آخرڪار تون به ته ڪجهه ڳالهاءِ! اهو ٻڌي چيائينس: اگر توکي ٻي به ڪا ڳالهه ياد آهي ته ٻڌاءِ. انهيءَ تي شهزادي گل خوش ٿي چيو: سبحان الله، ته ڪلي! ائين شهزادو گل ڳالهه پيش ڪري ٿو:

## شهزادي گل جو جادوءَ سان گلدستو بڻجڻ

اڳين زماني ۾ زابلستان جي فرزند ارجمند نورچشم دلبند جو اسم گرامي گلاب سان مشهور هو يعني هو شهزادي گلاب سان منسوب ڪيو ويندو هو. هڪڙي ڏينهن شهزادي کي شڪار جو

شوق ٿيو جنهنڪري ٻئي ڏينهن صبوح جو سوير تياري ڪري شڪار تي ويو مگر پنهنجي بزرگ پيءُ جي ڪيس هدايت ٿيل هئي ته ٽن پاسي پل شڪار لاءِ وڃ، مگر چوٿين پاسي ڪڏهن به وڃڻ جي غلطي نه ڪج! سا ڳالهه ڪيس ياد پيئي، جنهنڪري ٽن پاسن شڪار ڪرڻ لڳو پر ڪيس ڪويه ٽنهي پاسن کان شڪار ڪونه لڳو. آخر خيال ڪيائين ته هينئر چوٿين طرف ڏانهن به وڃڻ گهرجي، ۽ ڏسجي ته آخر ماجرا ڇا آهي؟ ۽ اها به خبر پوي ته والد صاحب ڇو روڪيندو آهي؟ نيٺ انهيءَ خيال کي پڪي ارادي ۾ تبديل ڪري، شهزادي گلاب پنهنجو گهوڙو تيز رفتاريءَ سان انهيءَ طرف ڊوڙايو جيتوٽيڪ ڪيس امير امرائن ۽ دوستن گهڻوئي روڪيو ته انهيءَ طرف نه وڃو مگر هن ڪنهن جي به نه ٻڌي ۽ هلندو رهيو تان جو سامهون هڪ عاليشان محلات ڏٺائين، جنهن جي چوطرف پڪين سرن جو ڪوٽ اڏيل هو.

شهزادي گلاب اهو بند ٿيل وڏو شاهي ڪوٽ ڏسي دل ۾ خيال ڪيو ته اهو ڪوٽ اندر ڏسڻ گهرجي سو گهوڙي جي رسيءَ وسيلي قلعي جي ديوار ٽپي جڏهن اندر داخل ٿيو ته ڇا ڏسي، سبحان الله ڪار ساز مالڪ جي ڪاريگري آهي، ڀيو ته ڪو خوف خطرو ڪونهي! هو وڻندڙ رونقدار جنت سماع باغ ڏسي عبرت ۾ پئجي ويو.

خير شهزادو باغ ۾ داخل ٿيو. ڇا ڏسي ته اهو عاليشان محل هڪ شاهي حوض جي مٿان صرف ٻن ٿنڀن تي بيٺل آهي. هي خوشنما محلات ڏسي وائڙو ٿي ويو واقعي وائڙي ٿيڻ جي ڳالهه به هئي. جيتوٽيڪ هو پاڻ به شهزادو هو پر پوءِ به هن اهڙو شاهي محل پنهنجي اکين اڳ ڪڏهن ڪين ڏٺو هو. پنهنجا به شاهي محل هيس، ته به هي محل پنهنجو مٽ پاڻ هو. هيءُ اڃان محل کي ڏسڻ ۾ ئي مشغول هو ته سامهون دريءَ مان هڪ خوبصورت حور مثل حسينا، انار بانو جوهه وجهي شهزادي کي ڏسڻ لڳي. شهزادي گلاب جي مٿس نگاهه پئي پوءِ ته اکيون چار ٿي ويئون. عشق پنهنجو جلوو ڏيکاري، سورج کي ڪي گهڙيون پنهنجي تپش ڏيکارڻ کان روڪي ڇڏيو. ڪجهه وقت ته صرف ديدار اقرار ٿيندو رهيو ڪين دنيا جهان جي به خبر ڪين پئي. هي اڃان محبت ۾ مگن بينا هئا ته هڪ ظالم پيرسن جادوگر جي چماٽ سندس نينهن جا نشا ٽوڙي نه سگهي. هي پنهنجي مستيءَ ۾ مگن رهيو. جادوگر جي چماٽ تي ڌيان ئي ڪين ڏنو ته جادوگر زمين تان خاڪ کڻي ان کي پڙهي مٿانئس ڦوڪاري چيو: بيوقوف توکي خبر ڪونهي ته هتي آدم ذات جي نالي تي چڙندا آهيون. ائين چئي هن کي گلدستو بڻائي انار بانوءَ پري ڏانهن مڙي چيائين: افسوس تو به ڪيس ڪين روڪيو. ائين چئي ان کي بلبل بڻائي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪيائين ته هن پڙڪو ڏيئي گلدستو چهنب ۾ جهتي باغ مان نڪري ڪٽي جهنگل ڏانهن رخ رکيو جهنگلن طرف اُڏامڻ لڳي، ڇو ته ڪيس خوف هو ته هي ملعون مون کي هرگز ڪين ڇڏيندو انهيءَ خيال سان شهزادي کي به گلدستي جي صورت ۾ ساڻ کڻي رواني ٿي. هن اڃان پنهنجي ڪوٽ کان چار منزلون ئي طئي ڪين ڪيون ته زبردست طوفان لڳڻ ڪري سندس وات مان گلدستو هيٺ اچي زمين تي ڪريو. گلدستي کي ڪرندو ڏسي کڻڻ خاطر پاڻ به هيٺ لٿي. هيٺ لهي ڇا ڏسي ته اهو گلدستو هڪدم ڦٽي نِنڍڙو

گلاب جو وڻ تي پيو. وري بہ شڪرانا ان مالڪ جا بجا آندائين جنهن ڪيس صحيح سلامت گلدستي سان ملايو سو بہ هڪ پسند جي گلزار ۽ گلستان ۾ پوءِ تہ هيءَ ان گلاب جي ٻوٽي مٿان سدائين پئي پهرو ڏيندي هئي. هڪڙي دفعي خيال ڪيائين تہ هتي ڪابہ خطري جهڙي جاءِ ڪونهي سو چو نہ پنهنجي خوراڪ لاءِ بہ ڪجهہ ڪوشش ڪريان، سوائين سوچي اتان خوراڪ لاءِ اُڏري. هيءَ اڃان پنهنجي خوراڪ ۾ ئي مشغول هئي تہ اوچتو گلستان ۾ هڪ سوداگر اچي ديرو ڄمايو. هن گلستان ۾ گهمندي اڻ مندائتا گلاب جا گل ڏسي ان ننڍڙي گلدستہ مثل ٻوٽي کي زمين مان کوٽي ڪڍي، پنهنجي دل خوش ڪرڻ خاطر خواهہ پنهنجي زال کي ڏيکارڻ لاءِ کڻي هليو ويو.

ٿورن ڏينهن بعد سوداگر پنهنجو قافلو ڪاهي هڪ شهر ۾ پهتو جتان جي بادشاهہ کي گلن سان نهايت ئي گهڻو چاهہ هوندو هو. جڏهن سوداگر کي بادشاهہ جي شوق جي خبر پئي، تڏهن ننڍڙو ٻوٽو کڻي بادشاهہ جي دربار ۾ حاضر ٿي، تحفي طور پيش ڪري، انعام اڪرام وٺي پنهنجو رستو وٺي رمندو رهيو.

هيڏانهن بادشاهہ بہ پنهنجي حياتيءَ ۾ اهڙو گلدستو ڪڏهن ڪين ڏٺو هو سو هن کي هن ننڍي گلاب جي ٻوٽي کي ڏسي حيرت وٺي ويئي. خاص مالهيءَ کي ڏيندي چيائين: هن جي چڱيءَ طرح حفاظت ڪج!

گلدستو باغ ۾ هنيو ويو تہ ان ڏينهن سبز تڙيل هو مگر ٻئي ڏينهن الاءِ جي ڇو سڪي ڪومائجي ويو. بادشاهہ جيئن تہ صبوح توڙي شام جو گل ٻوٽا ڏسڻ لاءِ باغ ۾ ويندو هو سو انهيءَ گل جي خراب حالت ڏسي گهبرائجي ويو ۽ اول تہ اچي مالهيءَ تي ڪاوڙيو پر جڏهن مالهيءَ ٻڌايس تہ بادشاهہ سلامت منهنجو ڪوبہ قصور ناهي. مون تہ اوهان جي حڪم موجب هن جي ڏاڍي ٽهل ڪئي پر الاءِ جي ڇو هن طرح ڪومائجي ويو. ظاهري ڪو سبب بہ نظر نٿو اچي، ان بعد بادشاهہ اعلان ڪيو تہ جيڪو بہ گل کي سائو سبز ڪندو، تنهن کي مالامال ڪندس.

ٻئي طرف جڏهن بلبل خوراڪ سان مالامال ٿي واپس وري تہ گلدستي کي غائب ڏٺائين. هن ڪيترين ئي دانهون ڪيون، مگر ڪوبہ اميد پريو نتيجو ڪونہ نڪتو. نيٺ دل ۾ سٽي ڪري شهر جي باغن ۾ ڪيس ڳولهڻ لڳي. ڳولهيندي ڳوليندي ان کي شاهي باغ ۾ ڏٺائين. هيٺ لهي ان گلدستي جي سڪل پنن کي اکين تي رکي چميائين تہ ساڳيو گلدستو سائو ٿي ٽڙي بيٺو. مالهيءَ گلدستي کي سائو سبز ۽ ٽڙيل ڏسي خوشيءَ مان اچي بادشاهہ کي مبارڪ ڏني تہ گلدستو سائو سبز ڪيو اٿم. هاڻي پنهنجي واعدي مطابق انعام ڏيو. بادشاهہ گلدستي کي سائو سبز ڏسي عبرت ۾ پئجي ويو تہ واقعي شام تائين جيڪو سڪل هيو سو هينر سچ سائو آهي. بادشاهہ خوشيءَ مان باغبان کي انجام موجب هزار روپيا انعام ڏنا. هاڻ هر گهڙيءَ بلبل گل دستي مٿان ڦيرا ڏيندي ٿي رهي. ڪنهن ڏينهن بادشاهہ جو مٿس نظر پئي سو ڪيس پڪڙائي پڃري ۾ بند ڪري ڇڏيائين. بادشاهہ بلبل کي پڪڙي اڃان پڃري ۾ ئي بند مس ڪيو تہ گلدستو ساڳي طرح ئي هڪدم ڪومائجي ويو.



قصو ڪوتاهه تہ جڏهن بادشاهه بلبل سميت پڃرو ڪٺي ويجهو ٿي رکيس تہ گل دستو سائو ٿي ٿي پيو. بادشاهه انهيءَ عبرت ڪي ڏسڻ خاطر ڪڏهن پڃرو بلبل سميت پري تہ ڪڏهن ويجهو پئي ڪيو. ان وچ ۾ هڪ درويش اچي اُتان لنگهيو جنهن اهڙو لقاءُ ڏسي چيو: بادشاهه سلامت هيءُ هڪ ٻئي جا محبوب سمجهہ ۾ تا اچن، شايد هي جادوءَ ۾ گرفتار آهن. خدا جي فضل سان ڏسج تہ آئون، انهن کي ڪيئن ٿو اڳئين روپ ۾ ٿو آڻيان! ائين چئي آيت الڪريمہ پڙهي ٻنهي مٿان شوڪاري، درود شريف دم ڪري مٿان ڦوڪيائين تہ ٻئي ڦري حسين صورتن ۾ ٿي بيٺا. بادشاهه اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

باشاهه ان درويش جو ڏاڍو مطيع ٿيو. پوءِ بادشاهه شهزادي کان سربستو احوال ٻڌائڻ لاءِ چيو. شهزادي گل سمورو احوال بادشاهه کي ڪري ٻڌايو. بادشاهه ٻڌي حيرت ۾ پئجي چيو: اوهين ٻئي منهنجا خاص مهمان آهيو. ائين چئي ٻنهي کي محل ۾ وٺي ويو جتي سندن چڱي خاطرداري ڪئي ويئي.

ڪجهہ ڏينهن بعد ٻنهنجي ملڪ وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪيو بادشاهه مجبورن کين فوج ڏيئي ملڪ روانو ڪيو. شهزادي گلاب جي والد کي اڳ ئي خبر پئجي ويئي هئي، شهزادو سلامت آهي ۽ ڦلاڻي بادشاهه وٽ مهمان ٿيل آهي. جو هر حڪومت جا هڪ ٻئي ۾ خابرو مقرر هوندا آهن، تن بادشاهه جي پڇاڙيءَ واري غم کي دؤر ڪري خوشيءَ ۾ تبديل ڪيو. وبتر جو پنهنجي پٽ جي ملڪ واپس پهچڻ جي خبر ملي تہ ڏاڍو خوش ٿيو. شهزادي جو وڏو استقبال ڪيو ويو. پٽ کي سامهون ڏسي پيءُ ڪٽي پاڪر ۾ پريس. ڪا گهڙي پيءُ پٽ هڪ ٻئي جي پاڪرن ۾ رهيا. ان بعد محل ۾ آيا، ٻئي ڏينهن، شهزادي سان گڏ آيل اڳئين بادشاهه جي فوج کي انعام ڏيئي روانو ڪيائين.

جڏهن پيءُ پٽ اڪيلا ٿيا تہ بادشاهہ شهزادي گلاب کي وچوڙي جو داستان ٻڌائڻ لاءِ چيو. شهزادي سموري منڍ کان آخر تائين ڪري بادشاهہ کي ٻڌائي. بادشاهہ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انار بانو سان ساڻس شان و شوڪت ۽ ڌام ڌوم سان شادي ڪري. جوڙي لاءِ خاص شاهي محل تيار ڪرائي، ڪين عيش آرام ڪرڻ لاءِ ڏنائين.

شهزادي گل قصو پورو ڪري شبروز کي چيو: اهو عشق ڪيئن هو؟

شبروز: جواب ڏنو تہ مان ڇا چاڻان!

ان کان پوءِ چيائينس تہ شبروز هاڻي تون تہ ڪا ڳالهہ ٻڌاءِ تہ جيئن رات خير خوبيءَ سان گذاريون. سياڻي تہ اٿين ئي قتل ڪيا ويندا سين. سو ڪجهہ تہ ڳالهاءِ؟

شبروز: تو چواڻيءَ موت سڀ کي ضرور اچڻو آهي. باقي خوف ڇا جو ڪريان! باقي جي توکي ڪا ڳالهہ ايندي هجي تہ بيان ڪر؟



ان بعد طوطو ڪجهہ دير ماٺ ٿي ويو تہ مينا چيس: اي ادا طوطا پوءِ شهزادي شبروز کي ڪو بيو قصو ٻڌايو.

طوطو: بادشاهہ سلامت. اوهان جي احترام جو خيال نہ هجي تہ هن ڪاريءَ ڪنچيءَ کي تہ ست سريون ٻڌائيان. پر ڇا ڪريان اوهان جي مان مرجاتا ڪري ماٺ ٿو ڪريان.

اي مينا هاڻ وچ ۾ نہ ڪڇجانءِ. چڱو قصو اڳتي ٻڌ:

سيستان ملڪ جي بادشاهہ کي هڪ مهہ جبين حسينہ چوڏهينءَ جي چنڊ مثل، نيڪ سيرت و صورت ڌيءَ نالي "شهزادي افروز" هئي. اها جڏهن وڏي ٿي تہ پٽس سندس شاديءَ لاءِ پيغام گهرايا. اها خبر جڏهن شهزاديءَ افروز کي پيئي، تڏهن پنهنجي پيءُ کي عرض ڪيائين تہ جهان پناهہ! منهنجي

رضامنديءَ کي ڏسي منهنجو سڱ ڪيو وڃي تہ بهتر ٿيندو. بادشاھہ کي اها ڳالهہ ڏاڍي پسند آئي، تنهن چوطرف حڪومتن ۾ اعلان ڪرايو تہ فلاڻي تاريخ شهزادي افروز پنهنجو مڙس پاڻ ڳولهيندي، جنهن کي بہ دربار عاليہ ۾ قسمت آزمائڻي آهي تہ هليو اچي. آخر انهيءَ مقرر تاريخ تي ڪيترا شهزادا خواھہ وزير زادا، امير امراءَ هار سينگار ڪري اچي سيستان دربار ۾ حاضر ٿيا. اقرار موجب شهزادي افروز پنهنجي زندگيءَ جو ساٿي ڳولهڻ لاءِ دربار ۾ اچي سڀ ڪنهن کي چڱيءَ طرح ڏسڻ لڳي. آخر جهڙي وقت ساڄي طرف کان شهزادي افروز ويٺلن کي چڱي طرح ڏسڻ لاءِ ويجهي آئي تہ واري تي شهزادا خواھہ امير امراءَ پنهنجون ڏگهيون مڇون وٺيندا، ڪيس ڏسندا رهيا تہ اجهو ٿي مون کي پنهنجو مڙس تسليم ڪري گلن جو هار وجهي، مگر شايد اهي بدنصيب هئا يا خود بدنصيب هئي، جو اهڙن نوجوان کي ڇڏي، ساڳيو ئي خوش نصيب هار هڪ غريب جي هٿ واري "تصوير" کي وجهي وڌائين. شهزادا خواھہ وزير پنهنجي بيعزتي ڏسي گوڙ ڪرڻ لڳا.

بادشاھہ اهو ڏسي ان کي پنهنجي بيعزتي سمجهي ڪاوڙمان ڌيءَ کي چيو: جي توکي هرويرو منهنجي ذلت يا رسوائي ڪرائڻي هئي، ان رستي تہ نہ ڪرائين ها؟ افسوس جيڪر ننڍي هوندي ئي مري وڃين ها! تہ بهتر هو. جو هاڻ هتان وڃ هلي، مان تنهنجي شڪل بہ ڏسڻ نٿو چاهيان! هاڻ اها تصوير ئي تہ هن جي مقدر آهي. ائين چئي تخت تي ويهي ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو.

هوڏانهن شهزادي غريب کي ساڻ ڪري هلي ويئي.



محلات کان ٻاهر نڪرڻ بعد شهزادي افروز ان غريب کان پڇيو تہ تون هي فوٽو ڪٿان آندو آهي.

غريب: هي فوٽو گلستان ملڪ جي شهنشاھہ جي فرزند ارجمند شهزادي لعل جو آهي.

۽ ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چوڻ لڳو شهزدو لعل نندو ئي هو تہ لعل پري مٿس عاشق ٿي کيس کوهہ ڪاف جبلن ڏانهن کڻي ويئي، جتي کيس هڪڙي پڃري ۾ بند ڪري سندس ديدار ڪندي رهندي هئي.

شهزادي افروز اهو ٻڌي چيو: مان ان شهزادي کي پنهنجو مڙس دربار ۾ ظاهر ڪري چڪي آهيان سو مون کي پڪو ڏس ڏي تہ مان کيس ڳولي هٿ ڪريان! ان غريب چيو مون کي وڌيڪ تہ ڪا ايتري خبر ڪانهي، منهنجو هڪ استاد آهي، جنهن مون کي اهو فوٽو ڏيئي توهان ڏانهن موڪليو هو. دراصل هڪ وڏو مصور بہ آهي. اوهان ان سان ڳالهائي ڪجهہ پتو حاصل ڪري سگهندؤ.

شهزاديءَ اهو ٻڌي پنهنجي مڙس کي حاصل ڪرڻ لاءِ پيءُ جي شهنشاهي ڇڏي جوتڪي هئي، سا ان گمنام شخص سان گڏ رلجي پئي، تان جو هڪ شهر ۾ پهتا. شهر ۾ هلندي هلندي ان غريب کيس پنهنجي استاد مصور وٽ پيش ڪري چيو وڌيڪ اوهان جون تڪليفون هيءُ دؤر ڪندو؟

شهزادي افروز مصور کي ڏسي روئي کيس عرض ڪيو: قبلہ عالم! اوهان جي موڪليل شهزادي لعل جي فوٽوءَ تي عاشق ٿي کيس بابي سائين جي ڪچهري ۾ گلن جو هار وجهي، خاوند قبول ڪيو اٿم، سو خدارا اوهان مون کي ان سان ملڻ جو شرف بخشيو.

مصور کيس تسلي ڏيندي چيو: مان شهزادي لعل کي پٽ ڪري ڪوٺيو آهي!

شهزادي: تہ پوءِ پلا ڪهڙي نموني مان کيس حاصل ڪري سگهنديس؟

مصور: ان جو صرف هڪ رستو آهي. آئون لعل پريءَ جو بہ استاد آهيان، هوءَ سومر جي ڏينهن صبح جو ڳاڙهي باغ ۾ لعل شهزادي کي ساڻ ڪري مون وٽ علم موسيقي سکڻ ايندي آهي، سو آئون توکي انهيءَ جاءِ تي ڏيکاريندس، مگر ذکي ڳالهہ هڪڙي آهي، انهيءَ باغ تائين توکي اڪيلو پاڻ وڃڻو آهي، ڇو تہ مون کي پريءَ جا خادم هوائي تخت تي وٺي ويندا آهن!

شهزادي افروز: مان پنهنجي محبوب کي هٿ ڪرڻ لاءِ هر تڪليف کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، اوهان صرف مهرباني ڪري ان باغ جو پورو پتو ٻڌايو. انشاءَ الله سومر کان اڳ وڃي محبوب مٺي جي منزل تائين پهچندس.

مصور اهو ٻڌي چيو: سامهون ٻن ميلن کان پوءِ اتر طرف وڃي، پوءِ اولهہ طرف پنجاهہ ميل نڪري هڪ ميدان ۾ ايندينءَ، ان بعد اهو ميدان پار ڪري ڏکڻ طرف صرف ويهن ميلن تي اهو باغ نظر ايندءِ، تون ان باغ ۾ ڪٿي بہ ويٺي رهج. هوءَ لعل شهزادي کي ڳاڙهي باغ گهمڻ لاءِ آزاد ڇڏيندي آهي. اميد تہ اُتي پهچڻ بعد تنهنجي شهزادي سان منهان منهن ملاقات ٿيندي.

شهزادي افروز مصور کان موڪلائي منزلون ڪندي، پنهنجي محبوب کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري، اتر طرف کان ٻہ هٿ تي ڦيرو ڪائي، اولهہ طرف ورتو.

ڪيترن ڏينهن کان پوءِ ان جهنگل ۾ پهتي، جتي منظور سوداگر پڪو ارادو ڪري تاريءَ ۾ هٿ وجهي گلنار جي عشق ۾ بيٺل هو.



اي مينا! مون اڳ چيو هو تہ ٻنهي جو مفصل احوال اڳتي ڪيو ويندو سو هاڻ اها ڳالهہ ٻڌندي هل. جڏهن شهزادي ان هنڌ پهتي تہ منظور سوداگر کي شهزاديءَ افروز ڏسي ڪانئس پڇيو: اي نوجوان وڻ جي ٿاري پڪڙي ڇو بيٺو آهين؟

منظور: ڪيترن پيرن پڇڻ ڪانپوءِ چيو: تنهنجو ڪهڙو ڪم؟ وڃي پنهنجو ڪم ڪر، هي هڪ دنيا آهي جتي هر قسم جا انسان موجود آهن. تو جهڙا ڪيترا انسان پڇي ويا، باقي تون پڇي ڇا ڪندينءَ!

شهزاديءَ چيس: شايد ڌڻيءَ جي مهرباني سان تنهنجو ڪم منهنجي هٿان ٿي وڃي؟ سوداگر اهڙيءَ تسلي ۽ اميدن تي ڪيس سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. آخر ۾ چيائينس اڄ چوڏهن سال گذري ويا آهن، هتي بيٺي بيٺي.

خير شهزادي افروز رات اتي رهي، صبح جو منظور سوداگر کان موڪلائي، اڃان جهنگل پار ئي نہ ڪيو تہ سامهون هڪ اُٺ تي عورت چڙهيل ڏٺائين. ويجهو وڃي ڪانئس پڇيائين: اي پيرڻ! اُٺ تي چڙهي ڇا لاءِ بيٺي آهين. هن بہ ساڳيو سوداگر وارو جواب ڏنو. آخر شهزاديءَ قصي کي سمجهي چيو: اي پيرڻ! ڪوبہ فڪر نہ ڪر. جنهن لاءِ تون انتظار ڪري رهي آهين، سو پڻ تنهنجي انتظار ۾ هڪ ٿاريءَ کي هٿ ڏيئي بيٺو آهي، جنهن کي قريبن چوڏهن سال ٿيا آهن. سو تون برابر ان جي انتظار ۾ آهين نہ؟ گلنار اهو ٻڌي خوش ٿي چيو: هائو پيرڻ! مان هن جي انتظار ۾ ئي آهيان. شهزادي افروز گلنار کي ساڻ ڪري سوداگر وٽ اچي کين ملايو. سوداگر ۽ گلنار هڪ ٻئي کي ڏسي خوشيءَ جا ڳوڙها ڳاڙي، پاڪر پائي سورن جا سلا ٽوڙي، اتان واپس اچي هڪڙي ڳوٺ ۾ پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن گذارڻ لڳا.

شهزادي انهن کان موڪلائي، الله تي توڪل رکي ڦاٿلن ڪپڙن ۾ منزلون ڪندي، آخر سومر جي رات اچي باغ ۾ پهتي. چانڊوڪيءَ رات ۾ لعل پريءَ جو ڳاڙهو باغ ڏسي حيرت ۾ پئجي ويئي. واقعي ئي حيرت جهڙي ڳالهه هئي، جو سڀ ڪنهن قسم جا وڻ موجود هئا. آخر حوض مان پاڻي پي، وڻ جي هيٺان بسم الله ڪري آرامي ٿي، جيئن جو منزلن جي ٿڪايل هئي، سو سمهڻ سان ڪيس ننډ اچي ويئي.

هاڻي اچو هن ڳالهه تي

هوڏانهن لال پري دستور مطابق شهزادي لعل کي پڃري ۾ بند ڪري، هوائي تخت وسيلي اچي صبوح جو سوير ڳاڙهي باغ ۾ پهتي مس ته سندس استاد مصور به اچي حاضر ٿيو. مصور به اچڻ سان لال پريءَ کي دستور موجب علم موسيقي جو سبق ڏيئي، پاڻ شهزادي کي ساڻ ڪري باغ جو سئر ڪرڻ لڳو. سئر ڪندي ڪندي مصور شهزاديءَ افروز جو ڪيس فوٽو ڏيکاريو. شهزادي لعل فوٽو ڏسي مٿس عاشق ٿي پيو ۽ بي اختيار ٿي پڇيائين: استاد سائين اها ڪير آهي ۽ ڪٿان جي آهي؟



مصور کيس سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي. شهزادي ڳالهه ٻڌي جواب ڏنو جي ائين آهي ته پوءِ مان به ڪيس پنهنجي هم شريڪ سمجهان ٿو. هوءَ هن وقت ڪٿي آهي؟ مصور چيو: هوءَ ضرور پهچي ويئي هوندي. مان ڪيس رستي تي به جاچيو ته ڪانه ملي. مصور ڳالهائي جملو ختم ئي ڪين ڪيو ته شهزادي جي نگاهه وڻ هيٺان پيل هڪ مظلوم عورت تي پيئي. هن اُها عورت ڏسي استاد کي چيو: استاد سائين هيءَ اسان جي باغ ۾ ڪير ستل آهي. استاد ڏسي چيو: پٽ لعل اها ئي شهزادي افروز آهي، جا تنهنجي پرپٺ عشق ۾ مستاني ٿي، چرين وانگيان هنن حالن ۾ هتي پهتي آهي. مصور شهزادي کي اشارو ڏيئي چيو: تون اڳتي وڌي پاڻ شهزاديءَ کي سجاڳ ڪر.

شهزادو لعل شهزاديءَ افروز جي مٿان اچي، سندس بي مثال حسن ڏسي رڙ ڪري مٿانئس ڪري پيو. شهزادي جي ڪرڻ تي شهزادي ننڊ مان اٿي، جا ڏسي تہ شهزادو لعل ساڳئي فوتوءَ وارو بيهوش ٿيو پيو آهي. ڪيس هوش ڏياري هڪ ٻئي کان احوال وٺڻ لڳا.

هوڏانهن استاد مصور لعل پريءَ کي دوکو ڏيئي، سندس شربت ۾ زهر ملائي ڪيس پيئاريو. لال پريءَ استاد جو تحفو سمجهي پنهنجي مرشد راجا اِندر کي سنپالي پي چڏيو. ٿوري دير ٿي ڪانہ گذري تہ لال پري هميشه لاءِ عدم ڏانهن راهي ٿي. سندس لاش ساڙي خاڪ ڪيو ويو. اهڙي نموني استاد پنهنجي چالاڪيءَ سان ديون کي بہ مٺائيءَ ۾ زهر ملائي ماري ڇڏيو ۽ سندن لاش ڳجهن جي حوالي ڪري پاڻ شهزادي لعل ۽ شهزادي افروز سان گڏ منزلون ڪندا اچي شهر ۾ پهتا. جتان پوءِ شهزادي افروز جي والد صاحب وٺ ويا. جنهن پنهنجي ڌيءَ ۽ نانيءَ کي ڏسي پنهنجي حياتي خوشيءَ ۾ گذاري.

هوڏانهن جڏهن شهزادي لال جي پيءُ کي خبر پيئي سو بہ اچي سيستان ۾ وارد ٿيو جتي شهزادي لعل شهزاديءَ افروز جي شادي خانہ آبادي خير خوبيءَ ۽ شان شوڪت سان ڪرائي ۽ هن خوشيءَ جي موقعي تي شهزادي لعل کي ٻنهن حڪومتن جو شهنشاهہ مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. يعني جيئان ۽ سيستان ملڪ کي ملائي هڪ حڪومت ڪئي ويئي. جتان جو وزيراعظم استاد مصور کي مقرر ڪيو ويو جنهن جي بدولت ٻن عاشقن ملي دنيا کي نئين روپ ۾ ڏاهيو.

اهو قصو ٻڌائي شهزادي گل، شبروز کي چيو: ڏس لال جو بہ مٿانهس ڪيترو نہ عشق هو مگر ڪامياب شهزادي افروز ويئي.

اهو ٻڌي شبروز چيو: اي شهزادا گل! پيري پيري قصو ٻڌائي عشق جي پچا وري مون کان ٿو ڪرين؟ ايستائين جو صبح صادق بہ ٿي ويو آهي؟

شهزادي چيس: سامهون شاهي ملازم اچي رهيا آهن!

شبروز: شهزادا! مان تہ ٻڌايانءِ!! مگر هاڻي چا ڪجي جو وقت ئي نہ رهيو آهي.

سپاهي جهڙي وقت پرسان آيا تن کي شهزادي گل بادشاهہ اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو جن بادشاهہ کان اجازت طلب ڪري کين بادشاهہ سلامت اڳيان پيش ڪيو. هڪ ڏينهن جي وڌيڪ مهلت گهري، کين بادشاهہ پاران هڪ ڏينهن جي مهلت ملي.

ان بعد کين ساڳي هنڌ آڻي گڏ قيد ڪيو ويو. شهزادي گل موقعو ڏسي شبروز کي چيائين، هاڻي اوهين پنهنجو واعدو پورو ڪريو؟

مينا: اي طوطا! اهو ڪهڙو بيان ٻڌائيندين؟




## قصو طارق سوداگر جي ڪاميابيءَ جو

مينا جي ڪيل سوال تي طوطو چوڻ لڳو: شبروز شهزادي گل کي چوڻ لڳي ته عشق عميق جون لهرون ئي اهڙيون تيز آهن، جي سر ڪٽائڻ کان به نه ٽيون رهن. شهزادي گل اهو ٻڌي ڪانئس پڇيو: اهو تون ڪيئن ٿي چوين نيٺ شبروز ”طارق“ سوداگر جي سچي عشق جي ڪهاڻي ٻڌي چيو: ڇا ان جو ايترو سارو عشق نه هو جنهن عشق جي درياهه جي لهرن ۾ اچي هن پنهنجو سر منهنجي حوالي ڪيو ان کي ئي عشق عميق چئجي يا ٻيو ڪجهه چئجي. شهزادي گل اهو ٻڌي ڪيس چيو برابر بنا ڪنهن طمع ۽ لالچ جي سر وڍي ڏيڻ وفادار عاشق صادق جو ڪم آهي. انهيءَ وچ ۾ شبروز منهن تان پردو پري ڪري ويٺي ئي مس ته بادشاهي حڪم موجب ٻئي ڪچهريءَ ۾ حاضر ڪيا ويا. بادشاهه جي پڇڻ تي شهزادي گل شبروز جي سموري ڳالهه سربستي بيان ڪري ٻڌائي. حقيقت ٻڌائڻ بعد بادشاهه سلامت کي عرض ڪيائين: جهان پناهه! ٻنهي جي شادي خانه آباديءَ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي.

بادشاهه اهو ٻڌي پريشان ٿي چيس: زنده ۽ مرده جي شادي ڪيئن ٿيندي؟ شهزادي گل شهنشاهه عاليجاهه کي تسلي ڏيندي چيو: اوهين ”طارق“ سوداگر جو جاءِ مان پوريل لاش گهرائي، سندس سسيءَ سان ملائيو باقي ڪم ڌڻي تي رکو سو پاڻ ڪنهن طرح ڪم سؤلو ڪري وجهندو.

بادشاهه ”طارق“ جو لاشو گهرائي، سسيءَ سان ملائي رکيو ته شهزادي گل شبروز کي چيو: هن ڪٺل عاشق ڏانهن وڃ ته پنهنجي مراد پوري ڪري. شبروز شهزادي جي چوڻ تي مٿانهس اچي بيٺي ته قدرت الاهيءَ سان مرده به هن جي ڀڇڻ تي ڪلمو پڙهي بسم الله ڪري اٿي ويٺو. ڏسندڙ ڏسي تمام عبرت ۾ پئجي ويا.

بادشاهه ٻئي ڏينهن شهزادي گل جي روبرو ٻنهي جي شادي ڪري پنهنجو فرض ادا ڪيو.

لکڻ وارو لکي ٿو ته هيڏانهن بادشاهه کي تندرستي ملي ته هوڏانهن شهنشاهه عدل شاهه زمان تاجدار وينس کي به رب پاڪ تندرستي عطا ڪري سندن تمنائن کي پورو ڪيو.



پوءِ شهزادو گل ڪجهه ڏينهن بادشاهه وٽ رهي، آخر ڪانئس اجازت وٺي پنهنجي مقصد لاءِ شهر طفلس جي راهه ورتي. منزل به منزل ڪندو جهنگل بيابان جهاڳيندو پنهنجي حقيقي مالڪ کي سنڀاليندو ويندو رهيو تان جو هڪ جهنگل ۾ هڪ وڏي قد قامت واري هاٿيءَ کي ڏٺائين، جو پنهنجيءَ سونڊ ۾ هڪڙي ماڻهوءَ کي پڪڙي بيٺو هو ۽ ڪيس چٿي پيو ته اهو تنهنجو ساٿي نه آهي، جو توکي موت جي منهن ۾ ڏيئي پنهنجو مطلب حاصل ڪري هليو ويو. هاٿي مان به توکي بنا مارڻ جي ڪڏهن ڪين ڇڏيندس!

خير! هي ٻڌاءِ ته ان جو ملڻ توسان ڪيئن ٿيو ۽ وري تنهنجو دلي دوست ڪيئن بڻيو.

اهو ماڻهو ڳالهه ٻڌي هاٿيءَ کي هن ريت بيان ڪري ٻڌائڻ لڳو جو شهزادي گل به هڪ وڻ جي اوٽ ويهي پئي ٻڌو.

ڳالهه: دراصل حقيقت هيءَ آهي ته ملڪ جابلستان جي هڪ وڏي مصور جو پٽ آهيان ۽ منهنجو نالو ڪمال آهي. مان خير سان وڏو ٿيس ته منهنجي پيءُ منهنجي شادي لاءِ ڪنوار جي ڳولا ۾ ڦرڻ لڳو ۽ اوچتو هن سامهون شهر ۾ اچي هڪڙو مصور صاحب هن وٽ انجام ڪري ويو. ڪجهه ڏينهن بعد منهنجا والدين هميشه هميشه لاءِ دارالبقا ڏانهن راهي ٿي ويا. تنهن ڏک جو ڪهڙو بيان ڪريان، سندن نالي پوئيان ساري ملڪيت في سبيل الله خيرات ڪري ڇڏيم. ٻئي ڏينهن انهيءَ مصور وٽ رسي ڪيس سموري ماجرا ٻڌايم. هن غم جا چاليهه ڏينهن پورا ڪري مون کي پنهنجي ڌيءَ سان شادي ڪرائي، ڪيترو ئي مال اسباب ڏيئي هڪ عاليشان جڳهه ۾ رهايو. مان سواءِ ڪپڙن جي سمورو ڏاج، زيور، ٽپڙ خدا جي واسطي غريبن کي ڏيئي، زال کي چيو: پنهنجي پيءُ کان ڪجهه مال اسباب وٺي آءُ ته وقت گذاريون. هن منهنجي چوڻ مطابق پنهنجي پيءُ کي وڃي مال لاءِ

چيو جنهن تي پٽس ڪتو جواب ڏيئي روانو ڪيس. مان ڪتو جواب ٻڌي، انهيءَ ڏينهن هن جهنگل ۾ اچي، زنده دل ٿيڻ لاءِ مان قلم وڌي. گهر اچي ان سان هڪ جڏي ڦڏي تصوير تيار ڪري زال کي چيو ته وڃي بازار ۾ ٻين لکين روپئي ۾ وڪڻي اچ. مگر ڪيس هدايت ڪري چيومانس ته جو وٺي تنهن کي چئجان ته تصوير دروازي مٿان ٽنگي پوءِ هن کي ڏسو!

لڪندڙ لڪي ٿو ته جوڻس ارشاد موجب تصويرون بازار ۾ ڪٽي، هوڪا ڏيئي رڙيون ڪرڻ لڳي، مگر گهٽي ٻها هجڻ ڪري ڪنهن ٻه تصويرون نه ورتيون. اٽلو مٿس ماڻهو کلي ڪيس چري چري ڪري پڪاري رهيا هئا. جيئن ته اتان جو بادشاه ٻاهرين سوداگرن جو بچت مال انهن جي چوڻ موجب ٻڌايل قيمت تي خريد ڪري غريبن ۾ تقسيم ڪندو هو تنهن جي حڪم موجب وزير بازار ۾ گهمندي ڏٺو ته هڪ عورت ٻن تصويرن جي ٻها ٻه لک رپيا چئي رهي آهي. هن اهو ڏسي بادشاه کي اچي چيو هڪ عورت ٻن خراب تصويرن جي ٻها ٻه لک چئي رهي آهي، جڏهن ته اهي تصويرون ٻه پئسا به مشڪل سان لهن. بادشاه اهو ٻڌي ان عورت وٽ آيو. ڪيس چيائين: چڱو هڪ لک روپيا وٺ! باقي ٻيو اقرار ٿو ڪريان ته سڀاڻي ڏيندو سانءِ! ان عورت راضي ٿي ڪيس تصويرون ڏيندي چيو: دروازي مٿان ٽنگي پوءِ هن کي ڏسجو!



بادشاه ٻئي تصويرون پنهنجي محل ۾ آڻي دروازي مٿان ٽنگي، تنهن کي آزمائش واسطي ڏسندو رهيو. تان جو خبر تڏهن پئي ته هڪ تصوير اڌ رات جو هلي ويئي ۽ ڪافي دير ڪانپوءِ موٽي آئي ته ٻيءَ تصوير پڇيس: خير ته آهي! چيائينس: جڏهن مان هتان وبس ته شهر جي ٻاهران چار

ماڻهو ويهي مال ورهائيءِ رهيا هئا ۽ هڪ پلنگ تي شهزادي خواب غفلت ۾ بيهوش پيئي آهي. آخرڪار مان انهن کان پڇيو: اوهين ڪير آهيو ۽ هي مال ڪٿان آندو اٿوَ. هنن مون کي ڏسي چيو هل ڙي پني جا ٽڪرا! مون اهو ٻڌي کين چيو تہ مان چوڪيدار آهيان! انهن کلي چيو وڃ وڃي بادشاهہ کي ٻڌاءِ تہ تنهنجي بادشاهزاديءَ کي پلنگ سميت چور کڻي ويا.

مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. آخر مون پنهنجو قد ديو جيڏو ڪري، چئني کي پڪڙي ماري خاڪ ۾ ملائي، انهيءَ جڳهہ وٺ پوري بادشاهزاديءَ کي پلنگ سميت محلات ۾ پهچايو اگر اعتبار نہ اچئي تہ شهر کان ٻاهر چئني لاشن کي ڏسي اچ. بادشاهہ اهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. ان تصوير کان پوءِ ٻي تصوير جاءِ تان چري ٻاهر نڪري ويئي، جا صبح صادق ٿيڻ وقت موٽي آئي ۽ چوڻ لڳي: اڄ سج اُڀرڻ سان بادشاهہ دارالبقا ڏانهن راهي ٿي ويندو. بادشاهہ اهو ٻڌي گهبرائجي ويو ايستائين جو سندس مُنهن ڦِڪو ٿي ويو. پهرينءَ پڇيو: بادشاهہ ڪهڙي سبب کان ماريو ويندو. چيائين: بادشاهہ سلامت جي جتيءَ ۾ ڪارو نانگ وينو آهي، بادشاهہ سلامت اٿڻ سان جتي پائيندو تہ نانگ کيس ڏنگي ماريندو! چڱو پر جي بادشاهہ سلامت بنا جتيءَ جي هليو وڃي تہ پوءِ.

چيائين: سامهون دروازي جي وچ ۾ جنهن وقت ويندو تہ دروازي جي ونگ ڪري پوندي، جنهن ڪري مري ويندو.

اڳتي وري سوال ڪيو پر جي عاليجاهہ ان دروازي کان نہ وڃي تہ پوءِ؟

جواب ڏنائين: دربار ۾ بادشاهہ سلامت تخت سوڌو زمين ۾ هليو ويندو!

هن چيو: پر چڱو جيڪر جهان پناهہ! اڄ تخت تي ويهي ئي تہ پوءِ؟ جواب مليس. پوءِ ڪجهہ بہ نہ ٿيندس!

ائين چئي تصويرون پنهنجي جاءِ تي ئي دروازي مٿان نهڪي بيٺيون.

بادشاهہ ٻنهي تصويرن جي گفتگو ٻڌي رهيو هو تنهن پنهنجي دل ۾ چيو تہ اگر اهي ڳالهيون درست آهن تہ پوءِ بہ لک روپيا تہ ڇا ٻي تعداد قيمت عيوض بہ سستيون آهن. انهيءَ وچ ۾ بادشاهہ کي حجات روا لاءِ اٿڻو پيو ۽ ساڳئي وقت صبوح صادق ٿي ويو هو. آخرڪار پيرين اگهاڙو هلڻ لڳو تہ ان وقت بادشاهہ جي جتيءَ مان هڪ وڏو ڪاريهر نانگ نڪري هلڻ لڳو. اهڙيءَ طرح بادشاهہ خوف محسوس ڪندي ٻاهر نڪتو پر تصوير جي ٻڌل در بجاءِ ٻئي دروازي کان نڪري ويو تہ پهرين دروازي جي ونگ بہ ڪري پيئي. بادشاهہ اهي غيبي حالتون ڏسي ان ڏينهن دربار ۾ بہ ڪين ويو تہ ٻن پهرن کان پوءِ شاهي تخت زمين اندر گم ٿي ويو. جڏهن کيس سموري پڪ پيئي تڏهن ڏٽي تعاليٰ جي درگاهہ ۾ سجدو ڪري، سندس شڪرانا بجا آڻي، اُتي محل ۾ وڃي خيال ڪيائين تہ اڄ جي اهي ٻئي تصويرون نہ هجن ها تہ ضرور دارالبقا ڏانهن رجوع ٿيڻو پوي ها.

خير پهرين چوڪيدار کي بہ آزمائڻ لاءِ انهيءَ جاءِ تي ويو تہ برابر چئن چورن جا لاش سپردخاڪ آهن. انهيءَ خوشيءَ وچان بادشاهہ مصور کي گهرائي رهيل لک روپيو ڏنو. ازانسواءِ کيس انعامن اڪرامن سان بہ نوازيائين ۽ مصور کي پنهنجي محل ۾ ٻي حجابو رهڻ جي اجازت ڏنائين.

پوءِ اهو مصور هاٿيءَ کي چوڻ لڳو: هڪڙي ڏينهن محلات ۾ ويس ته شهزادي صاحبه چوڻ لڳي: بادشاهه سلامت کي به تصويرون ڏنيون اٿئي، مگر مون کي هڪ به ڪانه ڏنئي. اهو ٻڌي مون چيو: برابر مناسب ائين آهي ته هڪڙي تصوير بادشاهزاديءَ کي تيار ڪري ڏيڻ ضروري آهي، سو انهيءَ خيال ڪري وري زنده دل ٻوٽي قلم حاصل ڪرڻ لاءِ جهنگل ۾ آيو آهيان. توکي ڏسي خوفزده ٿي خطري کان بچڻ لاءِ وڻ تي چڙهي ويس، پر اوهان به وڻ هيٺان اچي ويٺا. توهان جي پٺيءَ تي هڪ نازنين ڏسي عبرت ۾ پئجي سو چيم: اڄ بادشاهه سلامت هجي ها ته نازنين کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿئي ها. ڪجهه وقت کان پوءِ اوهان هليا ويا ته مون به خير خوبيءَ سان اچي بادشاهه کي سمورو احوال ٻڌايو. ٻئي ڏينهن هو بيتاب ٿي مون سان گڏ انهيءَ ساڳئي جاءِ تي وڻ تي ويٺو. ٿوري دير بعد اوهين به ڪيترن هاٿين سميت اچي پهتا. ٻيا ته چرڻ پرڻ لڳا، مگر اوهان بدستور ان نازنين کي پٺيءَ تي سوار ڪري هن وڻ وٽ ويٺا رهيا.

بادشاهه حسينه تي عاشق ٿي ڪيئن چيو: آءُ ته ڪجهه ڳالهيون ڪريون؟

هن چيو: مان دل و جان سان توهان ڏانهن اچڻ لاءِ بلڪل تيار آهيان، مگر هي هاٿي منهنجو عاشق آهي، جو ايڏانهن اچڻ ڪڏهن نه ڏيندو سو مون ڏانهن اشارو ڪري چيائين ته هن ماڻهو جي وسيلي آءُ تو وٽ پهچي سگهان ٿي، سو به هن نموني ته هي وڻ جي ٽاريءَ ۾ هٿ وجهي اچي هيٺ ويهي ۽ هن جي ويهڻ کان اڳ اوهين مون کي پنهنجو مضبوط هٿ وجهي پاڻ ڏانهن اهڙي نموني ڇڪيو جو هاٿيءَ کي خبر نه پوي ۽ هو سمجهي ته برابر منهنجي مٿان ويٺي آهي.

اصل ڳالهه ته اوهان جي نازنين کي مان بادشاهه سلامت لاءِ هٿ ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو ۽ هو انهيءَ وقت شهر ڏانهن روانا ٿي ويا. مگر مان چپ چاپ تنهنجي پٺيءَ تي ويٺو هوس ته تون مون کي زمين تي اڇلائي سونڊ ۾ ڪٽي چيپاتي رهيو آهين، آئنده جيئن تنهنجي مرضي؟

هاٿي مصور جي زباني ٻڌي ڪاوڙجي چوڻ لڳو: اصلي وڏو دشمن منهنجو تون آهين. توکي خبر آهي ته اها حسينه بادشاهه جي ڌيءَ هئي، جنهن تي مان عاشق ٿي، ڪيس ڪيترا سال پاڻ وٽ رهايو. خير هو ته پنهنجو مطلب حاصل ڪري ويو مگر توکي موت جي منهن ۾ وجهي ويو. افسوس تو منهنجي محبت کي ڇڪنا چور ڪيو ۽ پنهنجي حياتي وڃايئي.

پڙهندڙن کي اهو خيال نه ڪرڻ گهرجي ته هاٿيءَ هڪ انسان ذات سان تيرهن سال محبت ڪئي، سو ڪيئن ٿي سگهي ٿو. دراصل اهو هاٿي، هاٿي نه هو مگر هڪ وڏو خطرناڪ جِنُ هو.

خير هاٿي ويچارو ناڪام محبت جا ڳوڙها ڳاڙهي، پنهنجي ڪاوڙ ڪري مصور کي مٿان ڦٽي ڪندي چيو: اي دغاباز! ڇا اهو تنهنجو دوست غمخوار هيو جو توکي اڪيلو ڇڏي هليو ويو. مان توکي ضرور ماريندس، مگر ٻيهه ته توکي ٻن يارن جو قصو بيان ڪريان، ظاهري دوستن جي دشمني ڏيکاري پوءِ ختم ڪريان ته جيئن هن قصي مان ٻيا عبرت حاصل ڪن. ائين چئي ڳالهه شروع ڪيائين:

## صاحب مراد جو پنهنجي زال هٿان مارجڻ ۽ وري جيئرو ٿيڻ

ڳالهہ ٿا ڪن تہ زماني جي گردش ڪان اڳ هڪڙا بہ دوست هوندا هئا. جيڪي پنهنجي محبت جي آشياني ۾ دنيا لاءِ مثال هئا. ڪين هڪ ٻئي سان پيار سڳي ڀاءُ ڪان بہ وڌيڪ هوندو هو.

هڪ ڏينهن صاحب مراد پنهنجي وفادار دوست کي چيو: محترم دوست منهنجي گهر واري ڪجهہ ڏينهن کان ماءُ پيءُ سان ملڻ لاءِ ويئي آهي. جيڪڏهن مناسب هجي تہ ڪيس وٺي اچان؟

دلمراد اهو ٻڌي ڪيس چيو: نهايت ضروري آهي! مگر هي بندو بہ اوهان سان ضرور هلندو. نيٺ ٻئي دوست شان شوڪت سان وڃي گڏجي منزل تي نڪتا. رات جي وقت ساٽس سهرو بہ مليو جنهن ڪين قسمين قسمين لذيذ طعام ڪارائي، سندن خوب خاطرداري ڪئي. ڪجهہ دير جي محفل بعد صاحب مراد پنهنجيءَ گهر واريءَ ڏانهن ماڙيءَ تي ويو ۽ آرام ڪيائين. دلي صحبت ڪانپوءِ دلمراد بہ ٻاهر نڪري مقرر جاءِ تي آرامي ٿيو. اڌ رات ڪانپوءِ جنهن وقت صاحب مراد کي ننڊ غفلت جي حالت ۾ آڻي بيهوش ڪيو تہ سندس زال اتان اٿي ۽ آهستي آهستي ٻاهر آئي ۽ دلمراد جي کٽ جي پائي سان سندس پاسو لڳو جنهنڪري دلمراد جاڳي پيو ۽ صبر ڪري ڏانهنس هڪ اک سان ڏسندو رهيو.

خيالي تماشبين لکي ٿو تہ صاحب مراد جي گهر واري رسيءَ وسيلي محل ڪان هيٺ لهي، جڏهن وڃڻ لڳي تہ دلمراد اهو حال ڏسي راز معلوم ڪرڻ لاءِ آهستي آهستي سندس پٺيان هليو تان جو ميل کن مفاصلي تي ڪيس هڪ عاليشان بنگلو ڏسڻ ۾ آيو.

انهيءَ اندر هڪ نوجوان مرد ستل هو جنهن کي جادوگريءَ جو پورو فن هو تنهن پنهنجي زال جي چوڻ موجب جادوءَ جي وسيلي صاحب مراد جي گهر واريءَ کي پاڻ وٽ گهرايائين.

اُتي پهچي صاحب مراد جي گهر واريءَ انهيءَ نوجوان جادوگر کي ننڊ مان اٿاري چيو: منهنجو مڙس گهر ستل آهي، حڪم ٿئي تہ پنهنجو فرض ادا ڪريان.

جادوگر هن کي ڏسي خوش ٿي چيو: وڃ وڃي ڪم پورو ڪر! هي اُتان ٿي واپس پنهنجي محل ۾ ساڳيءَ رسي جي وسيلي داخل ٿي. هيڏانهن هوڏانهن ڏسي تلوار سان پنهنجي مڙس جي سسي تن کان جدا ڪري "مالها" لاهي، رسيءَ وسيلي اچي جادوگر کي ڏنائين. جادوگر اها مالها وٺي هن کي چيو: هاڻي وڃ! وڃي پنهنجو بچاءُ ڪر!!

دلمراد بہ ساڻس سموري وقت تائين گمناميءَ جي پاڇي ۾ گڏ هلندو رهيو جيتوڻيڪ ڪافي ڏک ۽ احساس ڪانسواءِ جوش بہ هيس، پر پوءِ خاموش رهيو. نيٺ هوءَ واپس آئي، مگر تقدير اڳيان سندس تدبير هلائڻ بيڪار هئي، سو سڀ مالڪ جي حوالي ڪري پاڻ ڏسندو رهيو.

خونيءَ عورت پاڻ سنڀالي رڙيون شروع ڪيون. ۽ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي چوڻ لڳي، هاءِ! چور ظلم ڪري ويا جو منهنجي مڙس کي ڪهي سر تن کان جدا ڪري مالها لاهي ويا. دلمراد اهو ٻڌي پريان ڳالهائڻ لڳو: ارمان! انهيءَ بدمعاش کي خدا تعالي غرق ڪري ڪيڏانهن پڄي ويو! افسوس! جيڪڏهن آئون ڪيس، ڏسان ها تہ سندس عضوو عضوي کان ڌار ڪري، جهنم رسيد ڪيانس ها؟

مڪار عورت جي رڙين خواهه دلمراد جي لُڙَ تي پيا به ڪيترائي آيا. جن اچي چورن جي ڳولا شروع ڪئي. نيٺ سج اُيرڻ ڪانپوءِ ڪوتوال به اچي ويو جنهن صاحب مراد جي سموري حقيقت ٻڌي. ڪوتوال سيٺي کي گهرائي ڪورٽ ۾ رجوع ڪيو. قاضي صاحب ساري حقيقت بعد جادوگر کي شهر نيڪالي ڏيئي، سندس زال کي صاحب مراد جي گهر واريءَ سان گڏ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ۽ صاحب مراد کي اسلامي روايت موجب تعظيم ۽ عزت سان دفنائڻ جو حڪم ڪيو جنهن تي دلمراد هٿ ٻڌي کيس عرض ڪيو: جناب عالي! اهو لاش منهنجي حوالي ڪيو. قاضي صاحب سندس چوڻ تي مرحوم صاحب مراد جو لاش سندس حوالي ڪيو هي لاش هڪ ڪاٺ جي پيتيءَ ۾ بند ڪرائي مٿي تي کڻي ٻاهر نڪتو جنهن سيٺي ماڻهن ڏسي سندن دوستيءَ جي تعريف ڪئي.

دلمراد پنهنجي مرحوم دوست جي لاش سميت پنهنجي ساهرن ۾ اچي نڪتو. سهري سندس وفادار دوست جو لاش ڏسي، کيس هر طرح دلجاءِ ڏئي چوڻ لڳا: اوهان ڪوبه خيال نه ڪريو وڃي مٿي آرامي ٿيو. دلمراد پنهنجي سهري جا اهي جملا ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي سڌو زال وٽ آيو جنهن کي سموري ڳالهه ڪري ٻڌايائين. سندس زال هي دردناڪ قصو ٻڌي روئي ڏک ظاهر ڪيو ۽ کيس دلجاءِ ڏيئي، ماني کارائي آرامي ڪيو. اڌيءَ رات کان پوءِ اتر طرف جي خطرناڪ ٻيلن مان شينهن جو آواز آيو. هيءَ عورت اهو آواز ٻڌي رسيءَ جي رستي محل کان هيٺ لهي جهنگل طرف راهي ٿي. دلمراد اهو ڏسي عجب ۾ پئجي سندس پنيان لڪي هلڻ لڳو ۽ دل ۾ چوندو پئي هليو ته يا خدا هي مان ڇا ٿو ڏسان! هتي به ساڳيو نمونو نظر ٿو اچي. ڇا! هيءَ وري مون کي ته قتل نه ڪندي، خير ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي.

آخرڪار ان عورت شينهن وٽ پهچي، تلوار سان پنهنجي ران مان ٽڪر گوشت جو ڪپي سندس اڳيان پيش ڪيو. شينهن کائڻ ڪانپوءِ وڻ هيٺان هڪ پاٽيءَ جي شفاف شيشي ڪڍي عورت کي ڏني، جا کڻي خوش ٿي هوءَ واپس آئي. دلمراد اهو ڏسي، اُتان ٽڪڙو واپس ٿيو ۽ ان کان اڳ ۾ اچي سمهي پيو. بعد ۾ عورت شيشي هٿ ۾ کڻي خوش ٿي پنهنجي مڙس وٽ آئي.

دلمراد کانئس هن ماجرا بابت پڇيو. چيائين ته شينهن جي گهر هئي ته جيڪو شخص مون کي هن وقت ٿورو گوشت کارائيندو ته آئون ان جي عيوض کيس آب حيات جي شيشي ڏيندس؟ مان شينهن جي اهڙي صدا ٻڌي تنهنجي دوست خاطر اوڏانهن وڃي ان کي پنهنجي ران جو ٽڪرو ڪپي، سندس اقرار موجب هيءَ شيشي آندي اٿم. اهو ٻڌي هو پنهنجي زال کي ڀاڪر پائي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس وفاداريءَ ۽ سندس دوست لاءِ هي ڪم ڪرڻ تي کيس آفرين ڏيڻ لڳو.

پڙهندڙ کي معلوم هجي ته دلمراد جي گهر واري، جانورن جي ٻولي چڱيءَ طرح ڄاڻندي هئي.

پوءِ دلمراد ان ڪانيءَ جي پيتيءَ مان پنهنجي دلي دوست با وفا صاحب مراد جو لاشو ڪڍي، ٿورو آب حيات جو پاٽي مٿان ڇڻڪايس ته قدرت سان صاحب مراد ڪلمه توحيد پڙهي اُٿي ويٺو. کين ملول ڏسي عجب ۾ پئجي پڇيائين: ادا سائين ڇا ڳالهه آهي؟ دلمراد اول کان آخر تائين سموري

ڳالھ ڪري ٻڌايس. صاحب مراد خوشيءَ وچان ڌڻي پاڪ جي درگاھ ۾ سجدو ڪيو. ھر طرف صاحب مراد جي زندھ ٿيڻ جي مشھوري ٿيڻ لڳي. دلمراد جي سھري خوشيءَ مان ڪين مبارڪ ڏيئي في سبيل الله خيرات عام شروع ڪئي.



ڪجھ ڏينھن گذريا تہ ھڪڙي ڏينھن دلمراد، صاحب مراد گڏجي سير ڪرڻ لاءِ باغ ڏانھن ويا. سير ڪندي چا ڏسن تہ ھڪڙو خوفناڪ پکي اٽڪل پنجويھن فوٽن جو پنھنجن خونخوار چنبن ۾ ھار ڪي ڪنيو اڏامندو پئي آيو تان جو ھنن جي قريب ھڪ وڻ جي ھينان اچي ويٺو ۽ ھار وڏيڪ ڏڪي روئڻ شروع ڪيو. خونخوار پکيءَ گھريو ٿي تہ ھار کي ٽڪر ٽڪر ڪري کائي ڇڏيان، مگر دلمراد اھا حالت ڏسي ان ڇوڪري تي ڪھل آٽي، پنھنجي مياڻ مان تلوار ڪڍي ان جي مارڻ لاءِ سنبريو.

اي مينا! خونخوار پکيءَ دلمراد کي پاڻ ڏي ايندو ڏسي چنبن ۾ پڪڙي اڏري ھليو. صاحب مراد اھا حالت ڏسي تمام ڳاڙھو ٿي ويو ۽ دوست جدائي برداشت نہ ڪري سگھيو ۽ بيھوش ٿي ويو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ جڏھن ھوش ۾ آيو تہ چرين وانگيان اٿي ان طرف روانو ٿيو جيڏانھن پکي اُڏاڻو ھو.

رات ڏينهن منزلون ڪندو جهنگل جبل ڳولهيندو بڪ, اُڃ ۾ پريشان ٿيندو چوندو پئي ويو تہ خداوند ڪريم جل شانه مهربان ۽ ٻاجهارو آهي. اميد اٿم تہ ويڇڙوئي پنهي وڇڙيل دلين کي ملائيندو. ائين چوندو توڪل برخدا رکي اڳتي قدم وڌائيندو رهيو تان جو ڪيترن ڏينهن جي مشڪلاتن بعد هڪ نديءَ جي سائي ڪناري اچي پهتو. قدرت جا نظارا پسندي موج درياهہ جي لهرن مان لطف حاصل ڪندو هڪ پُر فضا بهار ۾ داخل ٿي، وڻ جي هيٺان آسائتو اڪيون ہوٽي پنهنجا خيال ڊوڙائڻ لڳو ڪنهن گهڙيءَ ڪيس نہ پهہ ننڊ وٺي ويئي، جنهن غفلت جي حالت ۾ ڪيس درياهي موجن ۾ آڻي داخل ڪيو.

هاڻي تصورات جو ماهر پنهنجي قلم درازيءَ سان حيرت ڀريو احوال هن ريت لکي ٿو: جنهن وقت هو ڪناري جي ڀر ۾ غفلت ۾ ستو پيو هو تہ درياهہ جي لهرن ڪيس درياهہ داخل ڪري هڪ عاليشان محلات ڏانهن پارسل ڪيو. هن پاڻ سنهيالي اکيون مهٽي دل ۾ چيو: آئون ننڊ ۾ آهيان يا ڪي خواب غفلت ۾!! ائين چئي وري بہ پنهنجي اکين کي مهٽي سجاڳ ڪري چوڻ لڳو: آئون ننڊ ۾ بہ تہ ڪين آهيان! تہ پوءِ پلا هن عاليشان محلات ۾ ڪنهن آندو؟ اهي خيال پڇائيندو ان محل جي نفيس غاليچن تي قدم رکندو چئني پاسن کان نهاريندو اڳتي وڌندو رهيو. هن ڪجهہ قدم وڌايا ئي مس تہ هن کي هڪ آواز ڪنين پيو تہ مان هن کي حاصل ڪندس، ڪنهن کي طاقت نہ آهي جو منهنجو شڪار پاڻ کٽي.

الغرض هن اهي آواز ٻڌي اجا سوچ ئي ڪئي تہ ايتري ۾ چار پريون پاڻ ۾ فيصلو ڪري آيون تہ چارئي هن انسان جي ٻچڙي کي پالي ٿلهو ڪري، پوءِ چار ٽڪر ڪري کائون. بهرحال انهيءَ فيصلي تي يڪراءِ ٿي هر هڪ جدا جدا قسم جو لذيذ طعام آڻي هن اڳيان پيش ڪيو. هن نعمت خداوندي سمجهي بسم الله ڪري بک ۽ اُڃ کي دوُر ڪرڻ لاءِ استقبال ڪري، سندن شڪريو بجا آندو.

انهيءَ کان پوءِ پرين خوشيءَ جو هر سامان ميسر ڪري، رات جي محفل کي راڳ روپ ۽ ناچ ۾ وندرائي گرم رکيو مگر صاحب مراد کي انهن خوشين مان ڪو بہ لطف حاصل ڪونہ ٿيو ڇالاءِ تہ هن کي صرف دلمراد جي يادگيري بيقرار ڪري مستانو بنايو هو جنهن ڪري بار بار پئي چيائين افسوس تہ آئون هن عيش آرام ۾ آهيان ۽ خدا ڄاڻي تہ منهنجو دوست دلمدار ڪهڙيءَ مصيبت ۾ ڦاٿل هوندو.

خير پرين ساري رات محفل کي گرم رکڻ لاءِ ڪافي جفاڪشي ۽ دلجوئي سان ڪم ڪري، پنهنجو پارٽ ادا ڪري، ڊرامي کي اهڙي تہ نئين رنگ ۾ پيش ڪيو جو آسمان بہ هڪوار پاڻ ٿي اُفقي صورت ظاهر ڪئي. نموني آهر ناچ، ڳائي ۽ سرور جي لهر تن نازڪ پرور نازنين کي بيهوشي جي حالت ۾ پلنگ جي حوالي ڪري، چوٿين جا بذات خود ٻين کان زياده حسين هئي، تنهن صاحب مراد جي قدمن تان پاڻ نثار ڪري، هن کي محبوب بڻايو. هن صاحب مراد جي پريشان حالت ڏسي سهي ڪري ورتو تہ شايد هن کي ڪنهن مجازي عشق بيقرار ڪري سندس رنگ تبديل ڪيو آهي، سو ويجهو وڃي ڪانئس پڇيائين: اي نوجوان! مون کي تنهنجي حال تي ڏاڍو

قياس ٿو اچي، ڇو تہ تنهنجي نماڻي صورت ڏسي مون کي مجبورن پاڻ تنهنجي اڳيان پيش ڪرڻو پيو. حقيقت هيئن آهي تہ هيءُ جادوءَ جو محل آهي، جتي آدمين کي ناچ ڳاني جو فريب ڏيئي، ڪارائي پياري ٿلهو متارو ڪري، ڪهي ڪباب ڪري ڪائيندا آهيون. هي شهر طفلس جي طلسم جو چوٿون مڪان آهي.

لکندڙ لکي ٿو تہ شهزادي گل جنهن وقت هن جي واتان شهر طفلس جي طلسم جو چوٿون مڪان ٻڌو تہ ڏاڍو خوش ٿي دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين تہ انهيءَ پروگرام کي سهي جامو پهرائي، انشاءَالله تعاليٰ ڪاميابي حاصل ڪبي.

قصو ڪوتاهہ صاحب مراد کي پريءَ جي واتان اهو ٻڌي تہ کيس ٿلهو متارو ڪري ڪباب ڪيو ويندو سو ٻڌي ڏاڍو خوف ٿيس ۽ ان پريءَ کي خوشامد طور چيائين: ڀلا اهو تہ ٻڌاءِ! ان مصيبت مان نڪرڻ جو بہ ڪو رستو آهي؟

پريءَ مٿس رحم آڻي چيو: سامهون ڪونيءَ ۾ جادوءَ جا گهوڙا بيٺا آهن. شام جو انهن کي داڻو ڪارايو ويندو آهي، سو جهڙي وقت انهن کي داڻو ڪارائي بس ڪيو وڃي تہ تون ان وقت چالاڪيءَ سان هڪ گهوڙي تي ٽپ ڏيئي چڙهي، کيس اهڙي تہ اڙي هٽج جو سڄو سندس ڳاڙهو ٿي وڃي تہ پوءِ هو توکي جوش ۾ اچي ڪٽي اُڏرندو. پوءِ تون پنهنجو رستو وٺي هليو وڃ ۽ وڃ منزل تي پهچجانءِ!

صاحب مراد اها ڳالهہ ٻڌي ان پريءَ جا شڪرانا بجا آڻي، مقرر ٿيل وقت تي هڪ گهوڙي تي چالاڪيءَ سان سوار ٿي، کيس اهڙي اڙي هٽي ڪڍيائين، جو هن جي سڄي کل ڳاڙهي ٿي ويئي. هي جوش ۾ اچي اهڙو تہ اُڏاڻو گويا آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. ٻين پرين هن کي ويندو ڏٺو تہ حيرت ۾ پئجي هڪ ٻئي ڏي ڏسي ڪري بيقرار ٿي ويون.

مينا: ادا طوطا! چڱو صاحب مراد تہ گهوڙي تي چڙهي، خوفناڪ جادوءَ جي خونخوار پرين جي چنبي کان نڪري ويو. ڀلا ٻڌايو تہ دلمراد جو ڪهڙو حال ٿيو؟ ۽ اهو خونخوار پکيءَ ٻار سميت کيس ڪٽي ڪيڏانهن راهي ٿيو؟

طوطو: ادي مينا! چڱو ٻڌ تہ توکي دلمراد جو احوال ٻڌايان؟

جنهن وقت دلمراد کي خوفناڪ پکيءَ پنهنجن خونخوار چنبن ۾ جڪڙي اڏاري ويو تہ پوءِ اچي اهڙي بيابان ۾ لٿو جتي هيرن، جواهرن ۽ ياقوتن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هو. ماهر لکي ٿو تہ بيابان ۾ لهڻ سان دلمراد خونخوار پکيءَ کي اهڙو تہ تلوار سان وار ڪيو جو هڪ ڌڪ سان ٺي بہ ٽڪر ٽي ڪري پيو. هن ٻار کي ڪُلهن تي ڪٽي، ان بيابان ۾ سهي رستي تي هلڻ لاءِ پنهنجا قدم وڌائيندو منزلون طئي ڪري بک اڃ ۾ پريشان ٿيندو صاحب مراد جي ياد ۾ خيالي پلاءُ پچائيندو هلندو رهيو. تان جو کيس رستي تي پاڻ مارڻ يعني خودڪشي ڪرڻ جا بہ ڪئنا خيال وينس، مگر معصوم ٻار جو ڪلهن تي هوس، تنهنڪري پنهنجا خراب خيال تبديل ڪري اڳتي هلندو رهيو. هن اڃان بہ ٽي قدم ئي ڪين وڌايا تہ هڪڙو گهوڙو جنهن جي مٿان نوجوان سوار هو سو اچي پرسان بيٺو. هن جي حيرت جي حد نہ رهي، جڏهن هن ڏٺو تہ گهوڙي تي ڪو ٻيو نہ پر سندس دل

گهريو دوست آهي. هي صاحب مراد کي هن بيابان ۾ سامهون ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪجهہ وقت ياڪر پائي هڪ ٻي کي دلاسا ڏيڻ لڳا. ان کان پوءِ هڪ ٻئي کان حال احوال پڇڻ لڳا. حال احوال ڏيئي هڪڙيءَ آباديءَ ڏانهن رخ رکيائون. هي اجا شهر ۾ ئي ڪين پهتا تہ ڪيس سامهون هڪڙو عاليشان محل نظر آيو. ان مٿان ڏسن تہ هڪڙي نوجوان نهايت خوبصورت حسينا ويٺي آهي. صاحب مراد ان کي ڏسي مٿس عاشق ٿي پيو حسينا هن کي ڏنو اڻ ڏٺو ڪري هلي وئي.

صاحب مراد ان نازنين جي سهڻي صورت تي ايترو تہ مشتاق ٿيو جو ساري رات سندس خوابن ۽ خيالن ۾ گذري. دلمراد کي چيائين: ادا سائين اگر ان سان منهنجي شادي نہ ٿي پوءِ جيئڻ بيڪار آهي. دلمراد هن جون اهي ٻاراٽيون ڳالهيون ٻڌي کيس گهڻو سمجهايو مگر صاحب مراد کي حسن جي جلوي جي تاب ايترو تہ بيتاب ڪيو ويو هو جو هن کي پتل خواهہ تامي جي نسبت سون سان ڪرڻي پيئي. لاچار دلمراد هن جي اهڙي حالت ڏسي ان حسينا جي پيءُ ڏانهن شاديءَ جو پيغام ڪٽي ويو. ان حسينا جو پيءُ هڪ وڏو سوداگر هيو جنهن تي شرط ڏيئي چيو تہ منهنجي ڌيءَ خود ان ماڻهو کي خاوند تسليم ڪندي. جيڪو سندس اهي شرط تسليم ڪندو. شرط: پهريون: ”ڪنهن جاءِ ڏي وڃي وڃڻ جو اختيار نہ هوندس. يعني جيستائين مان نہ ان جاءِ مان نڪران.“ شرط ٻيو: ”منهنجي ڌيءَ جو چوڻ آهي تہ هو مون وٽ صرف چار ڪلاڪ شام جا رهندو. وڌيڪ منهنجي جاءِ ۾ منت نہ رهي سگهندو.“ ٽيون شرط: ”سڀ ڪنهن ڪم ۾ منهنجو حڪم هلندو!“

دلمراد اهي شرط ٻڌي ويچار ۾ پئجي، آخر چيو: اهي شرط اسان کي منظور آهن. شادي جو انجام ٿي ويو. نيٺ وڏي شان شوڪت ۽ ڌام ڌوم سان صاحب مراد ۽ سوداگر جي ڌيءَ جنهن جو نالو ميران هو جي شادي شرطن شروطن بعد ڪئي ويئي ۽ لاڳيتا ڇهہ مهينا ڪن اُنهن شرطن موجب صاحب مراد ميران جي محل ۾ اچي، سواءِ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي چار ڪلاڪ رڳو نفيس پلنگ جو لطف حاصل ڪري. دلمراد کي اچي ساري حقيقت ٻڌائيندو هو.

قصو ڪوتاهہ دلمراد بہ هڪڙي ڏينهن اجازت وٺي ساڻس گڏ محلات ۾ ويو. ميران چُڪَ جي اوٽ ۾ ويٺي هئي. دلمراد کيس ڏسي ورتو. سندس حسن جواني ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. ازانسواءِ انهيءَ وچ ۾ چار ڪلاڪ ٽائيم بہ گذري ويو هئي واپس موٽيا پئي مگر دلمراد. صاحب مراد کي چيو توهان هلو تہ مان اڄ اتي ترسي ان ڳالهہ جو راز معلوم ڪري اچان.

خير صاحب مراد سندس چوڻ موجب هليو ويو. ليڪن پاڻ لڪي ڏسي تہ رات جو هڪ تخت آسمان کان لٿو جنهن مٿان هڪ وڏي عمر جو شخص شان و شوڪت سان جلوه افروز هو. ان ميران کي سڏ ڪري ڪجهہ ميون ۽ مٺاين جا پريل ٿالهہ سندس اڳيان رکيا. دلمراد اهو ڏسي چالاڪي ڪري انهن ٿالهن مان ميوا ۽ مٺايون ڪڍي هليو ويو. ٻئي ڏينهن دلمراد. صاحب مراد کي چيو جنهن وقت ميران وٽ وڃي ويهين تہ مون کي ڇڪجانءِ تہ بک لڳي آهي. تہ مان توکي ڪجهہ ميوا ۽ مٺايون ڏيندس. مگر تون انهن کي بيڪار سمجهي ڦٽو ڪري ڇڏج.

آخرڪار شام جو ٻئي گڏجي اوڏانهن ويا. ڪجهہ دير ڪانپوءِ صاحب مراد. دلمراد کي چيو:

ادا سائين مون کي ڏاڍي بک لڳي آهي. دلمراد اهو ٻڌي کيس ميوا ۽ ڪجهه مٺائي ڏئي چيو: هيءَ رات گلفام پريءَ آندي هئي، سو ان کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. صاحب مراد ذرو وات ۾ وجهي ٿوڪاري ڦٽو ڪيو. ميران اهو ڏسي حيران ٿي ويئي. ۽ ٿائيم ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ڪالهوڪي ڏينهن وانگر صاحب مراد هليو ويو ۽ دلمراد لڪي ويهي رهيو سو جهڙي وقت اهو آسماني تخت ظاهر ٿيو جنهن تي راجا اندر جو وزير ميران ڏانهن سوغات طور ڪجهه نه ڪجهه آڻيندو هو سو جهڙي وقت دستور موجب اچي نازل ٿيو ته ميران کيس چيو: ڇا گلفام پري روزانو ڪنهن انسان جي ڀرسان ويندي آهي؟ راجا اندر جي وزير اهو ٻڌي کين چيو: اهو ڪوڙ آهي. ان جو ته هر رات راجا اندرِ وٽ ناچ هوندو آهي، بلڪ هوءَ هن وقت به نچي رهي آهي، اگر توکي اعتبار نٿو اچي ته مون سان گڏ هل ته توکي ڏيکاريان!



پوءِ ٻئي تخت تي سوار ٿي هلڻ لڳا ته دلمراد به چالاڪي ڪري ان تخت جي پائي کي مضبوطيءَ سان جهلي هليو. گهڙيءَ کن ۾ پرستان داخل ٿيا ۽ اچي راجا اندر جي محفل ۾ ويٺا ۽ ڏسڻ لڳا. قصو ڪوتاهه عين انهيءَ وقت گلفام پري جي طبلچيءَ کي اهڙي ته ننڊ وٺي ويئي، جو سجاڳ ئي ڪونه ٿيو. دلمراد اهڙو سونهري موقعو ڏسي جهٽ وجي طبلو هٿ ۾ ڪٽي، اهڙي سوز سان وڄايو جو راڳ ۽ ناچ جي محفل عجب رنگ ڏيکاريو ۽ هر طرف کان واهه واهه جو آواز سربلند ٿيڻ لڳو ايستائين جو راجا اندر خوش ٿي هيرن سان ڀريل هڪ رئو گلفام کي انعام طور ڏنو. پريءَ

محبت وچان اهو رئو هيرن سان پريل ڪٽي طبلچيءَ يعني دلمراد کي ڏنو. هو اهو هيرن جو پريل رئو ڪٽي هوائي تخت جي پائي کي چنبڙي پيو.

پيرسن وزير. راجا اندر جي محفل ۾ ميران کي ائين گلفام پري ڏيکاري موتائي پنهنجي جاءِ تي آندو. صبح صادق ٿيڻ ڪري راجا اندر جو وزير يعني پيرسن تخت تي سوار ٿي هيلو ويو. دلمراد هيرن سان پريل اهو رئو ڪٽي لڪي صاحب مراد وٽ آيو ۽ کيس سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي چيائينس ته اڄ تون چئجانءِ ته مون کي سردي ٿي ٿئي، سو ڪجهه ڍڪڻ لاءِ نه آڻ. ٻئي جنهن وقت محل ۾ پهتا ته ڪجهه وقت کان پوءِ صاحب مراد چيو ته مون کي سردي ٿي ٿئي؟

دلمراد اهو ٻڌي کيس چيو: رات گلفام پريءَ کي انعام ۾ هيرن سان پريل رئو راجا اندر صاحب ڏنو هو جيڪڏهن اوهان جي طبيعت پسند ڪري ته ويڙهيو. صاحب مراد اهو رئو دلمراد کان وٺي بدن تي ويڙهيو. ميران اهو ڏسي حيرت ۾ پئجي چيو ته برابر اهو رئو آهي، جو گلفام کي رات راجا اندر صاحب انعام طور ڏنو هو ليڪن اهو هن وٽ ڪيئن پهتو.

نيٺ وقت پوري ٿيڻ تي ٻئي گڏجي پنهنجي جاءِ تي آيا. ٻئي ڏينهن دلمراد. صاحب مراد کي چيو: اڄ تنهنجي بدران مان ٿو وڃان، سو تون هن جاءِ مان اصل ڪين نڪرج! ائين چئي ”ميران“ جي محل ڏانهن رخ رکيائين. دربان جي معرفت اجازت حاصل ڪري محل ۾ داخل ٿيو. ميران پنهنجي خاوند کي ڏسي پڇيو خير ته آهي؟

دلمراد جواب ڏنس: صاحب مراد رات پنجاهه پرين جو ناچ ڏٺو آهي ۽ اهو ناچ سال ۾ صرف هڪ دفعو ڏسندو آهي، باقي ڇهه مهينا رات ڏينهن ننڊ ۾ ستو پيو هوندو آهي. سو انهيءَ ڪري ڪين آيو! ”ميران“ اهو ٻڌي دلمراد کي چيو: خدا واسطي مون کي به پنجاهه پرين جو ناچ ته ڏيکاريو.

دلمراد چيو: تون ته خود مالڪياڻي آهين! حاضر جنهن ڏينهن صاحب مراد ننڊ مان اٿندو تنهن ڏينهن توکي پنجاهه پرين جو ناچ ڏيکاريو ويندو.

ماهر طوطي جي ڳاڙهي ڇهنب کي استعمال ڪندي لڪي ٿو ته دلمراد. ميران سان واعدو ڪري صاحب مراد کي چيو جيستائين مان واپس تو وٽ نه اچان، تيستائين تون هن جڳهه مان هرگز ٻاهر نه نڪرج. هوڏانهن پنجاهه پرين جي ناچ جي مشهوري ساري شهر ۾ ٿي ويئي ۽ شهر جا شوقين طبع ڇهن مهينن کي ڏينهن ڏينهن ڪري گذارڻ لڳا.

دلمراد. صاحب مراد کان موڪلائي، خدا کي ياد ڪندو بيابان خيابان لتاڙيندو جهر جهنگل ڏوريندو هڪڙي طرف هلندو رهيو تان جو هڪڙي اهڙي سر سبز هنڌ پهتو جتي ميون. گلن ۽ پکين جي منڙي وڻندڙ سريلي آواز کان سواءِ ٻيو ڪجهه هوئي ڪونه. هن نعمت خداوندي سمجهي پنهنجي بک کي دور ڪرڻ ۽ ۽ پياس کي لاهڻ خاطر لذيذ ميوا کائي، ڏڻيءَ پاڪ جا شڪرانا بجا آندا ۽ پوءِ ڪجهه ٿڪاوٽ دور ڪرڻ خاطر هڪڙي وڏي وڻ جي هيٺان آرامي ٿيو. هيءَ اجا سمهي ئي پيو ته وڻ مان ازغيبي آواز آيو ته جيڪو منهنجي پيدا ڪيل ميوي جي رس اکين ۾ استعمال ڪندو ته ڪڏهن به انڌو ڪين ٿيندو جيڪڏهن انڌو استعمال ڪندو ته سڄو ٿي پوندو! دلمراد اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو.



آرام ڪرڻ ڪان پوءِ اٿندي، بسم الله پڙهي پهريائين ان وڻ جا نارنگي مثل ميوا پٽي اڳتي وڌيو. ڪجھ منزل ڪان پوءِ کيس هڪڙي شهر ۾ داخل ٿيڻو پيو. شهر ۾ داخل ٿي چوڻڪ وٽ پهتو ئي ڪين تہ نغاري تي ڏونڪو لڳو. هي اهڙو آواز ٻڌي ٻين ماڻهن سان گڏ اچي مجموعي ۾ پهتو. پڙهي ڏيڻ واري ماڻهن کي مخاطب ٿي چيو: ”جيڪو ڪرڙ درزيءَ جون اکيون درست ڪندو، تنهن کي هو پنجاهہ پرين جو ناچ انعام طور ڏيندو.“

دلمراد اهو ٻڌي خوش ٿي مگٽهار کي چيو: انهيءَ درزيءَ جون اکيون آئون درست ڪندس. مگٽهار اهو ٻڌي کيس درزيءَ وٽ پيش ڪيو. درزيءَ پنهنجو معالج ڏسي دلمراد کان حال احوال ورتو. دلمراد کيس تسلي ڏيئي ان وڻ جي آندل ميون مان هڪڙو ميوو ڪڍي، ان جي رس ڪرڙ درزيءَ جي اکين ۾ وڌي تہ هو سچو جو سچو ٿي پيو.

درزيءَ پنهنجن اکين سان دنيا جو نظارو پسي دلمراد جي پيرن تي ڪري پيو ۽ پنجاهہ گڏيون پراڻن ڦاٽلن ڪپڙن جون ٿهيل دلمراد کي ڏيندي چيائين: مون جيڪو اقرار ڪيو هو، تنهن موجب هي ناچيز تحفو نذرانو رکان ٿو. دلمراد ڦاٽلن ڪپڙن جون ٿهيل گُڏيون ڏسي عبرت ۾ پئجي ويو تہ چا! هي اهي نازنين پريون آهن، جن جون تعريفون ٻڌندو آهيان. هيءَ ايتا انهيءَ وهم ۾ ورتل هو تہ درزيءَ سهي ڪري ورتو سو کيس دلجاءِ ڏيئي چيائين تہ چڱو ا‌ءهين ڏسو انهن پراڻين گڏين جو راز. ائين چئي، ڪينچي ۽ انگلستان ڏنائينس ۽ چيائنس

تہ هي اتر طرف ميل پنڌ تائين ڪٽي وڃ! انهيءَ وچ ۾ توهان کي هڪڙو ديوَ ملندو هن کيچيءَ سان سندس ڪن ڪپي رت انگلستان ۾ وڃهي. پوءِ ڏسجانءِ تہ غيب مان ڇا ٿو ظهور ٿئي.
دلمراد کينچيءَ ۽ انگلستان ڪٽي اتر طرف هليوءِ ميل پنڌ تي برابر ڏسيل پارن پٽن وارو ديئُ ڪينس مليو جنهن کي هن ڏسي کينچيءَ سان سندس ڪن ڪپي، رت انگلستان ۾ وجهي ڪٽي آيو. درزي اهو رت ڏسي چيس تہ هاڻي اهو رت پنجاهہ گڏين مٿان ڇٽڪاءِ! هن ائين ڪيو تہ عجب رنگ محفل جو ڄمي ويو. هن ساري رات پرين جي عجيب محفل ڏسي صبح جو گڏيون، ڪينچي ۽ انگلستان ڪٽي، ڪرڙ خان کان موڪلائي، منزلون ڪندو خير سلامتيءَ سان اچي صاحب مراد جو ديدار حاصل ڪيائين. صاحب مراد کيس ڏسي ياڪر پائي سمورو احوال معلوم ڪيو. ٻئي ڏينهن مدت پڄاڻي سوير صاحب مراد کي ميران ڏانهن موڪليائين. ميران پنهنجي مڙس کي ڇهن مهينن کان پوءِ خير خوبيءَ سان ايندو ڏسي چيو: آقا! اوهان سجاڳي حاصل ڪئي.
صاحب مراد کلي کيس چيو: سڀ تنهنجي دعائن جو اثر هو جو مان خير خوبيءَ سان ننڍ مان اُٿي تنهنجو ديدار ڪيو. ميران خوش ٿي: شڪر الحمد لله چئي کيس چيو: ڇڱو جو وري بہ ياد تہ فرمايوَ.
صاحب مراد: پياري تون تہ منهنجي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪي آهين! ڇا مان توکان سواءِ زندهہ رهي سگهان ٿو سو ناممڪن آهي. خير پياري آئون پنهنجي اقرار کي پوري ڪرڻ لاءِ آيو آهيان، سو اوهان مڪمل تياري ڪريو تہ رات پنجاهہ پرين جو ناچ ڏيکاري، اوهان جي الجهن کي دوُر ڪريان.
ميران اهو ٻڌي خوش ٿي، پنهنجي پيءُ جي مدد سان شهر جي ٻاهران خالي پيل ميدان کي سنواري مڪمل انتظام ڪري، صاحب مراد ڏانهن دربان وسيلي اطلاع ڏياري موڪليو.
صاحب مراد ۽ دلمراد ٻئي گڏجي ان پُر فضا ميدان ۾ اچي پهتا. صاحب مراد اسٽيج تي پنجاهہ گڏين کي لاهي پاڻ دلمراد جي ٻڌايل نموني تي اتر طرف کينچي ۽ انگلستان ڪٽي روانو ٿيو. اجا ڪجهہ مفاصلو ئي ڪين ڪيائين تہ هڪڙو ديوَ مليس، جنهن جو ڪنُ کينچيءَ سان ڪپي ان جو رت انگلستان تي وجهي گڏين جي مٿان ڇٽڪايائين تہ هو گڏين مان نهايت حسين پريون ٿي پيون. گڏين مان پريون ٿيندو ڏسي هزارين ماڻهو حيران ٿي صاحب مراد کي آفرين ڪندا رهيا. قصو ڪوتاهہ ساري رات ناچ ۽ ڳائي جي بازار گرم رهي. ان وچ ۾ ميران صاحب مراد کي ڳهرائي هٿ هٿ ۾ ڏيئي پاڻ وٽ ويهاري چيو: منهنجو قصور معاف ڪريو ۽ ان کان پوءِ ناچ ڏسڻ ۾ مشغول رهي.
جيئن صبح صادق ٿيڻ وقت محفل بند ڪئي ويئي، سيئي ماڻهو تعريف ڪندا پنهنجن گهرن ڏانهن موٽيا، تہ ميران صاحب مراد کي چيو: مان اوهان سان گڏ هجڻ چاهيان ٿي، سو مون کي پنهنجي وطن وٺي هلو. اهو ٻڌي صاحب مراد دلمراد سان گڏ پنهنجي زال کي وٺي، ملڪ ۾ محلات اڏي خير خوبيءَ سان زندگي گذارڻ لڳا.



هاٿيءَ پنهنجي قصي کي ختم ڪري مصور کي چيو: دوستي ان کي چئبو آهي. ائين چئي مصور کي ذري گهٽ مارڻ تي هو تہ شهزادي گل تلوار ڪڍي سونڊ ۾ اهڙي تہ هنيس جو سونڊ بہ اڌ تي پيئي. هاٿيءَ مصور کي ڦٽي ڪري شهزادي گل جي پوئيان پيو. شهزادي گل چالاڪيءَ سان ڦيري پائي پويون پير ڪپي ڇڏيس. هاٿيءَ مستيءَ ۾ اچي رڙيون ڪندي جيئن پوئتي نهاريو تہ شهزادي اڳيئن جنگهہ بہ ڪٽي ڇڏيس، تان جو هيڏو سارو جانور مجبور ٿي زمين تي ڪري پيو جو ڦٿڪي ڦٿڪي ساهہ ڏنائين.

مصور شهزادي جي بهادري ڏسي، ڪيس پاڻ سان گڏ بادشاهہ سلامت جي خدمت ۾ اچي هاٿيءَ جو سمورو احوال ڪيو بادشاهہ احوال ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو.

اي مينا! شهزادو گل بادشاهہ وٽ بہ ٽي ڏينهن مهمان ٿي رهيو پوءِ موڪلائي هليو ويو ۽ منزلون ڪندي نيٺ انهيءَ جاءِ تي پهتو جتي صاحب مراد جادوءَ جي محل ۾ وڃي ڦاٿو هو. عين اُنهيءَ موقعي تي جنهن وقت پريون جادوءَ جي گهوڙن کي داڻو ڪارائي رهيون هيون تہ شهزادي گل چالاڪي ڪري سيني ڪان قدآور گهوڙي تي سوار ٿي، پنهنجي مقصد ڏانهن روانو ٿي ويو. نيٺ هلندي هلندي هڪڙي گلستان ۾ اچي لٿو. هن گلزار گلستان ڏسي، پنهنجي پيٽ پرڻ خاطر هڪ ميوي دار انب جو وڻ مان هڪ انب پٽي ڪائڻ پئي گهريو تہ ان منجهان هڪ خونخوار شينهن نڪتو. شهزادي شينهن کي ڏسي بسم الله ڪري آيت ڪريم تلوار تي پڙهي مٿس وار ڪيو تہ شينهن بہ اڌ تي زمين تي ڦٿڪڻ لڳو. شهزادو شينهن کي ماري اڃان بيٺو ئي ڪين تہ ڪيس راهگير واري بزرگ جا لفظ دماغ ۾ ڦرڻ لڳا: "خبردار! هي طلسمي ميدان آهن، جتي انسان ذات لاءِ فريب جو چار پکڙيو ويو آهي." هي اهي لفظ ياد ڪري ميون تان خيال لاهي درود شريف پڙهندو اڳتي وڌندو رهيو. ٽن چئن ڏينهن ڪانپوءِ ان

سنسان بيابان مصر اعظم اندر هڪ خوبصورت رونقدار عاليشان محل ڏٺائين. شهزادو محل ڏسي ان جي راز حاصل ڪرڻ لاءِ جيئن اڳتي وڌيو، تيئن ڇا ڏسي ته هڪ نوجوان لوهي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي ۽ ان جي پرسان خطرناڪ ديو پنهنجي ڪاري شڪل سان محل کي بي زيبو بڻائي ڇڏيو آهي. شهزادي گل پنهنجي محبوبہ جي ڏنل نشاني منديءَ جي وسيلي گم ٿي، گمناميءَ جي پوشاڪ ۾ ديو تي تلوار سان اهڙا ته وار ڪيا، جو هڪ منٽ بہ زنده رهي نہ سگهيو.

ديوَ کي ماري پاڻ ظاهر ڪري، ان آدميءَ وٽ اچي کيس چيائين: حقيقت ڇا آهي؟ ۽ تون زنجيرن ۾ ڇو ٻڌو پيو آهين؟ آدم زادي اهو ٻڌي چيو: مان جادوءَ ۾ گرفتار ٿي هتي آيو آهيان ۽ ڪن ديون زنجيرن سان ٻڌي هن نامراد ديو کي چيو تہ هيءُ اهو ماڻهو آهي جنهن لاءِ ساسن جا بزرگ (شيطان) پنهنجن ڪتابن ۾ لکي ويا آهن تہ هڪڙو آدم زادو طلسم ۾ اچي ساري طلسم کي نابود ڪري پنهنجو مقصد حاصل ڪندو سو اهو انسان هي آهي، تنهنڪري هن تي ڪڙي نگراني رک.

شهزادي اها حقيقت ٻڌي زنجيرن کي ٽوڙيندي پڇيس: اوهان جو نالو ڇا آهي؟ ان شخص ٻڌايس تہ منهنجو نالو عاشق علي آهي. مون کي پنهنجي غلاميءَ ۾ قبول ڪري، پاڻ سان گڏ وٺي هل. شهزادي انڪار ڪندي چيس تہ مان بذات خود اڪيلو ويندس!

عاشق عليءَ اهو ٻڌي چيس، آقا! خدا جي فضل سان اوهان جي هٿان مون نئين زندگي حاصل ڪئي آهي، سو مهرباني ڪري مون کي غلام ڪري خدمت لاءِ مقرر ڪيو تہ مهرباني!

## قصو ـ ڪُوئي ۽ شينهن جو

طوطو: ادي مينا! هڪڙي ڏينهن ڪئي شينهن کي چيو تہ ادا شينهن خدا جا شير ڪيڏانهن منزل ڪئي اٿئي؟ شينهن ٻڌي کيس ورندي ڏني: اي ڪُئا! دل تي چاهي تہ ڪٿان سير ڪري اچان. ڪُئي اهو ٻڌي کيس چيو: حضور مون کي جيڪر ساڻ وٺي هلو تہ مهرباني! شينهن هن جو اهو جواب ٻڌي چيو: مون کي کهڙي تڪليف آهي، جيڪو سو ڳالهائيندا هلنداسين ۽ ڪچهري ڪندا موٽي ايندا سين ۽ هڪ ڪان ٻن ۾ سير ڪرڻ ۾ لطف بہ حاصل ڪنداسين.

قصو ڪوتاهہ، شينهن ۽ ڪئو رستو وٺي هلندا پئي رهيا تہ واٽ تي شينهن شڪاريءَ جي جار ۾ مضبوطيءَ سان جڪڙجي گرفتار ٿي پيو. ڪئي پنهنجي دوست کي گرفتار ڏسي کيس چيو: ادا شينهن تون ڪو فڪر نہ ڪر، مان اجهو ٿو توکي ان پنجوڙ مان آجو ڪريان. شينهن چيس: اي ڪئا! تون ڇا مون کي آزاد ڪرائيندين. افسوس جيڪر جهنگل جي ڪنهن وڏي جانور کي ساٿي ڪري ڪٽان ها تہ هي مهل نہ ڏسان ها.

شينهن پڙ پڙ ڪندو رهيو ۽ ڪئو جار ڪتريندو رهيو نيٺ انهيءَ جار کي پنهنجن ڪمزور ڏندن سان ڪٽيندي، شينهن کي آزاد ڪرايائين. شينهن پاڻ کي آزاد ڏسي خوش ٿي، ڪئي کي چيو: مون کي اڄ سمجهہ پئي آهي تہ طاقتور يا ڪمزور تي نہ آهي. سياڻا چوندا آهن تہ "بہ تہ

ٻارنھن“ سو يار ڪئا اگر اڄ تون نہ ھجين ھا تہ ٻڪ ۾ پاھہ ٽي پاڻ شڪاريءَ جي حوالي ڪري، ٽڪر گوشت تي گذر ڪري مران ھا. ڪئي اھو ٻڌي ڪيس چيو پر اھا ڳالھہ ھنيانءَ سان ھنڊائي ڇڏ تہ مسافريءَ ۾ ٻن جو ھجڻ ضروري آھي.

مينا: ڪئي شينھن جو قصو ٻڌي شھنشاھہ عادل زمان تاجدار واليءَ جي درٻار ۾ طوطي ڪي چيو تہ اھو تہ ٻڌاءِ عاشق علي انھيءَ خوفناڪ طسلم ۾ ڇو گرفتار ٿيو ھو؟

طوطو: انھيءَ جي حقيقت پنجين حصي ۾ بيان ڪندس جنھن جو نالو جھان آرا آھي.

# داستان پنجون



## قصو جهان آرا جو

جڏهن شهزادي گل کي عاشق علي ڪافي منٿون ڪيون ته شهزادي دل ۾ سوچي ڪيس چيو جيتوڻيڪ تنهنجي ذهانت ۾ ڪوبه شڪ ناهي ۽ تنهنجو چوڻ خير خواهي آهي، پر آئون هڪ پيرو واعدو ڪري چڪو آهيان، جنهن کان ڦرڻ توهين سمجهان ٿو.

عاشق علي دلجاءِ پري گفتگو ٻڌي سندس شڪريه ادا ڪيو!

لکندڙ خوش بيان اڳتي هلي لکي ٿو ته شهزادو گل، عاشق عليءَ کي پاڻ سان وٺي طلسم چوٿين کان طلسم پنجين ڏانهن روانو ٿيو. ڏينهن رات منزلون ڪندو، تڪليفون سهندو نيٺ هڪڙيءَ آباديءَ ۾ پهتو جا آبادي طلسم پنجين جي ديون جي رهائش لاءِ تيار ٿيل هئي.

هي شهر انهن جي گڏجڻ جو هال هو جنهن ڏينهن شهزادو گل عاشق عليءَ سان گڏ انهيءَ شهر ۾ پهتو تنهن ڏينهن ديوَن جي پاڻ ۾ صلاح لاءِ گڏجاڻي ڪوٺايل هئي، سو شهزادو به موقعو وٺي، لڪي انهن جي محفل ۾ شريڪ ٿي ٻڌندو رهيو. ديون مان هڪ ديوَ جو شايد سندن مرشد هو تنهن اٿي کين چيو: اوهان کي خبر آهي ته اسان جي طلسم کي ٽوڙڻ لاءِ هڪ آدم زادو پيدا ٿيو آهي، جنهن جي روڪٿام لاءِ هت گڏ ٿيا آهيون. آئون اوهان کان پڇڻ چاهيان ٿو ته انهيءَ لاءِ ڪهڙو تدارڪ ڪيو وڃي. ايتري ۾ مڙني ديون يڪراءِ ٿي پنهنجي سردار کي چيو: حضور انهيءَ ڳالهه بابت دستور مطابق پنهنجي شيطان کان راءِ ورتي وڃي. ڇا لاءِ ته هميشه اهڙن موقعن تي اسان جا وڏا ڪانئس صلاح وٺندا رهيا آهن.

سردار ٻڌي کين چيو جيڪر سيني جي اها راءِ آهي ته پوءِ پلا ڪهڙي نموني ابليس کان صلاح ورتي وڃي؟ انهن ديون ۾ هڪ جو قريب الموت هو تنهن خيال ظاهر ڪندي زبان استعمال ڪئي ته حضور باهه جو آڙاهه ٻاري ڪيس التجا ڪجي ته از خود غيبي آواز ظاهر ڪري اهو رستو ٻڌائيندو آهي. انهيءَ ڪري اهو ئي نمونو اختيار ڪرڻ گهرجي.

قصو ڪوتاهه، سڀني ديون کي اها ڳالهه وڻي ته اهڙي نموني ڪانئس حڪم ورتو وڃي. عاشق عليءَ اها ڳالهه ٻڌي شهزادي گل کي عرض ڪيو ته جيڪڏهن ديوَ اهڙي نمونو ڪري ابليس کان احوال ورتو ته پوءِ پنهنجو خير ڪونهي، تنهنڪري ڪا تدبير سوچڻ گهرجي. نيٺ شهزادي‌ءَ نيلوفر واريءَ منديءَ رستي پاڻ گم ڪري، بلند آواز سان چيائين: اي منهنجا پوئلڳو! توهان کان مان بلڪل خوش ٿيو آهيان. جيڪڏهن اوهان آدمزادي جي خطري کان بچڻ چاهيو ٿا ته پوءِ سڀئي گڏجي ايترو ته شراب استعمال ڪريو جو مستيءَ ۾ مستان ٿي، منهنجي خيال کي عملي جامو پهرائي وڌيڪ خوش ڪريو. جيڪي جيترو وڌيڪ شراب پيئندو تنهن کي پنهنجو خاص خليفو مقرر ڪري، دنيائي لذتن سان مالامال ڪندس. بس وڃو هاڻي جو هاڻي سڀئي عورتن ۽ ٻارن سميت شراب جو دؤر چالو ڪيو.

ديو شيطان جو پيغام ٻڌي خوش ٿي، پنهنجن ٻارن ٻچن سميت ايترو ته شراب استعمال ڪيو جو نشي جي حالت ۾ اچي پاڻ ۾ وڙهيا، رڙهي وڙهي هڪ ٻئي کي ختم ڪيائون ۽ باقي بچيل به گهاون ۾ چڪناچور هئا. ڪي گهڙيون مس زنده رهيا ۽ پوءِ سڀ ختم ٿي ويا، ايستائين جو انتقام وٺڻ لاءِ به باقي ڪونه بچيو. شهزادي گل ۽ عاشق عليءَ گڏجي ساري شهر کي باهه ڏيئي تباهه ڪري اڳتي وڌيا.

هي اجا صحرا اعظم ۾ ئي هئا ته کين ڏکڻ طرف کان هڪ عاليشان باغ ڏسڻ ۾ آيو. هي انهيءَ راز کي معلوم ڪرڻ لاءِ ٻي ڏڙڪ شاهي دروازو پار ڪري گلستان جي گلن ٻوٽن، ميون جو ديدار ڪندا ۽ خوشيون جٽيندا هڪڙي رونقدار شاهي حوض وٽ پهتا. شهزادي گل شفاف پاڻيءَ سان ڀرپور حوض ڏسي عاشق عليءَ کي چيو: هي ڪهڙو نه پر لطف ۽ پسنديده شفاف پاڻي آهي. هن اهي الفاظ چئي بس ئي مس ڪيا ته ايتري ۾ هڪ سهڻي رنگ جي رونق افروز سونهري مڇي ترندي سندس پرسان اچي بيهي رهي. شهزادي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر مڇي حسن اخلاقيءَ ۽ ڦڙتائي سان سندس هٿن مان بچي نڪري ويئي. شهزادي ان جي پڪڙڻ لاءِ بيتاب ٿي، انهي حوض ۾ ڪٽي ٽپو ڏنو اند رگهڙڻ بعد ڪيس ڪا به خبر ڪين پيئي ته آئون ڪهڙي مڪان ڏانهن روح کي راحت بخشڻ لا داخل ٿي رهيو آهيان.

مينا! شهزادي گل کي عاشق علي هڪدم غائب ٿيندو ڏسي بيقرار ٿي ڦهري بيوفا حوض کي نگاهه ڪرم سان ڏسڻ لڳو.



ايتري ۾ نهايت حسين نازڪ بدن پري ڪٿان اُڏامندي پئي آئي، سا اچي اُتي پهتي. ڪيس ڏسي چيائين: اوهين ڪير آهيو؟ ڪٿان ٿا اچو؟ مطلب تہ هڪ سيڪنڊ ۾ ہٽي سوال ڪانئس پڇيائين. عجيب جهڙي ڳالهہ آهي جو آدمزادي کي هڪ اهڙي هنڌ ڏسي رهي آهيان جتي پکيءَ ۽ پسئونءَ کي بہ اچڻ جي طاقت ڪانهي ۽ هاڻ تہ اسان جي وڏن طلسم کي برقرار رکڻ لاءِ اهڙو تہ انتظام رکيو آهي، جو ڪنهن کي بہ مجال ناهي جو زندهہ بچي نڪري، ڇو تہ مون پنهنجن وڏن کان ٻڌو آهي تہ فاتح طلسم هن طلسم کي توڙي ناس ڪندو ان ڪري ڪنهن آدمزادي کي هتي پهچڻ کان اڳ فنا ڪيو ويجي.

عاشق علي اهو ٻڌي چيو: اي نازنين! برابر هتڙي عجب جادوءَ جا چار وچايل آهن، جنهن کان پهلوان بہ خوفزده ٿي ايڏانهن اچڻ جي نٿا ڪن. باقي انسان جي ٻچي کي ڪهڙي طاقت آهي، جو ايڏانهن رخ رکي. ڏٽيءَ پاڪ جي مهربانيءَ سان فتح حاصل ڪرڻ وڏي ڳالهہ نہ آهي، پوءِ تہ ڪيس منڍ کان وٺي پڇاڙي تائين ڳالهہ ڪري ٻڌايائينس.

پريءَ اهو سمورو قصو ٻڌي ڪيس چيو: عاشق! مان ڏاڍي خوش ٿي آهيان، جو اهي ديوَ اوهين تباهہ ڪيا، ڇو تہ انهن جي ظلمن دنيا کي تنگ ڪري ڇڏيو آهي، چڱو جو اهي مردو ٿي مئا.

عاشق پريءَ کان مخاطب ٿي پڇيو: ڇا! مان اوهان جو نالو پڇي پنهنجي غمزده دل کي راحت ڏيئي سگهان ٿو.

پري: پيارا! عاشق نالو تہ ڇا! مان اوهان جي اڳيان پاڻ نثار ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهيان! مون کي هونءَ تہ جهان آرا جي نالي سان پڪاريو ويندو آهي، مگر اوهان کي اجازت آهي.

عاشق "جهان آرا" جون محبت فيض پريون نگاهون ڏسي، پنهنجي نگاهن کي سندس نگاهن سان ملائي، هڪ روح دو قالب ۾ تبديل ڪري، ڪيس پيار مان چيو: پياري مون کي پنهنجي دلي دوست راه رهبر ۽ ساٿيءَ جو ڏاڍو خيال آهي. شايد [illegible]ون سندس جدائي جي غم ۾ هميشه لاءِ توکان بہ جدا ٿي وڃان؟

جهاران آرا عاشق کي تسلي ڏيندي چيو: اوهان ڪوبہ خيال نہ ڪريو اجايو ٿا پنهنجي جان فدا ڪري مون کي دربدر ڪريو. شهزادي گل کي ڪوبہ هٿ لائي نہ سگهندو. مان خود ان سردار ديو جي ننڍي ڌي آهيان، جنهن کي توهان ماري منهنجي دل خوش ڪئي آهي. مان خود انهن جي مخالف هيس، انهيءَ ڪري بابي مون کي قيد ڪري هن جاءِ تي بند رکيو هو. ازانسواءِ ٻي منهنجي ڀيڻ جادوءَ ۾ ڪمال رکندڙ آهي، جنهن کان چڱا ڀلا جادوگر بہ تعليم وٺندا آهن، سو منهنجي پيءُ انهيءَ کي بہ قيد ڪري، انهيءَ حوض اندر محل ۾ بند رکيو آهي. مون کي پڪ آهي تہ شهزادو هر حالت ۾ وٽس آرامي هوندو.

عاشق جهان آرا کان اهو ٻڌي ڪجهہ صبر ڪيو. ايتري ۾ شام ٿي ويئي. جهان آرام سندس لاءِ لذيذ طعام و تيار ڪرائي سندس اڳيان رکيا. ڪاڌي کان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ ساز سرود گهرائي ناچ ڳاني جي محفل شروع ڪئي ويئي. اهڙي ريت ٻنهي عاشقن رات عيش ۽ آرام سان گذاري.

بهر صورت ڪافي عرصو محبت جو مچ گرم رهندو آيو. هڪڙي ڏينهن جهان آرا سير ڪندي تاڪيد ڪيس تہ پيارا عاشق مقفل ٽيل ڪوٺيءَ کي ڪڏهن بہ ڪنجيءَ سان کولڻ جي همت نہ ڪجو.

عاشق هدايتن هوندي بہ انهيءَ بند تيل ڪوٺيءَ کي کولي، منجهس داخل ٿي هڪ جهنگل ۾ وڃي پهتو جتي هو جادوءَ وسيلي هرڻ ۾ تبديل ٿي ويو. اها خبر جڏهن جهان آرا کي پئي، تڏهن پنهنجي عاشق جي مجازي عشق ۾ غمزده ٿي چرين وانگر ڪيس ڪنڊ ڪڙڇ ڳوليندي رهي، مگر ڪيس ڪٿان بہ تسلي بخش جواب ڪونہ مليو. لاچار انهيءَ مقفل تيل رقيب ڏانهن وڃي چا ڏسي تہ دروازو ڪنجيءَ سان کولي، عاشق پاڻ تي ظلم جو پهاڙ ڪيرائي پاڻ کي نامعلوم شڪل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن جهان آرا اُتي پهتي تہ اميدن تي پاڻي ڦريل ڏسي بيقرار ٿي پريشان حال ۾ غلطان ٿي، پنهنجي هڪ خاص نوڪر کي چيائين تہ روزانو هڪ هرڻ طلسم جي باغ مان ڦاسائي مون وٽ پيش ڪر تہ آئون توکي ان جو دل گهريو اجورو ڏيندس. نوڪر اهو ٻڌي پنهنجي جادوئي ڄار سان هڪ هرڻ ڦاسائي جهان آرا جي حوالي ڪيو. جهان آرا هرڻ کي مثالي حوض مان پاڻي پياريو تہ ان جي انساني صورت ظاهر ٿي ويئي. جهان آرا کيس تسلي ڏيئي چيو: اوهان ڪير آهيو ۽ اوهان هن خونخوار طلسم ۾ ڪهڙي نموني گرفتار ٿي پنهنجي زندگي زهر ڪئي. ان شخص جواب ڏنو: آئون عربستان جو سوداگر آهيان، نالو آفتاب آهي. هڪ ڏينهن دستور مطابق شوق شڪار ۾ بي خوف ٿي هرڻ جي پٺيان هلندو رهيس، تان جو ان هرڻ هڪ نازنين مه جبين جي محل ۾ داخل ڪرائي غائب ٿي ويو. آئون ان نازڪ بدن نوراني ڇهري کي ڏسي متس عاشق ٿي پيس ۽ هن بہ مون کي ڏسي پاڻ وٽ گهرائي نالو پڇيو. مون بہ ڪانئس نالي جي حجت رکي عرض ڪيو. جنهن ورندي ڏني تہ منهنجو نالو مهتاب آهي ۽ اصل حورستان جي پيدائش آهيان ۽ ديون خواهہ پرستان جي شهنشاهہ مهاراجا اندر جي خاص ڳائڻي آهيان. هڪڙي ڏينهن راجہ اندر غيبي باغ تيار ڪرائي، مون



کي راڳ جي محفل گرم رکڻ لاءِ گهرايو مگر مان بيماريءَ سبب وٽس وڃي نہ سگهيس، جنهنڪري بغير ڪنهن سوچ ويچار جي هڪ سال لاءِ پرستان جي حدن اندر وڃڻ کان روڪيو اٿس. جنهنڪري هن محل ۾ ويهي پنهنجي دل کي پيئي داغ ڏيندي آهيان.

آفتاب اهو ٻڌي سندس غم ۾ شريڪ ٿي دلجوئي ڏيندو رهيس. قصو ڪوتاهہ ٻنهي صورتن جي پاڻ ۾ بي مثال محبت مستاني رنگ ۾ ظاهر ٿي. هڪڙي ڏينهن ماهتاب غم فراق و پرستان جي جدائيءَ ۾ غمگين ٿي ويئي، تہ آفتاب کانئس پڇيو: اوهين ايترو بيقرار ۽ غم ۾ غلطان ڇو آهيو. ماهتاب اهو ٻڌي چيس: منهنجي پيءُ نون مهينن کان جدا آهي، ڇو تہ ان سان بہ مون کي ملڻ جي اجازت مليل ڪانہ آهي. خبر نہ اٿم تہ زندهہ بہ آهي يا مري ويئي، ڇا ڪريان بيوس مجبور آهيان.

آفتاب اهو ٻڌي کيس چيو ڪوهہ ڪاف جبل تي وڃڻ ۾ مون کي تہ منع ٿيل ڪانهي، سو مان هر حالت ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهيان.

ماهتاب اهو ٻڌي چيو: اگر توهان کان ٿي سگهي تہ پوءِ اوهان ساڻس ملو جو هوءَ ڪوهہ ڪاف جبل جي اولهہ پاسي هڪ گلستان ۾ رهي ٿي. ان جي لڳو لڳ هڪ فقير جي جهوپڙي آهي، جتان اوهان کي پوري خبر پئجي ويندي.

آفتاب، ماهتاب کان محبت جو پروانو ڪٽي ڏسيل مسافريءَ تي اڪري منزلون طئي ڪري، انهيءَ فقير وٽ اچي نڪتو. فقير کيس پورو ڏس ڏيئي ماهتاب جي پيءُ حسينہ وٽ موڪليو. هن ماڻڻ ۾ هوبهو ماهتاب جهڙي حسينا کي ڏسي کيس سڃاڻي ماهتاب جو پروانو سندس حوالي ڪيو. حسنہ پنهنجي پيءُ جو پروانو چشمن تي رکي دل جي خيال سان خوشيءَ جي لهر ۾ اچي، مهر ماهتاب چاڪ ڪري پڙهيائين پڙهڻ کان پوءِ آفتاب کي تمام تعظيم عزت واري جاءِ تي ويهاري، مهمانداريءَ جا فرض بجا آندائين. ٻن ڏينهن کانپوءِ بند ٿيل ڪمري ۾ تنگ ٿي سير ۽ تفريح لاءِ گلستان جنت جو خيال ڪري اچا ٻاهر نڪتس مس تہ ديو ڏسي پڪڙي مهاراج اِندر جي دربار ۾ پيش ڪيو. بادشاهہ ڏسندي ئي ڪاوڙ ۾ اچي حڪم ڏنو تہ هن آدمزادي کي طلسم طفلس جي هرڻن واريءَ واڙ ۾ ڇڏي، ان حسنہ پريءَ کي چوٽيءَ کان گهلي، مون وٽ پيش ڪيو. حڪم موجب ديون مون کي هرڻن جي واڙ ۾ داخل ڪيو تہ آئون بذات خود هرڻ بڻجي ويس. خدا ڄاڻي غريب حسنہ پريءَ سان ڪهڙو ظلم ٿيو هوندو. اڳتي اوهان کي خبر تہ اوهين ڪهڙي خيال مان انساني شڪل ۾ تبديل ڪري، منهنجي مٿان احسان ڪيو آهي.

خير اهڙي نموني جهان آرا جو نوڪر بدستور هرڻ پڪڙي سندس حوالي ڪندو رهيو. جهان آرا عاشق جي خيال ۾ ان ٻئي آندل هرڻ کي بہ مثالي حوض مان وهنجاري انساني روپ ۾ آندو. هن عاشق جي بجاءِ ٻئي مظلوم حضرت انسان کي ڏسي کانئس پڇيو: اوهين ڪير آهيو ۽ هن طلسم ۾ ڪهڙي نموني پاڻ نذراني طور پيش ڪيو اٿو؟ انهيءَ شخص اهو ٻڌي کيس عرض ڪيو تہ مان ايراني سوداگر جو پٽ آهيان. منهنجو نالو ملڪ نور آهي. هڪڙي ڏينهن پيءُ جي فرمان مطابق مان

جهاز پرائي روم ولايت ڏانهن وڏيس تہ واٽ تي زبردست سامونڊي طوفان اچي گهيرو ڪيو جنهن ڪري جهاز ٽڪر جي زد ۾ اچي ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو. قدرت الاهيءَ سان هڪ تختو هٿ اچي ويو. جنهن کي مضبوطيءَ سان پڪڙي پاڻ سمنڊ جي لهرن حوالي ڪيم. هفتو کن سمنڊ جي خطرناڪ لهرن ۽ خوفائتي آواز تي اڪتفا ڪندو رهيس. نيٺ بفضل خداونديءَ سان اٺين ڏينهن اهو تختو لهرن جي زور تي ڪاڏل سامونڊي ڪناري تي باسلامت پهتو. بک ۽ اڃ جي سخت پريشانيءَ سامونڊي تڪليف جي ڪري بيهوش ٿي ڪري پيس, ايستائين جو دنيا جهان کان بي خبر رهيس. ڪجهہ دير کان پوءِ هڪ سوراخ مان چار نانگ ٻاهر نڪري آيا. مان انهن کي ڏسي ڀهريائين تہ ڏڪي ويس. مگر خبر تڏهن پئي, جو اوچتو ئي انهن نانگن مان سهڻيون پريون پيدا ٿي پيون, جو مون کي ڏسي مشڪندي هڪڙي طرف وڃي پاڻ سان لذيذ ميوا آڻي موٽي آيون ۽ انهن مان جا سڀ کان ننڍي هئي, جنهن جو نالو نور پري هو تنهن کي ٻين پرين مبارڪ ڏيندي چيو: هو جو سامهون نوجوان ڏسين ٿي, سو ڏاڍو بکايل ۽ اڃايل نظر ٿو اچي, تنهنڪري ڪيس پنهنجي ذائقيدار ميون مان ڏاڍهونءَ سان نوازي دعا حاصل ڪر, تہ هو پنهنجي جواني نئين روحاني صورت ۾ اختيا ڪري. تنهن تي هن هڪ لذيذ ڳاڙهو ڏاڙهون ڏيئي, نگاهون نگاهن سان ملائي داستان محبت جو پيغام رسم ۾ ادا ڪري, ناز سان حسن جو جلوو ڏيکاري, مشڪندي چيو: هن کي نوش فرمايو.

آئون سندس حسين چهري جي حسن کي ڏسي ۽ سندس شيريني ڪلام گوئي ٻڌي, ڏاڙهون کائيندي ٿڪاوٽ دور ٿيڻ کانپوءِ شڪريو ادا ڪيو. ٿوري دير کانپوءِ نور پريءَ مون کان نالو پڇي چيو: هي لذيذ ذائقيدار ميوو يعني صوف کائو. مون سندس نازڪ هٿن مان صوف وٺي کاڌو. کائڻ سان مان نانگ جي صورت ۾ اچي ويس. پوءِ انهن بہ صوف کائي نانگ جي صورت اختيا ڪئي ۽ ساڳئي سوراخ مان مون کي بہ ساڻ وٺي ويون. اندر داخل ٿيڻ سان ! ملي شڪل ۾ اچي وياسين. اڳتي هلي ڇا ڏسان تہ هڪ رونقدار لعل محل آهي, جنهن ۾ چار ء لحديون علحديون ڪوٺيون آهن, جنهن ۾ رنگ برنگي ايراني غاليچا وڇايل آهن. انهن ۾ پلنگ کان علاوه ٻيو بہ ڪيترو ئي آسائش جو سامان پيل آهي. اهڙي نموني ٽن ڪمرن کي ڇڏي چوٿين ۾ حسين نوجوان جي ٻيو سڀ سامان عيش جو ميسر هو جو شايد ننڍي پريءَ نور جو ڪمرو پئي معلوم ٿيو. خير ٻيون ٽيئي پريون اسان ٻنهي کي ڇڏي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ڏانهن هليو ويون. نور پريءَ هن پرين کي ويندو ڏسي, مون کي پنهنجن مست نگاهن سان ڏسي چيو: پيارا! اهو ڪمرو اسان جي آرائش لاءِ آهي. بي تڪلف ٿي اندر اچي آرامي ٿيو. اهو ٻڌي آءٌ ساڻس گڏ اندر آيس. جتي ساري رات محفل عيش ۾ رنگي صبح صادق جو استقبال ڪيو بهر صورت ڪيترو عرصو عشق جي منزل ۾ طئي ٿي گذرندو رهيو. هڪڙي ڏينهن نور پري ملڪ نور کي غمگين ڏسي چيو: پيارا! اوهين ايترو غمگين ڇو آهيو؟ ائين ڇئي هڪڙو هوائي گهوڙو ڏنائينس تہ جيڏانهن مرضي ٿئيوَ بہ ڪلاڪ تفريح ڪري پنهنجي دل کي راحت ڏياري اچو. تيستائين آئون بہ اوهان لاءِ پنهنجن ڀينرن سان گڏجي لذيذ ميوا پٽي ٿي اچان.

ملڪ نور هوائي گهوڙي تي چڙهي، سير ڪندو هڪ خطرناڪ بيابان ۾ اچي پهتو ته ڪيس هڪ جادوگر ڏسي طوطو بڻائي، پاڻ ان جي پوئيان باز جي صورت ۾ ان کي پڪڙڻ لاءِ ظاهر ٿيو. طوطي باز کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي بچاءَ خاطر سندس قهري نگاهن کان نڪري گلستان ۾ آيو.

هوڏانهن جڏهن نور پريءَ کي ڪافي انتظار ڪانپوءِ به پنهنجي عاشق جو ديدار نصيب نه ٿيو تڏهن چرين وانگر بيقرار ٿي پاڻ ڪباب ڪري ڇڏيائين.

هڪڙي ڏينهن جيئن سندس پيرن دستور موجب گلستان بهار ۾ وڃي پنهنجن عاشقن لاءِ ذائقيدار ميوا پٽي رهيون هيون، تيئن طوطو کين ڏسي سڃاڻي پرسان آيو. پرين جيتوڻيڪ ان کي اُڏارڻ چاهيو تڏهن به هي انهن کان پري ڪين ٿي ٿيو. نيٺ طوطي کي ساڻ ڪري محفل ۾ اچي نور پريءَ کي چيائون: ادي هي طوطو ڏاڍو اسان جي ڪڍ پيو پوي، جنهن ڪري لاچار تو لاءِ پڪڙي آندو اٿئون، ته تون ساڻس روح رهاڻ ڪر، جو اڄ ڪلهه اڪيلي ۽ اُداس آهين. هي تنهنجو غم غلطان ڪندو. نور پريءَ طوطي کي ڏسي چيو: اديون هيءُ ته منهنجو پيارو محبوب آهي، جنهن کي شايد ڪنهن جادوءَ جي علم ۾ آڻي طوطو بڻايو آهي. ڏسو نٿيون ته هن جي بت مان منهنجي عاشق جي خوشبوءِ اچي رهي آهي.

نور پري پيرن کي التجا ڪئي ته هاڻي هن کي ڪيئن انساني روپ ۾ آڻيان، تنهن لاءِ ڪا تدبير سوچيو. پرين اهو ٻڌي کيس چيو: ڪوهه ڪاف جبل جي اولهه طرف هڪڙو فقير رهندو آهي، ان وٽ وڃ! هوءَ اهو ٻڌي طوطي کي ساڻ ڪري منزلون ڪندي، ڏکيا لڪ گهمندي، بک ۽ اُڃ ۾ پريشان حال ٿيندي، نيٺ انهيءَ فقير وٽ آئي، جنهن کيس چيو: حسنه پريءَ کي مهاراج اِندر ناراض ٿي پرستان کان هڪالي ڪڍيو آهي ۽ سندس پيڻ ماهتاب هڪ آدمزاد جي عشق ۾ جبل ۽ بيابان لتاڙيندي ٿي رهي. خدا ڄاڻي ته هن وقت هو ڪٿي آهي، ائين چئي هڪ درويش جو پتو ڏنائينس. هيءَ پنڌ ڪندي تڪليفون سهي، آخر ان درويش جي خدمت ۾ حاضر ٿي، سموري حقيقت بيان ڪري ٻڌايائينس ۽ کيس چيائين ته خدا جي واسطي هن کي اصلي صورت ۾ آڻيو.

درويش اهو ٻڌي مٿس آيت ڪريمه ۽ درود شريف پڙهي ڦوڪيا ته ملڪ نور پنهنجي اصلي صورت ۾ اچي سندس قدمن تي ڪري شڪريو ادا ڪيو.

نور پريءَ ۽ ملڪ نور ان درويش بزرگ کان دعائون گهري ڳوٺ روانا ٿي رهيا هئا، ته رستي تي هڪ خونخوار ديوَ اچي نور پريءَ کي ڪٽي آسمان ڏانهن اُڏامي هليو ويو. مان پنهنجي محبوب کي قهري ديو جي چنبي ۾ قاتل ڏسي غم ۾ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيس، اک کلڻ سان پاڻ کي طلسمي جادوءَ ۾ قاتل ڏسي، هرڻن وانگر پاڻ به هرڻ بڻجي ويس، وڌيڪ اوهان جون نوازشون آهن.

پريءَ اهو ٻڌي کيس دلجاءِ ڏئي چيو: اوهان ڪوبه فڪر نه ڪريو اوهان جلد پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪندؤ.

دستور مطابق سندس نوڪر ٽيون هرڻ ڦاسائي جهان آرا جي خدمت ۾ پيش ڪيو. جهان آرا دستور مطابق کيس مثالي حوض مان فيضياب ڪيو ته سندس مراد حاصل ٿي جو پنهنجي وڇڙيل

محبوب ”عاشق“ کي نظرن سامهون ڏسي ڏاڍيون خوشيون ڪيائين. ان ڪانسواءِ عاشق ڪيس سموري ڳالهہ ڪري ٻڌائي. جهان آرا ڳالهہ ٻڌي ڪيس پنهنجو بہ سمورو احوال ڪري آفتاب ۽ ملڪ نور سان ملايو. عاشق انهن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. انهيءَ خوشيءَ ۾ دوباره محفل مچائي وئي.

لکندڙ پنهنجي قلم جي نوڪ ۽ فياض دليءَ سان خيالي احوال لکي ٿو تہ جهڙي وقت عاشق خوشيءَ ۾ اچي پنهنجي محفل کي دوباره مچايو تهڙي وقت شهنشاهہ شاهہ زمان جي پيغامي طوطي پنهنجو پلٽو کائي رخ حسنہ پري ڏانهن ڪري، سندس مظلومي احوال پيش ڪري ٿو تہ جهڙي وقت راجا اِندر آفتاب کي هرڻ جي واڙ ۾ روانو ڪيو تهڙي وقت سندس ٺهري حڪم حسنہ پريءَ کي پرستان ڇڏائي پنهنجي پيڻ ماهتاب سان ملايو. حسنہ پنهنجي پيڻ ماهتاب کي سمورو احوال ڪري ٻڌايو. ماهتاب اهو احوال ٻڌي زارو زار روئي پيڻ کي چيو: ادي! آئون آفتاب ڪانسواءِ هڪ پل بہ زنده رهي نہ سگهندس، سو اوهان هتي ترسو تہ آئون ڪيس ڳولهي حاصل ڪري اچان. ائين چئي، پيڻ کان موڪلائي ميدان جها ڳيندي رهي.



پنهنجي محبوب کي ڳوليندي ڳوليندي، هن هڪ ديو کي پريءَ سان زبردستي ڪندي ڏٺو. هن ويجهو وڃي ڪيس سندس ئي تلوار سان اهڙو تہ وار ڪيو جو نامڪار ديو هڪ ئي ڌڪ سان حرام ٿي جهنم رسيد ٿيو. ان بعد اُتي پري، فقير کي ڏسي عجب ۾ پئجي ويئي تہ اوهين هت ڪيئن اچي نڪتا آهيو؟ اگر اوهان ديوَ کي ماري نہ ڇڏيو ها تہ ضرور نامراد منهنجي عصمت تي هٿ چنبڙي ها. هي سڀ ان مالڪ جي مهرباني آهي، جنهن اوهان کي منهنجي مدد لاءِ موڪليو.

درويش ساڻس سموري ڳالهہ بيان ڪئي. هن اها ڳالهہ ٻڌي ڪيس چيو تہ منهنجو نالو نور پري

آهي. هڪڙي ڏينهن ڪوهه قاف جبل جي اولهه ۾ پنهنجي عاشق ملڪ نور کي آزاد ڪرائڻ لاءِ تنهنجي پيءُ حسنه وٽ آيس، مگر فقير وٽان خبر پئي ته راجا اِندر مٿس ناراض ٿي پرستان کان هڪالي ڪڍيو آهي ۽ ان جي پيءُ يعني تون هڪ آدمزاد جي محبت ۾ گرفتار ٿي جهر جهنگل ڳوليندي ٿي وتين. خير هاڻي جيڏانهن تون تيڏانهن مان به هلندس، ڇو ته توکان سواءِ ٻيو ڪوبه همدرد ساٿي راهه منزل ڪونهي.

قصو ڪوتاهه هي ٻئي ڄڻيون پنهنجن وڇڙيلن محبوبن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جهنگل، ميدان، خيابان، بيابان ۽ جبلن جا ڏکيا لڪ جهاڳينديون، نيٺ انهيءَ آباديءَ ۾ پهتيون، جتي غيبي حوض هو جنهن ۾ شهزادو گل پنهنجي دوست ”عاشق“ کان وڇڙي هڪدم غائب ٿي ويو هو. سو ان باغيچي ۾ پهچي آرام ڪرڻ خاطر اجا ويٺيون ئي مس ته جهان آرا جي مٿن نگاهه پيئي، انهن ٻنهي کي بيقراري ۽ پريشانيءَ جي حالت ۾ ڏسي اڳتي وڌي، عرض ڪيائين ته پيرون جيڪر اوهين خدا واسطي مون وٽ مهمان ٿي رهو ته مهرباني. انهن اهو قبول ڪري ڪانئس گڏجي محفل ۾ داخل ٿي ڪين ٿيون ته آفتاب ۽ ملڪ نور پنهنجن محبوبن کي ڏسي سڃاتو ۽ خوش ٿيڻ لڳا. اهڙيءَ طرح وڇڙيل پاڻ ۾ ملي تمنائن کي زنده رکيو. جهان آرا اهو ڏسي هڪدم ٻنهي کي وهنجاري پوشاڪ پهرائي هڪ ٻئي کان حال احوال ونڻ لاءِ خوشيءَ جي محفل قائم ڪئي.

مينا: ادا طوطا! هي ته وڇڙيل پاڻ ملايئي؟ پر شهزادي گل جو ته ڪجهه به ظاهر ڪين ڪيو اٿيئي ته هن جو ڇا ٿيو؟

طوطي اهو ٻڌي چيو ته ادي مينا! تون ڪوبه خيال نه ڪر، حاضر! هاڻي اوهان جي فرمان موجب شهزادي گل جو احوال پيش ڪريان ٿو. اٿين ڇئي قصو بيان تو ڪري:

عاشق جهان آرا کي عرض ڪيو ته پياري جهان آرا! آخر شهزادي گل جي ملڻ جي ڪا صورت آهي يا نه؟ اڄ تائين سندس اها به خبر پئجي ڪانه سگهي آهي ته آيا شهزادو زنده به آهي يا مري ويو؟ جهان آرا اهو ٻڌي پنهنجي محبوب جا هٿ پڪڙي، هڪڙي آئيني مثل شيشي وٽ پهچي، مٿان ٻئي هٿ ڦيرائي عاشق کي چيو ته هاڻي اوهين سڀ ڪجهه ڏسي سگهو ٿا. عشق ساري طلسم جا مرد ڏسي چيو: پياري شهزادي جو ته پتوئي ڪونهي؟

جهان آرا اهو ٻڌي چيس: پيارا! اگر شهزادو گل هن طلسم ۾ موجود هجي ها ته ضرور ڏيکارجي ها، مگر جيئن ته شهزادو طلسم جي حدن کان ٻاهر تو نظر اچي. عاشق اهو ٻڌي زارو زار روئي شهزادي جي ڳولهڻ لاءِ اٿي هليو.

طوطو اڳتي هلي شهزادي گل جو احوال هن ريت پيش تو ڪري:

جنهن وقت شهزادي ميجيءَ کي پڪڙڻ لاءِ حوض ۾ ٽپو ڏنو ته جهان آرا جي پيءُ عالم آرا کيس هٿ کان وٺي هلي ويئي ۽ پنهنجي جاءِ تي آڻي ساڻس تمام سهڻي نموني پيش آئي، ۽ کيس هڪ مسند تي ويهاريائين، مگر هيءَ نه وينو ۽ نفرت ظاهر ڪيائين. عالم آرا ڪاوڙ ۾ اچي شهزادي گل مٿان سختي شروع ڪئي ۽ هڪڙي ديوَ کي حڪم ڪري چيائين ته هن مردود انسان جي ٻچڙي کي

طلسمي حدن کان ٻاهر ڦٿو ڪري اچ؟ اهو ٻڌي ديو شهزادي کي هوائي تخت تي کڻي هڪڙي اهڙي هنڌ ڇڏي هليو ويو جتي سواءِ واري جي ڀِٽن کان سِيو چؤطرف ڪجهه بہ نظر نٿي آيو.

قصو ڪوتاهہ شهزادي گل توڪل خدا تي رکي هڪڙي طرف روانو ٿيو. هلندي هلندي هن کي هڪ شهر نظر آيو. هو شهر جي ٻاهران وڏي وڻ هيٺان ويهي رهيو. قدرتن انهيءَ هنڌ هڪڙو درويش بہ رهندو هو ۽ ان ڏينهن ٻيا بہ چار درويش اچي ساڻس مليا. شهزادي گل کي پريشان حال ڏسي پڇڻ لڳا. جنهن سمورو احوال ٻڌائي دل ۾ چيو تہ هڪ دفعو قسمت آزمائي ڪريان. اگر خدا گهريو تہ نيلوفر پريءَ کي حاصل ڪري مراد ماڻيندس. درويش سندس زباني ٻڌي هن کي چيو: اڪثر ڪري عورتون پنهنجن مڙسن تي ڪاوڙ ڪنديون آهن.

## پهرين درويش جي ڳالهہ

مان اصل ملڪ سنڌ جو سوداگر آهيان. منهنجي گهر واري هميشه پنهنجي پاءُ کي گهر جي اسباب مان روزانو ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيئي چوندي هئي، تہ اڄ فلاڻي شيءِ ڪانهي. اڄ فلاڻو ٽپڙ ڪونهي ۽ مان گهر جو سامان وٺي وٺي ٿڪجي پيس. سو هڪڙي ڏينهن جيئن منهنجي گهر واري اَنُ پينهڻ لاءِ پِر واري گهر ۾ ويئي، تہ آئون سندس ياءُ کي ڪهي، سندس لاش ڪٽ هيٺان رکيو ۽ سندس خون مان ڏيو ٻاري، ٻڪين مان ڪباب تيار ڪري. ڪيس ڪارائي چيم: هي مون کي دوست وٽان مهماني آئي آهي. ڪنهن وقت اوچتو سندس نگاهہ کٽ جي هيٺان پيئي، تہ پنهنجي ياءُ کي مئل ڏسي ڳاڙهي ٿي ويئي. تلوار کڻي منهن جي پٺيان ڊوڙي، مان بہ خوف کان اٿي ڀڳس. تان جو اوهان جي محفل ۾ اچي پهتس.

اهو ٻڌي ٻئي درويش چيس گهبراءِ نہ، هي جاءِ اوهان جي ئي آهي. خدا گهريو تہ هن جاءِ تي اوهان جو ئي قبضو رهندو؟ ائين چئي ٻئي درويش پنهنجي ڳالهہ هن ريت شروع ڪئي.

## ٻئي درويش جي ڳالهہ

آئون افغانستان جي سوداگر جو پٽ آهيان. هڪڙي ڏينهن منهنجي سهري دستور موجب شڪار تي ويندي، پنهنجي منشيءَ کي چيو تہ واپار جي ڪم ۾ منهنجي ڏيءَ کان صلاح مصلحت وٺندو اچجانءِ؟ قصو ڪوتاهہ منشي منهنجي زال تي عاشق ٿي پيو ۽ هڪڙي ڏينهن موقعو وٺي ڪيس پنهنجي دل جو احوال ٻڌائي چيائين تہ مان اوهان کان سواءِ هڪ پل بہ جيئي ڪونہ ٿو سگهان؟ سو ڪيئن بہ ڪري پنهنجي لذيذ ميوي جو ذائقو چکائي، منهنجي مقصد کي پورو ڪر.

هن عورت اهو ٻڌي چيو: ان جو جواب سڀاڻي ڏينديسانءِ منشي دل ۾ خوش ٿي سڀاڻي بابت خيالي پلاءَ پچائڻ لڳو تہ اجهو ٿو منهنجي قسمت جو سج چمڪي. هوڏانهن شريف پاڪدامن عورت پنهنجي مڱيندي جو فوٽو کڻي عزت بچائڻ خاطر آڌيءَ رات جو محل ڇڏي، آباديءَ کان ٻاهر نڪري،

جبلن جي غار اندر ياد الاهيءَ ۾ وقت گذاريندي رهي. هڪڙي ڏينهن آئون سامان سان پريل قافلو تيار ڪرائي، انهيءَ غار وٽان لنگهي رهيو هوس تہ مٿس نگاهہ پيئي، سو انهيءَ عورت کي فقير سمجهي ڪانئس پڇيم: فقير صاحب اوهين هن بيگاني ۽ خطرناڪ جڳهہ تي ديرو ڇو ڄمايو آهي. هن مون کي ۽ پنهنجي هٿ واري تصوير کي ڏسي پڪ ڪري چيو تہ ڇا ڪريان مجبور آهيان! مان سندس لچڪيدار آواز ٻڌي چيو: ڇا اوهين عورت آهيو؟ هن جواب ۾ چيو: هائو آئون هڪ مظلوم عورت آهيان! سو مان مٿس قياس آڻي پاڻ سان گڏ همراهہ ڪيو جو ڪجهہ ڏينهن بعد ساڻس شادي بہ ڪيم.

هوڏانهن جڏهن سوداگر شڪار تان واپس آيو تہ منشيءَ خوف کان کيس چيو: اوهان جي ڏيءَ نيڪ اختر رات جو نامعلوم شخص سان ڀڄي ويئي آهي. هن شريف اهو ٻڌي صبر اختيار ڪيو ۽ ڪنهن کي ڳالهہ ڪين ٻڌايائين.

هڪڙي ڏينهن منهنجي لالچي پيءُ سوداگر ڏانهن سگ لاءِ پيغام موڪليو. هن اشراف وٽس تاريخ مقرر ڪري موڪلي تہ اوهين فلاڻي تاريخ تي اچي پنهنجي فرزند جي شادي خانہ آبادي ڪري، فرض اولين ادا ڪريو مون کي بہ ان ڳالهہ جي خبر ڪانہ هئي تہ ڪا هيءَ ان سوداگر جي ڏيءَ آهي.

نيٺ مان بہ شاديءَ جي تياري ڪري ڄڃ ساڻ ڪري پنهنجي وفادار زال سميت شادي ڪرڻ لاءِ اوڏانهن هليس. واٽ تي رات پئجي ويئي، جيئن منهنجي گهر واري ڏٽي پاڪ جي عبادت ۾ مشغول هئي تہ تيئن منهنجي پيءُ لالچ ۽ طمع ۾ اچي کيس قتل ڪرڻ جو ارادو رکيو ڇو تہ سندس مرضي هئي تہ منهنجو پٽ هن جي محبت ۾ سوداگر جي ڏيءَ سان پيار گهٽ ڪندو جنهن ڪري اسان کي اينڊڙ ملڪيت تان هٿ ڌوئڻا پوندا. سو جيڪر هيءَ زال هوندس ئي نہ تہ پوءِ مجبورن نئين زال سان محبت جو قدم وڌائڻو پوندس. انهيءَ خيال کان تلوار کڻي جيئن منهنجي زال کي مارڻ پئي آيو تيئن منهنجي نيڪ سيرت زال پاڻ بچائي تنبوءَ مان نڪري هلي ويئي. ڪجهہ پنڌ ئي ڪونہ ڪيائين تہ هڪ جهنگل ۾ تي چور ڏٺائين، جي پاڻ ۾ چوريءَ جو مال ورهائي رهيا هئا. هنن نازڪ عورت کي اڪيلو ڏسي، ڇوڙڻ شروع ڪيو تہ هيءَ مان ڪٿان! ڪو ڇوي مان ڪٿان؟ آخر نوبت ايستائين پهتي جو پاڻ کي خنجرن سان ماري موت جي حوالي ڪيائون.



قصو ڪوتاهه مان ڇج سميت اچي ساهرن وٽ پهتس، جتي سوداگر اڳي ئي باقاعده انتظام مڪمل ڪري رکيو هو. ازانسواءِ منهنجي گهر واري فقير جو ويس ڪري اسان سان هم رڪاب ٿي، ان نڪاح واري رسم ۾ ويٺي رهي. جنهن وقت قاضي صاحب نڪاح لاءِ اٿي پرسان آيو ته اوچتو سوداگر جي محل مان آهه و زاريءَ جا آواز بلند ٿيڻ لڳا. ايستائين جو ڪجهه دير ڪانپوءِ سوداگر اچي ٻڌايو ته منهنجي ڌيءَ پيٽ جي سور سبب مري ويئي. سوداگر پنهنجا اهي لفظ ختم ئي ڪونه ڪيا، ته فقير ويجهو اچي پاڻ ظاهر ڪري سمورو احوال پيش ڪيو. سوداگر پنهنجي ڌيءَ کي سچائي ڇاتيءَ سان لائي خوش ٿيڻ لڳو. نتيجي ۾ منشيءَ ۽ بابي سائينءَ کي پنهنجي ڪئي موجب سزا ڏني ويئي.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ گهوڙن تي چڙهي پنهنجي ملڪ ڏانهن پئي آياسين ته واٽ تي منهنجو گهوڙو تيز رفتار ٿي ڪٽي منهن ڪيو. پنهنجن کان جدا ٿي ويس ۽ اوهان جهڙن درويشن جي ديدار جو شرف ٿئي ٿو اهو ٻڌي ٽئين درويش چيو ته سوداگر زاده اوهان هر طرح دلجاءِ ڪريو خدا جي مهربانيءَ سان جلد وطن پهچي ويندين. ان کان پوءِ ٽئين سوداگر پنهنجو احوال هن ريت شروع ڪيو.

## ٽئين درويش جي ڳالهه

ڳالهه ڪندا آهن ته بصري شهر ۾ نوران نالي هڪ چالاڪ حسينه رهندي هئي. هڪڙي ڏينهن خيال ڪيائين ته اهڙو ڪو داناءُ ماڻهو ملي وڃي، جنهن سان زندگي جو ڳانڍاپو ڪري، پنهنجي زندگي عيش ۾ گذاريان. مگر داناءُ ماڻهو حاصل ڪرڻ بذات خود ڏکيو ڪم هو سو هڪڙيءَ ڏوتيءَ کي لالچ ڏيئي چيائين ته چار شيون وٺي اچ؟ پهريون کائڻ جو حلوو ٻيو پيئڻ لاءِ شربت، ٽيون ميوو ۽ چوٿون ٻڪريءَ لاءِ گاهه؟ جيڪڏهن توکي بازار مان اهي شيون نه ملن ته پوءِ ڪنهن کان پڇا ڪجانءِ!

ڏوتي پيسا کڻي سارو ڏينهن شهر ۾ دربدر ٿي، ليڪن ڪٿان به ڪيس پتو نه پيو نه وري بازار مان ئي ڪي گهربل شيون مليس، جنهن کان پيئي پڇي سو ڪيس چري سمجهي کلي رهيو هو. قصو ڪوتاهه واپس موٽڻ وقت هڪ مواليءَ تي نظر پيس، سو وڌي ڪانئس پڇيائين؟ ان ورندي ڏنس: اڌ پئسا مون کي ڏي، باقي اڌ پئسن مان توکي گهربل شيون وٺي ٿو ڏيان!

سواليءَ اڌ پئسن جي ڀنگ ورتي ۽ اڌ پئسن جو گدرو وٺي ڏنائينس. جيڪو ڏوتيءَ کڻي اچي نوران جي حوالي ڪيو جنهن سودو ڏسي ڪيس چيو: واهه شاباس! سودو نيڪ ورتو اٿئي.

وري انهيءَ ساڳي عورت کي ٽيهه ٽڪيون مٺيون ۽ ٻارنهن لڏو ۽ هڪڙو لوٽو کير جو ڀريل ڏيئي چيائين، هيءُ وڃي انهيءَ کي ڏيئي اچ جنهن صبح توکي سودو وٺي ڏنو هو. هن عورت اهو سامان کڻي اچا ٿورو پنڌ ئي مس ڪيو هو ته ڪيس مڙس مليو جيڪو چنبو هڻي تي لڏون ۽ چار ڪن مٺيون ٽڪيون کڻي هليو ويو.

ڏوتيءَ باقي سامان مواليءَ جي حوالي ڪيو. موالي اهو سامان ڏسي چيو ته وڃي پنهنجي سائڻ کي چئج ته مهيني ۾ ٽيهن ڏينهن مان چويهه ڏينهن سال ۾ ٻارنهن مهينن بجاءِ نو مهينا باقي

ڪوهه مٿان چار. ڏوتيءَ اهو پيغام ڪٽي نوران کي ڏنو. نوران ڪاوڙجي ڪائس پڇيو: چار منيون ٽڪيون ۽ 3 لڏون ڪيڏانهن گم ٿي ويا؟ ڏوتي عجب ۾ پئجي واٽڙي تي ڪيس سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي. نوران اهو ٻڌي ڪيس معافي ڏيئي چيو: چڱو انهيءَ ماٺهوءَ کي وني آءِ، مگر ڏسجانءِ جنهن وقت در تي اچي تہ واڪو ڪري چئجانءِ؟: ونو ڙي ونو!

ڏوتي انهيءَ مواليءَ کي نشي جي حالت ۾ ساڻ ڪري دروازي وٽ پهتي تہ وڏي آواز چيائين: ونو ڙي ونو! سو انهيءَ خوف کان موالي اهڙو تہ ڀڳو جو اچي درويش وٽ دم پٽيائين. چوٿين درويش دلجاءِ ڏيئي پنهنجو داستان هن رنگ ۾ پيش ڪيو:

## چوٿين درويش جي ڳالهہ

اصل ۾ مان هڪ وڏو سوداگر هوس. سو هڪڙي ڏينهن دستور مطابق مال سان جهاز ڀرائي چين ولايت ويس، جتي سمورو سامان نفعي تي وڪڻي خير خوبيءَ سان وطن اچي پهتس. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پنهنجي بيوقوفيءَ ڪري ساري ملڪيت پنهنجن چئن پٽن کي عاقل سمجهي تقسيم ڪري، پاڻ سندن ڏنل گرهہ تي اڪتفا ڪيم. پنجن ڇهن مهينن گذرڻ کانپوءِ سمجهان پيو تہ سندن زالون مون مان تنگ ٿي چڪيون هيون، ڇو تہ آئون نہ ڪمايان نہ ڪرتيان، صرف وينو ابوصمد ٻڻجي مفت جي ماني کاڻوان. جيڪا ڳالهہ ڪين ڪين وڻي. ايستائين آهستي آهستي ماني بہ اٽپوري ۽ خراب ڏيڻ لڳيون، ازانسواءِ مهڻا ڏيڻ لڳيون تہ اسان ڪٿان هن ڏنڊي مُٺي کي ويهي کارايون. نيٺ مون مان ايترو تہ بيزار ٿي ويون جنهن جي ڪا حد ناهي.

هڪڙي ڏينهن پنهنجي لوهار دوست کان ربڙي جي ماپ تي گول ٽڪرا ڪپائي، ٿيلهيءَ ۾ وجهي، ويهاڻي جي هيٺان رکي ڇڏيم ۽ انهيءَ ٿيلهي جي چڱيءَ طرح سنڀال بہ پئي ڪيم. جڏهن انهن اهو ڏٺو تہ ڄاڇو الائي ڪٿان پوريل خزانو ڪٽي آيو آهي، تڏهن پاڻ ۾ صلاح ڪري دنيا جي لالچ تي منهنجي چڱي خاطرداري ڪيائون. مگر جڏهن خبر پيين تہ هي لوهي ٽڪرا آهن، تڏهن پشيمان ٿي ساڳئي نموني ٻڪ ۾ بيتاب ڪرڻ لڳيون، ايستائين جو نالائق پٽن بہ مون سان ڪو همدرديءَ جو برتاءُ نہ ڪيو.

نيٺ مان بيزار ٿي هڪ جوهريءَ وٽ ويس، جنهن کي چيم تہ مون کي هيرن جواهرن ۽ لعلن جي چڱي طرح پروڙ آهي. سوداگر لائق سمجهي ٻن مانين ۽ هڪ آني تي نوڪر بيهاريو. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ هڪ جوهري وٽس لعل وڪڻڻ آيو. مون لعل ڏسي ڪيس چيو: هي اتر پاسي جي جبلن وارن پٿرن مان مصنوعي ٺاهيل لعل آهن. هن جي قيمت سواءِ سؤ روپئي کان وڌ ڪونهي. سوداگر اهو ٻڌي چيو: واهہ! اگر تون نہ هجين ها تہ جيڪر مان اهو لعل سچو سمجهي ڏهين هزارين ۾ وٺان ها! چڱو هاڻي تنهنجي لياقت آهر ٻن مان وڌائي 3 مانيون ڪريان ٿو ۽ هڪ آني جي بجاءِ توکي بہ آنا ملندا رهندا. ائين پنهنجو وقت چڱيءَ طرح گذاريندو رهيس.

هڪڙي ڏينهن منهنجي مالڪ سوداگر جي زال وار سڪائي رهي هئي تہ مان ڪيس ٻاليشاهڻ جي نالي سان پڪاريو. هن اهو ٻڌي ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي مڙس کي چيو تہ هن بدتميز مون کي ٻاليشاهڻ جي نالي سان پڪاريو آهي. هن سوداگر زال جي واتان هي لفظ ٻڌي مون کي چيو: تون ڪيس ڪيئن سچاتو تہ هيءَ ٻاليشاهڻ آهي. انهيءَ جي جواب ۾ آئون ڪيس ورندي ڏني تہ جهڙي وقت تنهنجي زال ڪپو پير ڪٽي متي ڪيو تہ مان از خود سمجهي ويس تہ هيءَ ٻاليشاهڻ آهي، ڇو تہ ڪپي پير کي متي ڪٽي اڇلائڻ ٻاليشاهڻ جي ڏيءَ جو ڪم هوندو آهي. سوداگر اهو جواب ٻڌي چپ تي ويو ۽ ڳجهيءَ طور منهنجو دشمن تي ويٺو سو پنهنجيءَ جان بچائڻ خاطر ڀڄي اچي اوهان جي خدمت ۾ ساهہ پٽيم. اهو ٻڌي سيني درويشن چيو:خدا جي فضل و ڪرم سان پنهنجي مال مٿان قابض ٿيندين.

مينا: طوطي جي واتان چوٿين درويش جو قصو ٻڌي چيو: ادا طوطا! هاڻي منهنجو بيان ٻڌ!

طوطي ڪيس ورندي ڏني: اي مينا! تون ڏاڍي ڪا حسد جي پاڙ آهين؟ جيتوٽيڪ مان چوانءِ ٿو تہ پنهنجو قصو سياڻي ٻڌائجانءِ! مگر تہ بہ نٿي رهين!

لکندڙ ماهر چوي ٿو تہ شهنشاهہ عادل شاهہ زمان والي تاجدار خوش ٿي مينا کي صبر ڪرائي طوطي کي چيو: اوهين ڇا لاءِ وڙهي رهيا آهيو! اوهان ٻئي ماٺ ڪريو هاڻ منهنجي ڳالهہ ٻڌو.

## بيگانيءَ ڪميءَ جي ڳالهہ

هڪڙي ڏينهن شهر جي شرير ٻارن درياهہ تان ڪمي ڦاسائي هڪڙي سوداگر جي محلات جي ٻاهران ڪڌ ڪٽي، ڪيس پٿر هڻي ماريندا رهيا. ڳالهہ ڪندا آهن تہ بيگاني ڪمي سوداگر جي ٻاهران ڪِنيءَ ڪڌ ۾ پنهنجو تنگ وقت گذاري رهي هئي ۽ ٻار ڪيس دستور موجب پٿر هڻي هليا ويندا هئا. هڪڙي ڏينهن سوداگر مٿس قياس آڻي پنهنجي نوڪر کي حڪم ڪيو تہ هن کي درياهہ ۾ ڦٽو ڪري اچ. نوڪر پنهنجي آقا جو حڪم ٻڌي انهيءَ ڪميءَ کي ڪڌ مان ڪڍي، درياهہ ۾ ڇڏي، سندس لقاءُ ڏسي رهيو هو تہ ايتري ۾ بيگاني ڪميءَ ٽپي هڻي اندران هڪ لک روپين جو لعل آڻي، سوداگر جي نوڪر کي ڏنو. نوڪر اهو لعل ڏسي ڪيس پڪڙي چيو: جيڪڏهن اهڙو ٻيو بہ لعل آڻيندينءَ تہ پوءِ توکي آزاد ڪندس.

ڪميءَ کيس چيو: حاضر اوهين مون کي ڇڏيو تہ سڀئي لعل اوهان کي آڻي ڏيان.

نوڪر اهو ٻڌي لالچ ۾ اچي ڪميءَ کي ڇڏي ڏنو. ڪجهہ دير کان پوءِ ڪمي ٻاهر نڪري سوداگر جي نوڪر کي چيو: هتي هزارين لعل پيا آهن. سو مهرباني ڪري اهو لعل ڏيو تہ انهيءَ جهڙو ٻيو ڏسي لعل ڪٽي اچان. ڪميءَ اهو لعل وٺي اندر ويندي ڪيس چيو: توکي لعل هڪ ونٺو ڪونهي، مون کي بہ ڏيٺا ڪونهن. تنهنڪري وچ ۾ وڃي پنهنجو ڪم ڪر! ائين چئي ٽپي هڻي نظرن کان هميشه لاءِ غائب ٿي ويئي ۽ سوداگر جو نوڪر افسوس وچان خالي هٿ مهٽيندو واپس وريو.



# داستان ڇهون

## شهزادي گل جو درويشن سميت ڪبوتر ٿيڻ ۽ جهان آرا جي مدد سان آزاد ٿيڻ

شهزادو گل پنجين طلسم کي پار ڪري، جيئن ئي درويشن سميت خدا کي ياد ڪندي، ڏکين ڏينهن کي وساريو جهر جهنگ ۽ بيابان پار ڪندو طفلس شهر ڏانهن هلندو رهيو.

لڪندڙ خوش اسلوبيءَ سان لکي ٿو ته واٽ تي کيس ڪافي تڪليفون درپيش آيون، پر پوءِ به بهادريءَ، جفاڪشيءَ ۽ همت مردانگيءَ سان منهن ڏيئي، پنهنجن دوستن سميت آزاد ٿيندو اڳتي وڌندو رهيو. ڪجھه عرصي کان پوءِ هن پنهنجين اکين کي ساوڪ جو نظارو پسائي، دماغ کي تراوت ڏيئي، پنهنجو شعور بلند رکيو. ان ميدان ۾ بهادر گلستان ڏسي خوش ٿي ٿڪاوٽ کي دور ڪرڻ لاءِ شهزادو ان سرسبز ميدان کي ڪشمير سمجهي پاڻ لاءِ غنيمت ڄاڻي ٿنهنڪري درويش سميت رات ڪاٽڻ لاءِ ڏينهن جي تڪليفن کان آزاد ٿي آرامي ٿيا. صبح جو اٿي ڇا ڏسن ته هزارين ڪبوتر هم مشابهت ۽ هم رنگ سندن چوڌاري بيٺا آهن. شهزادي ۽ درويشن ننڊ مان اٿي حيرت سان کين ڏٺو ته پاڻ به انهن ڪبوترن وانگر ڪبوتر ٿي پنيان هلڻ لڳا. قصو ڪوتاهه شهزادي گل جي منزل کي اتي رکي پنهنجو حال جهان آرا ۽ عاشق ڏانهن پيش ڪرڻ لاءِ ظاهر ڪريون ٿا.

عاشق جڏهن جادوءَ جي آئيني ۾ شهزادي گل کي طلسم جي حدن اندر ڪونه ڏٺو تڏهن بيقرار ٿي عيش آرام کان پري رهيو. جهان آرا پنهنجي محبوب جو اهو حال ڏسي شهزادي گل لاءِ هر هنڌ سردارن ڏانهن خط لکيا ته اگر ڪو به آدمزادو طلسم جي حدن اندر ۾ داخل ٿئي ته هڪدم مون وٽ پيش ڪيو. ازانسواءِ سندس ڳولها لاءِ ڪيترائي غلام پنيان ڇڏيائين ۽ پاڻ به بار بار جادوءَ جي آئيني ۾ ڏسندي رهي.

هڪڙي ڏينهن جهان آرا دستور موجب آئينو ڏٺو جنهن ۾ طلسم جو سمورو ميدان ڏيکارجي رهيو هو. ڏسندي سندس نگاهه هڪڙيءَ ڪنڊ تي پئي. ڇا ڏسي ته پنج ماڻهو ننڊ مان اٿندي ڪبوتر بڻجي اڏامڻ لڳا آهن. اهو ڏسي عجب ۾ پئجي عاشق کي ڏيکاريندي چيائين، شايد شهزادو گل انهن طلسمي ڪبوترن ۾ آهي. عاشق اهو لقاءُ ڏسي جهان آرا کي چيو پياري مون کي

پڪ آهي تہ شهزادو گل انهن ۾ آهي. مهرباني ڪري جلدي مون کي شهزادو ملايو ورنہ سندس وڇوڙي ۾ مري ويندس.

جهان آرا کيس چيو اوهان خاطري ڪريو اجهو ٿي شهزادي گل کي اوهان سان ملايان! ائين چئي ماريءَ کي حڪم ڪيائين تہ روزانو هڪ ڪبوتر پڪڙي مون وٽ حاضر ڪر. ماريءَ حڪم ٻڌي هڪدم طلسمي جهنگل ۾ وڃي، چار وسيلي هڪ ڪبوتر ڦاسائي جهان آرا جي خدمت ۾ پيش ڪيو. جهان آرا ڪبوتر وٺي دستوري حوض مان ان کي وهنجاريو تہ ڪبوتر انهيءَ دم انساني صورت ۾ اچي ويو. تڏهن جهان آرا ڪانئس طلسم ۾ داخل ٿيڻ بابت پڇيو. انهيءَ شخص اهو ٻڌي کيس عرض ڪيو:

## پهرين ڪبوتر جي ڳالهہ

مان ملڪ سنڌ جي سوداگر جو اڪيلوئي پٽ آهيان. منهنجو نالو منور آهي. هڪڙي ڏينهن ڪوٺي تي سمهيو پيو هوس، اچانڪ اک کلڻ تي ڇا ڏسان تہ هڪ نازنين حسينہ پاسي ۾ سمهي پيئي آهي. اهو ڏسي دل جهلي دل کان پڇيم تہ آيا هيءَ خواب غفلت تہ ڪين آهي، جنهن لاءِ اکين کي مهٽي صاف ڪري دلجاءِ حاصل ڪيم تہ ان نازنين مون کي حيرت ۾ ڏسي چيو تہ دلبند پيارا! اوهين حيرت ۾ ڇو آهيو؟ انهيءَ جو راز مان ٿي توهان کي ٻڌايان! حقيقت هيءَ آهي تہ مان احمر جادوگر جي ڌيءَ آهيان. نالو اٿم "انور". رات جيئن سير جي خيال کان هوائي تخت تي چڙهي لطف حاصل ڪري رهي هيس تہ اوهان سهڻن تي نظر پئجي ويئي. پوءِ تہ مان گهڻوئي دل مان اوهان جي حسن جو جلوو ڪيڻ چاهيو. مگر بي وس لاچار ٿي دل جي ڪشش اوهان وٽ پيش ڪيو جنهن ڪري مجبور ٿي وري بہ دل تي هٿ رکي، اوهان کي اٿارڻ اخلاقي جرم سمجهي اوهان جي پاسي ۾ سمهي پيس، تہ اوهان دستوري جاڳ موجب حسين مکڙو کولي ڏٺو. انور سندس نالو پڇي آسمان ڏانهن نهاريو تہ کيس وقت جي پڪار صبح جي ستاري ۾ روشن ٿي عشق جي محفل کي پيغام ڪڪر وسيلي ختم ڪيو. "انور پريءَ" منور کان روئي موڪلائي چيو: دلنواز اگر قسمت قياس ڪري محبت جي ميدان ۾ اجازت ڏني تہ حاضر خدمت ٿي، دل جا درد دوُر ڪنداسين. پيارا! مان پاڻ مجبور آهيان، ورنہ تنهنجي محبت مستان ڪري، جگر کي جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو آهي. ڇا ڪريان پدري حڪم آهي، انهيءَ کي ناراض ڪرڻ قدرت جي انحرافي آهي.

مولانا خيالي لکي ٿو تہ منور اهي جملا ٻڌي زارو زار روئي کيس چيو: پياري، اگر اها حالت هئي تہ پوءِ مون بيگناهہ کي دردن ۾ وجهي نظرن کان دوُر ڇو ٿا ڪريو! انهيءَ کان بهتر اٿوَ تہ مون کي گهڻو ڏيئي ماري روح کي راحت ڏيارڻ لاءِ پاڻ سان کڻو.

انور پري اهي لفظ ٻڌي کيس دلجاءِ ڏيندي چيو: پيارا دلنوازا خاطري ڪريو! هر ممڪن ڪوشش بعد خدمت ۾ ايندس. ائين چئي هوائي تخت تي سوار ٿي نظرن کان غائب ٿي ويئي.

منور لاءِ بيقراريءَ جي رات سالن برابر هئي. ائين پيو معلوم ٿئي، گويا مڇي پاڻيءَ کان ٻاهر جهڙي نموني تڙپندي آهي، اهڙي ئي نموني هي عشق عميق ۾ غوطا کائي تڙپي رهيو هو ته مهاڻي کيس آسمان ڏانهن رجوع ڪيو. پنهنجي حسين محبوب انور جان پري کي ڏسي خوش ٿيڻ لڳو. واقعي ئي خوشي ڪرڻ جهڙي رات هئي، ڇو ته سال برابر ڏکيو ڏينهن بيقراري ۽ انتظاري ۾ گذريو هو.

اي مينا! ساڳئي حالت ۾ انور جان پري پنهنجو بيقرار ڏينهن محبوب جي ديدار شرف سوا گذاري، رات ٿيڻ تي ناڪام محبت کي پيار جو جام پياري، منور جي دل کي دلجاءِ ڏيئي، ساري رات سڪ ۽ قرب جي ڪار ڪري، پنهنجي عشق جي اُسات اُجهائڻ لاءِ اُتي اچي نمودار ٿيندي هئي. اهڙي نموني هر رات جا چار پهر ڪڪڙن جي دَسن ۽ بدنامي جي باک کان اڳ، پرستان ۾ پير رکندي هئي ۽ منور جي دکيءَ دل کي داغ کان بچائي رات جو سندس محفل اچي رچائيندي آئي.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب جيئن انور جان پري پرستان کان پير ڪيو، آدمزاد کي ديدار مشرف حاصل ڪرايو ته منور محبت جي ميدان کان ٽپي عرض ڪيو: پياري! مون کي به ته پنهنجي پرستان ۽ گلستان جو سير ڪراءِ!

انور جان پري اهو ٻڌي چيس: اي دلنواز! انهيءَ خيال کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيو!

منور انور جان پريءَ کي چيو پياري محبوبہ! مون کي اوهان جي پرستان ۽ گلستان ڏسڻ جو ڏاڍو شوق آهي، انهيءَ لاءِ ته عرض ڪيم. ورنہ مون کي ڪهڙي ضرورت آهي، سو مهرباني ڪري منهنجي شوق کي پورو ڪريو.

انور جان پري منور کي چيو پيارا! مون کي گهمائڻ ۾ ڪا تڪليف ڪانهي، مگر ڇا ڪريان خوف ٿو ٿئيم ته متان ٻئي تباهہ نه ٿي وڃون.

ماهر لکي ٿو ته ويچاري انور جان پري مجبور ٿي کيس هوائي تخت تي سوار ڪري، پرستان ڏانهن وٺي ويئي. قصو ڪوتاهہ احمر جادوگر آدمزادي کي ديءَ سان ڏسي، جوش ۾ اچي، هڪڙي ديوَ کي حڪم ڪيو ته هن آدمزاد کي طلسمي ميدان ۾ ڇڏي اچ! ديو جادوگر جي حڪم موجب منور کي طلسمي ميدان ۾ ڇڏي هليو ويو. هي سارو ڏينهن بک اڃ تي حيران پريشان ٿيندو اڳتي وڌندو رهيو، تان جو بيهوش ٿي ڪري پيو. جڏهن هوش آيس ته پاڻ کي ڪبوتر جي پوشاڪ ۾ ڏسي چوڻ لڳو: افسوس ڪالهہ انساني روپ ۾ هئس ۽ اڄ ڪبوتر آهيان. پوءِ ته وڏيڪ پنهنجي زندگي تي آهہ و زاري ڪري پڇتائڻ لڳو ته هي مون ڇا ڪيو. خير انهيءَ کان وڌيڪ کيس انور جان پريءَ جو خيال هو ته خدا ڄاڻي پٽس مٿس الائي ڪهڙو ظلم ڪيو. جنهن ڪريءَ نه ڪاڏو پئي وٺيو نه پيتو سارو ڏينهن پنهنجي حسرت پرين نگاهن سان دنيا جي لازوال ڪارنامن تي افسوس جا هٿ مهٽيندو رهيس، ته ايتري ۾ هڪ ماريءَ چار وچائي مٿس ان داڻا ڇٽيا. آئون ته ڪيترن ڏينهن جو بکايل هوس، سو انهيءَ داڻن تي اڪتفا ڪري پاڻ اوهان جي اڳيان نذرانو ڪيم. وڌيڪ خبر ڪانہ اٿم ته اوهان انساني خوراڪ لائق، يعني انساني صورت ۾ ڪهڙي طريقي سان آندوءِ ڇو آندو.

عاشق علي سندس سورن پريو داستان ٻڌي منور کي تسلي ڏيئي چيو: اوهان بي فڪر رهو اڳتي الله تعاليٰ کي جيئن منظور هوندو تيئن ٿيندو.

جهان آرا عاشق کي هر طرح دلجاءِ ڏيئي، رات راڳ ۽ ناچ ۾ گذاري، صبح جو سانباهو ڪري ناشتي مان واندا ٿي ڪين ٿيا هئا، ته ماريءَ دستور مطابق ڪبوتر ڦاسائي سندن حوالي ڪيو. جهان آرا ان کي انساني شڪل ۾ آڻي ڪانئس پڻ احوال پڇيو. جنهن پنهنجو احوال سورن جي سلسلي سميت ساهه کڻي هن طرح پيش ڪيو.

## ٻئي ڪبوتر جي ڳالهه

مان عربستان جو سوداگر آهيان، منهنجو نالو عباس آهي. دراصل حقيقت هيءَ آهي، جو مان جڏهن به واپار ڪرڻ ويندو هوس ته پنهنجا ٻار به ساڻ وٺيون ويندو هوس. هڪڙي ڏينهن سامان سان جهاز پرائي سامونڊي رستي روم ولايت ڏانهن پئي وياسين ته واٽ تي اتر طرف کان تيز رفتار خونخوار ڪارا ڪڪر ڪڙڪاٽ ڪندا مون بدنصيب لاءِ تباهيءَ جو پيغام آڻي آيا ۽ منٽن اندر خطرناڪ بجليءَ جو چمڪاٽ پيدا ٿيو. آسمان جي خزاني رنگ طوفاني صورت اختيار ڪري، منهنجي جهاز کي هڪ نامعلوم ٽڪر سان وڃي هنيو ۽ جهاز پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. ٻارن جي آهه و زاريءَ منهنجي دل ۽ دماغ تي خراب اثر وجهي ڇڏيو. مون ۾ ايتري طاقت به ڪين هئي جو ڪين ٻچائي پنهنجي ٻچڙن جي زندگي کي اجڙڻ کان بچائي وجهان ها. مطلب ته هر ڪنهن کي نفسي، نفسي لڳي پئي هئي.

اي مينا! عباس ۽ سندس زال هڪڙي تختي جي وسيلي بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڪناري تي اچي پهتا، جڏهن ٻنهي جي اک کلي ته پاڻ کي سهي سلامت ڪناري تي ڏسي، ڌڻي تعاليٰ جا شڪرانا بجا آندائون.

بک ۽ گهٽيءَ تڪ سبب زمين کي آسائشي بسترو تصور ڪري، آرام ڪرڻ واسطي ويٺا ئي مس هئا، ته ڏکڻ طرف کان غبار نظر آين. گهوڙي سوار کي شڪاريءَ صورت ۾ ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيا.

گهوڙي سوار انهن ٻنهي کي ڏسي دل ۾ چيو ته اهڙي حسينه نازنين هڪ بيگاني مرد سان بيگانگيءَ واري حالت ۾، سو لالچ جو گهوڙو پنهنجي دل ۾ سوار ڪري، عباس کي ننڊ جي حالت ۾ ڏسي ڦيرو ڪائي چيائين: اي نازنين! تون انهن بيڪار تڪليفن ۾ پنهنجي حسين مکڙي کي نابود ڪري پنهنجي زندگي تباهه ڇو تباهه ڪري رهي آهين؟ ڇا! توکي پنهنجي جواني تي به قياس نٿو اچي؟ البته ڪيس هينئون مٿيون ڏيئي راضي ڪري پاڻ سان وٺي ويو.

مولانا خيالي فرمائي ٿو ته جهڙي وقت دردن جو ستايل ۽ مسافريءَ جو ماريل عباس ننڊ مان اٿي ڪڙو ٿيو ته اچانڪ زال جي غائب هئڻ تي بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو. ڪجهه دير ڪانپوءِ

سجاڳ ٿي چرين ۾ ديوانن وانگر درد جا دونهان دکائيندو چشمن مان آب حيات جا داڻا وهائيندو هڪڙي طرف دردناڪ آلاپ ڪيندو روانو ٿيو.

اي مينا! سورن جو ستايل عباس، ڪيترائي ڏينهن خيابان ۾ زال کي مستانن وانگيان نالي سان پڪاريندو رهيو. افسوس سندس آواز تي ڪنهن بہ ڪين اونايو مجبورن زال جي جدائيءَ ۾ هڪڙي وڻ هيٺان ڌڪ ڏولاوا پسي، دردن جي دونهي دکائي ويهي رهيو. ڪيس اها ئي اڻ ترڻ هئي تہ ڪڏهن ٿي محبوبہ پنهنجن چشمن سان هن پُر آب کي ديدار پسائي. هن کي اها تہ خبر ئي ڪانہ هئي تہ ڪو شڪاريءَ جي شڪار ۾ اچي، مون کي زال هميشه لاءِ داغ جدائي جو ڏيئي ويئي، اگر ڪيس اهو علم هجي ها تہ ڪڏهن بہ سنگ دل فريب باز زال جو ايترو غم ۾ ماتم ڪري، پاڻ کي ڪين ڳاري ها. هي تہ هڪ بي خبر هو. هن اٽلو ائين پئي سمجهيو تہ منهنجي زندگيءَ جو ساٿي زوريءَ ڪو کٽي ويو هجي يا ديون ۾ جنن جي هٿان جدا ڪئي ويئي هجي. خير هي انهيءَ پريشانيءَ ۾ انهيءَ جڳهہ کي آستانو بڻائي ويٺو رهيو. هڪڙي ڏينهن ياد خدائيءَ کان فارغ ٿي ويٺو هو تہ اوچتو غيبي بزرگ پيدا ٿيو جنهن هن کي چيو: اي نوجوان! اوهان گم ٿيل شيءِ جو پيڇو نہ ڪريو؟ چو تہ هن هڪ سوداگر شڪاريءَ جي فريب ۾ پاڻ نثار ڪيو آهي، سو توهان انهيءَ لاءِ پاڻ کي ايترو فدا ڪري نہ جلايو. مان هن وقت اوهان کي هڪ خوشخبريءَ سان گڏ انساني فرض ياد ڏياري رهيو آهيان.

عباس: (سندس بزرگيءَ وارو چهرو ڏسي باادب ٿي عرض ڪيو: چا جنهن لاءِ مان پاڻ جلائي خاڪ ڪيو آهي، تنهن ڪيس پنهنجي دل جي دريءَ مان ڌڪو ڏيئي حقيقت کي خواب بنائي ڇڏيو! حضرت اگر ائين آهي تہ پوءِ مان پنهنجي زندگي ڪهڙي نموني سنواري سگهان ٿو؟ ۽ اوهان ڪهڙي خوشخبري ٻڌائڻ پئي چاهي؟

سفيد پوش بزرگ: اي نوجوان! ارڙهن ورهين جي هڪ مظلوم عورت جا پنهنجي حسن ۽ جمال ۾ ڪمال رکندڙ آهي، سا هڪ ظالم جادوگر جي قيد ۾ تڪليفون سهي رهي آهي ۽ اهو جادوگر مٿس بي رحم نگاهن سان عنقريب عصمت تي حملو ڪندڙ آهي. ازانسواءِ انهيءَ جادوگر مظلوم عورت کي حاصل ڪرڻ لاءِ ساري شهر کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي، سو وڃ ۽ وڃي پنهنجي جوانيءَ جي جلوي جو جوهر ڏيکاري، ان مظلوم عورت کي پاڪائيءَ تي قائم رک!

عباس اهو ٻڌي بزرگ کي چيو: حضور! مان انهن رستن کان تہ اڻ واقف آهيان، سو ڪيئن اتي وڃان ۽ ڪٿان وڃان؟ بزرگ هستيءَ اهو ٻڌي چيو: هتان اتر طرف سڌو رستو وٺي وڃ تہ مراد حاصل ڪرين!!

اي مينا! عباس بزرگ کان رستو پڇي گذريل زماني کي وساري الله تعاليٰ کي ياد ڪندو ڏکيا لڪ لنگهي، خيابان پار ڪري، جهنگل جهر لتاڙيندو خزان ۽ بهار جي عبرت خيز نظارن سان دل کي راحت ڏيندو، آخر هڪڙي اهڙي شهر پهتو. جتي صرف خالي جاين ۽ ڇپرن کانسواءِ انساني روپ جو نالو نشان ئي ڪونہ هو سو بسم الله ڪري هن پنهنجا قدم قدرت کي خوش ڪرڻ خاطر

برباد شهر ۾ داخل ڪيا. هي اڃان شهر جي بربادي تي ڳوڙها ئي ڳاڙي رهيو هو ته اوچتو سندس ڪنن تي هڪ عورت جا آواز اچڻ لڳا. هن اهي آواز ٻڌي سڌو اوڏانهن رخ رکيو. ڇا ڏسي ته هڪ عاليشان محل آهي، جنهن جي چوڌاري شاندار وڻ ميون سان ڀرپور سينگاريل هئا. هي پر فريب جنت جو ديدار ڪري، ان محل ۾ داخل ٿي، انهيءَ طرف روانو ٿي رهيو هو جنهن طرف کان دردناڪ آواز ڪنن جي پردن کي چاڪ ڪري رهيو هو. پهرين منزل طئي ڪري ٻي منزل جي ڏاڪڻ تي چڙهي ئي رهيو هو ته هڪ خطرناڪ آواز ٻڌائين:

مينا: طوطا! اهو ڪهڙو آواز ٻڌائين؟

طوطو: اي مينا! اهو جادوگر جو آواز هو جو نازنين حسينه کي ڪاوڙ مان دڙڪا ڏيئي چئي رهيو هو ته مان ڪافي انتظار ڪيو مگر تون بار بار دوکو ڏيئي پري ڪندي رهينءَ. آئون تنهنجي لاءِ پنهنجي حڪومت برباد ڪئي، مگر توکي ڪوبه رحم ڪونه آيو وري به مان توتي رحم آڻي 12 مهينا توکي پاڻ کان پري رکيو. هن وقت آئون ڪڏهن به پنهنجي ارادي کان باز نه ايندس!

نازنين: اي ظالم خدا جي واسطي ڪجهه رحم ڪر.

جادوگر: اي نانگڻ! رحم سو به توتي، اهو مون کان ڪڏهن به ٿي نه سگهندو. آئون توتي ڪافي رحم ڪري چڪو آهيان. ڇا تون اڃان به پنهنجي ضد تي قائم رهندينءَ؟

عباس اهي لفظ ٻڌندو آهستي آهستي انهيءَ ڪمري ۾ داخل ٿي، هڪڙيءَ ڪنڊ کان لڪي ويهي ڏسندو رهيو.

نازنين: اگر توکي رحم نٿو اچي ته مون کي خدا جي واسطي صرف هڪ هفتو مهلت ڏي، پوءِ جيئن وڻئي تيئن ڪج!

جادوگر اهو ٻڌي چيو: هرويرو جي اڃان به هفتو اجازت گهرين ٿي ته مان پنهنجي دل تي پٿر رکي به اجازت ڏيندس! مگر شرط انهيءَ سان ته پوءِ مون کي مجبور نه ڪج! خير جادوگر نازنين کي هڪ هفتي جي موڪل ڏيئي پاڻ طلسم ڏانهن هليو ويو.

ناظرين کي معلوم هجي ته سندس حفاظت لاءِ هڪ ٻي حسينه کي به ڇڏي ويو. قصو ڪوتاهه جادوگر جي وڃڻ ڪانپوءِ عباس پاڻ ظاهر ڪري سامهون پيش ڪيو. نازنين آدمزادي کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، مگر سندس خوشي اوچتو ڪافور وانگر جلي بسم ٿي ويئي، ڇو ته نازنين کي اها پڪ هئي ته هي ظالم هن غريب کي به نه ڇڏيندو. انهيءَ لاءِ بيقرار ٿي پر پوءِ صبر ڪيائين.

عباس ويجهو وڃي ڪائنس پڇيو: اي حسينه نازنين! تون هن ظالم ٺهري جادوگر جي فريب ۾ ڪيئن اچي ڦاٿي آهين؟

هن نازنين عباس کي ڏسي چيو: اي نوجوان! تون پنهنجي حياتيءَ کي ڪيئن زهريلي نانگ جي اڳيان پيش ڪيو آهي. اڄ تائين سواءِ تنهنجي، هنن ٻارهن مهينن ۾ ڪوبه هتي اچڻ جي جرئت نه ڪري سگهيو آهي. اي جوان! مون کان ڇا ٿو پڇين؟ پنهنجي حياتيءَ جو ڪجهه خيال ڪر! بهتر ائين اٿئي ته هڪدم هتان هليو وڃ!

عباس اهو ٻڌي کلي کيس چيو: اي نازنين! هي جان اوهان جي قدمن اڳيان خوابي دنيا ۾ نثار ڪري چڪو آهيان. ان ڪانسواءِ تنهنجي آزادي لاءِ اقرار ڪري چڪو آهيان. سو ڪڏهن به ائين اڪيلو هرگز ڪين ويندس!

نازنين اهو ٻڌي حيرت ۾ پئجي چيو: ڇا اوهان! منهنجي مٿان جان قربان ڪرڻ جو اڳ ئي اقرار ڪري چڪا آهيو؟

عباس: هائو! ائين چئي سموري حقيقت کيس ڪري ٻڌائي ۽ نازنين دردناڪ حقيقت ٻڌي سندس ڪجهه وقت لاءِ غم ۾ شريڪ رهي.

نيٺ عباس حقيقت کي پيش نظر رکي ڪانئس احوال پڇيو.

نازنين: اي پيارا دلنواز! منهنجو نالو گلزار آهي ۽ منهنجو پيءُ هن قتيل ۽ برباد شهر جو گورنر هو! هڪڙي ڏينهن آئون مست نگاهن سان محلات جي دري مان نهاري لطف حاصل ڪري رهي هس ته سامهون هڪ فقير نظر آيو جنهن عشق جي دعوي ڪري، منهنجي پيءُ کان منهنجو سڱ گهريو مگر منهنجي چوڻ ڪانسواءِ بابا سائينءَ ڪوبه جواب ڪين ڏنس. جڏهن مون کان پڇيو ويو ته مون صاف انڪار ناهي ڪيو. فقير اهو جواب ٻڌي آسمان ڏانهن منهن ڪري، ڪجهه پڙهي ڦوڪيو ته سڄي شهر ۾ طوفان اچي ويو جنهنڪري شهر جي تباهي ٿي ۽ مان بي هوش ٿي ويس. پوءِ جڏهن مون کي سرت پئي ته پاڻ کي جادوگر جي هٿ ۾ ڏٺم. هن مون کي ڏاڍو مجبور ڪيو ته پنهنجي عصمت سندس حوالي ڪريان پر مون انڪار ڪيو. نيٺ هن ڏاڍائي ڪرڻ پئي چاهي، مون اٽڪل ڪري هن کان ٻارهن مهينا مهلت گهري ۽ پوءِ پاڻ سندس حوالي ڪرڻ جو واعدو ڪيم. ٻارهن مهينا ظالم جادوگر منهنجي ڳالهين ۾ مون کي پنهنجي نظرن کان دور رکيو ۽ نيٺ ٻارهن مهينا به گذري ويا ۽ اڄوڪو ڏينهن آيو جنهنڪري اڄڻ سان پنهنجو ناجائز ارادو ظاهر ڪيائين. مون انڪار ڪيو جنهنڪري جوش ۾ اچي زبردستي هن پليد پنهنجا هٿ منهنجي گريبان ۾ وجهي، خيال کي حقيقت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته مون سندس ظلم کان تنگ اچي رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون. جڏهن ڏٺم ته رڙيون مون کي ڪوبه فائدو ڪونه پهچائي سگهنديون، تڏهن هيڻاهين وني ڪانئس هڪ هفتي لاءِ وڌيڪ انهيءَ واسطي اجازت ورتم ته من ڪو قدرت طرفان بچاءُ جو رستو ظهور ٿئي، ته اچانڪ اميدن تي خدا پاڪ آفتاب جي تجليءَ سان سرفراز ڪيو.

عباس اهو ٻڌي کيس هر طرح دلجاءِ ڏيئي چيو: اوهين ڪوبه فڪر نه ڪريو. خير ڪجهه وقت کان پوءِ گلزار ۽ عباس پهريدار حسينه جي مهربانيءَ سان پاڻ ۾ محبت جا ورلاپ ڪري، عشق جي آڙاهه کي آب زم زم سان وسائي، رات جي گهڙي خوشحال ٻڻائي، ڏي وٺ جا جوابي پيغام ڏئي وني، سحر تائين داستان عشق پورو ڪيو.

تنهن کان پوءِ عباس گلزار، ٻي نازنين تحفظ طلسم کي راضي ڪري، رسيءَ ذريعي جادوءَ جي محل مان ٽپي پار ٿي، خير خوبيءَ سان خيابان لتاڙيندا، جادوگر جي خوف کان ڏينهن رات هڪ ڪندا پئي ويا.

لکندڙ لکي ٿو تہ جڏهن جادوگر هفتي پڇاڙيءَ پنهنجي ارادي کي برقرار رکڻ لاءِ خوشيءَ سان ناجائز خيال پڄائيندي خالي ڪمري ۾ گهريو تہ ڇا ڏسي تہ سندس ارادي جي محفل گمناميءَ جي اٿاهہ سمنڊ ۾ گم ٿي چڪي آهي. هن خالي ڪمرو ڏسي بيتاب ٿي جوش ۾ اچي جادوءَ جي وسيلي گلزار کي هڪ آئيني ۾ آدمزاد ۽ ٻيءَ نازنين سان گڏ خيابان لتاڙيندو ڏٺو. ڪاوڙ ۾ اچي جادوءَ جي زور تي زمين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي مردن هڏن جي پڃرن وسيلي، ڪيس گرفتار ڪرائي حاضر ڪيو. عباس پاڻ کي هڏائين پڃرن وچ ۾ ڏسي عجب ۾ پئجي ويو خير قصو ڪوتاهہ جهڙي وقت هڏائن پڃرن تنهي کي جادوگر جي سامهون پيش ڪيو تہ جادوگر ڪاوڙ ۾ اچي عباس کي اهڙي تہ چماٽ هنئي، جو سندس نظرن اڳيان زمين ڦيرو ڪائڻ لڳي.

عباس هوش سنڀالي بسم الله ڪري، نابڪار جادوگر کي اهڙو تہ زور سان ٺونشو هنيو جو پليد هڪ ئي ڌڪ سان زمين تي ڪري پيو جو ڪانئس جادو بہ وسري ويو. عباس ڦڙتائيءَ سان سندس ئي تلوار سان ئي مٿس اهڙو تہ ڦهري وار ڪيو جو جادوگر پنهنجن عملن ڪري سڌو جهنم رسيد ٿيو.

عباس گلزار ۽ نازنين (جنهن جو نالو زهران هو) کي آزاد ڪرائي طلسمي محل کي ويران ۽ نابود ڪري، ساڳيون منزلون طئي ڪندا پئي ويا تہ اوچتو رات جي وقت هڪ ديوَ کين ڏسي ورتو. هيءُ بہ بک جا ستايل ۽ گهٽيءَ مسافري جا مئل هئا، جنهنڪري سمهي پيا. ديو انهن کي ننڊ جي حالت ۾ ڏسي سواءِ عباس جي باقي گلزار ۽ زهران کي ڪٽي هليو ويو. صبح جي جنهن وقت عباس جي نيڻن جا نشا ٽُٽا تہ پاڻ کي اڪيلو خونخوار ميدان ۾ ڏٺائين. هي پاڻ کي اڪيلو ڏسي وائڙو ٿي ويو پوءِ تہ گلزار ۽ زهران کي گهڻو ئي ڀوليائين ڪيڏانهن ويون، مگر ڪٿان بہ پتو نہ پيس. پوءِ تہ چرين وانگيان دانهون ۽ ڪوڪون ڪندو سورن جا سلا پوکيندو اهڙان پريا ميدان لتاڙيندو طلسم ۾ داخل ٿي ڇا ڏسي تہ ڪبوتر پنهنجي نازپري نگاهن سان چوطرف گلزار گلستان کي ڏسي ٻڏڪي رهيا هئا. انهن جي نازپرين نگاهن مون کي بہ ڪبوتر جي صورت ۾ پاڻ اڳيان پيش ڪيو. هيءُ بک جي بيتابي هئي جو ماريءَ جي چار ۾ خوش قسمتيءَ سان ڦاسي، اوهان جي هٿان اصلي شڪل ۾ آيس. وڌيڪ اوهان کي معلوم آهي تہ مان ڪهڙي نموني انساني روپ ۾ اچي پاڻ حاضر ڪيو. جهان آرا اهو ٻڌي چيس: قرار حاصل ڪر ۽ بي فڪر رهہ. خدا تعاليٰ غفور رحيم آهي.

حسب الدستور ماريءَ جهان آرا جي خدمت ۾ ٽيون ڪبوتر پيش ڪري انعام حاصل ڪيو. جهان آرا عاشق جي روبرو ان ڪبوتر کي بہ انساني پوشاڪ ۾ آڻي ڪانئس احوال پڇيو جو ان هن طرح پنهنجي دردن جي ڪهاڻي پيش ڪري همدردي حاصل ڪئي.

## اعجاز جو انجمن آرا تي عاشق ٿيڻ ۽ طلسم ۾ ڦاسڻ

مان سيستان جي سوداگر جو پٽ آهيان. مون کي ننڍي هوندي کان ئي هڪ جيڏن سان گڏ شڪار ڪرڻ جو شوق هوندو هو. هڪڙي ڏينهن پنهنجن همرفيق دوستن سان گڏجي گلستان پار

ڪري جهنگل ۾ هرڻن لاءِ داخل ٿياسين. مگر صبح کان شام تائين ڪوبه شڪار ڪونه لڳو. لاچار نااميديءَ جي راهه ونئي واپس اچي رهيا هئاسين ته اوچتو سامهون هڪ سهڻي رنگ جو پسنديده هرڻ، نازڪ بدن، شوخ چشم پنهنجي نازڪ ٽنگن وسيلي ڇالنگون ڏيندو پئي نظر آيو. آئون خوش ٿي سندس پٺيان سفيد گهوڙو ڊوڙايو. هرڻ مون کي ڏسي پنهنجي رفتار نهايت تيز ڪئي. مون به پنهنجو گهوڙو اهڙيءَ ئي رفتار سان تيز ڪيو ايستائين جو منهنجا دوست به گهڻو پوئتي رهجي ويا ۽ مان انهن کي ڇڏي شوق شڪار جي حوس ۾ پاڻ کي اهڙي ته ميدان ۾ آندو جتي هرڻ به نظر کان غائب ٿي ويو.

لڪندڙ لکي ٿو ته دراصل اهو هرڻ جن هو جنهن پاڻ کي نانگ جي صورت ڏيئي، هڪڙي سوراخ ۾ داخل ڪيو. اعجاز هرڻ بجاءِ نانگ ڏسي خوفزده ٿي پنهنجي گهوڙي کي بيهاريو.

مينا! اهو بيابيان اهڙو ته گلن ۽ ڦلن سان سينگاريل هو جڻ ته جنت الفردوس جو عڪس آهي. ازانسواءِ طلسمي نظارو اهڙو ته ڏيک ڏيئي رهيو هو جو خزان جو ته پري تائين ڪو پتو ئي ڪين هو جا سندس نزاڪتي حوض جنهن ۾ حسين پسنديده سهڻي رنگ جون مڇيون پنهنجي خوراڪ لاءِ ڪوشان، شفاق پاڻيءَ ۾ پيٽ لاءِ پورهيو ڪري شڪار ڦاسائڻ لاءِ واجهائي رهيون هيون. پريان پارنهن حسين عورتون پنهنجي حسن زلف ۾ ڪمال درجي اهميت رکندڙ شرميلي ۽ شرير نگاهن سان پيغام محبت جو جام آڻي ابدي روح کي راحت ڏيارڻ لاءِ نازڪ هٿن ۾ استقباليه تلوارون ڪڍي، حسين و خوبصورت چهري کي گلاب جي ٽڙيل مکڙي وانگر مشڪائينديون پئي آيون ۽ سندن پوئتان اٽڪل 96 نوڪرياڻيون گلن ۽ عطر سان ميدان کي سينگاري معطر بڻائينديون پئي آيون. ان سواءِ ڪا سريلي آواز ۾ ڳائيندي پئي آئي ته ڪا ڇم ڇم ڪندي ناچ سان جلوس کي نوازيندي ٿي آئي. انهن جي وچ ۾ طائوسي تخت تي هڪ نهايت مهه جبين نازڪ حسينه زلف سينگاري ويٺل هئي. اعجاز اهو حسين دلپسند نازنين جو جلوس ڏسي، عجب ۾ پئجي، دل ۾ چوڻ لڳو: خدايا هي ڪهڙو اسرار آهي. ڇا هي جنت جون حورون ته نه آهن يا هي جنت الفردوس! هن طائوسي تخت تي ويٺل حسينه جو حسن ڏسي بي مثال بيتاب ٿي پيو ۽ سندس جذباتي عشق دل ۾ يقين ارادي سان مضبوط بڻائي، غلاميءَ جي حيثيت ۾ شرف بخشايو.

حسين چهرن اعجاز کي ڏسي شرم ۽ حياءَ کي بقا رکڻ لاءِ بنا تند تار جي ريشمي رئي سان منهن تي نقاب چاڙهي، هڪ ٻئي کي چيو: هي مسافر ڪهڙو نه حسين ۽ خوبصورت آهي. آخر طائوسي تخت واري حسينه زلف سينگار جا اعجاز کي پهرين نگاهه سان ڏسڻ سان ئي عشق جو عميق سمنڊ پار ڪري چڪي هئي، تنهن نوڪرياڻيءَ کي حڪم ڪيو ته انهيءَ نوجوان کي باسلامت مون وٽ حاضر ڪريو؟ نوڪرياڻين حڪم موجب خوش نصيب اعجاز کي شرف اعجاز بخشائي، سندس دلي تمنا پوري ڪئي. حسينه نازنين اعجاز جو حسني جلوو ڏسي دل جهلي ڪانئس پڇيو اوهين ڪير آهيو ۽ ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ اعجاز اهو ٻڌي ڪيس سمورو احوال

پيش ڪري چيو: پياري زلف نگاهہ! هن جنت الفردوس کي ڏسي عجب ۾ پئجي ويو آهيان. جنهن ڪري دل ڪشش ڪئي تہ انهيءَ گلستان ۾ ڪجهہ وقت آرام ڪريان. جيتوڻيڪ اخلاقي جرم آهي تاهم بہ مسافرن تي ميار ڪانهي، ڇو تہ مسافر هو سڀ ڪنهن جڳهہ کي مسافر خانو سمجهي بالمر تي وقت کي دور ڪندا آهن.

نازنين اعجاز جو منڙو گفتو ٻڌي متس وڏيڪ قربان ٿيڻ لڳي. اشارتن ڪيس شڪريہ سان گڏ پنهنجي قريب طائوسي تخت تي سوني مسند تي ويهاريائين. ڳالهائيندي اعجاز ڪانئس پڇيو: اي حسينا! تنهنجو نالو ڇا آهي؟

نازنين جواب ۾ ارشاد فرمايو: ڪنيز کي انجمن آرا جي نالي سان ياد ڪندا آهن.

اعجاز حسينہ جو خوبصورت نالو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. ڪجهہ وقت تائين بند ڪوٺيءَ ۾ ايراني غاليچن ۽ پاڪستاني پردن تي ناز جو اقرار ڪري عشق کي پايہ تڪميل تي پهچائي، عهد ۽ پيمان جا قسم کنيائون. قصو ڪوتاهہ انهن پنهنجي محبت کي برقرار رکڻ لاءِ حد کان ڪين گهٽايو ايستائين جو هڪ ٻئي کان هڪ منٽ بہ پري ٿيڻ سالن جو وڇوڙو سمجهندا هئا.

هڪڙي ڏينهن اعجاز ۽ انجمن آرا غسل ڪري، قيمتي ويس پهري، مست گهوڙن تي سوار ٿي، جنت الفردوس و گلستان کان ٻاهر آيا. ٻاهر ميدان صاف ۾ اچي گهوڙن کي ڇوٽ ڇڏيائون. ڊوڙندي اعجاز جو گهوڙو انجمن آرا جي گهوڙي کان پري نڪري ويو ڇو تہ گهوڙا اڳ ئي تيز هئا. جيتوڻيڪ اعجاز گهٽو ئي گهوڙي کي بيهارڻ لاءِ چڪيو مگر رڪجي نہ سگهيو ۽ آخر انجمن آرا جي نظرن کان ڏسندي ڏسندي غائب ٿي ويو.

مولانا خيالي فرمائي ٿو تہ اعجاز ۽ انجمن آرا هڪ ٻئي جي جدائيءَ ۾ ايترا تہ ڳوڙها ڳاڙيا جو آسمان بہ هڪوار پنهنجو آب ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بنا جهڙ ڪڪر زمين تي اڇلائي، سچيءَ محبت جو قدر ڪيو خير قدرت کي ائين منظور هو.

نيٺ اعجاز کي گهوڙي اهڙي ميدان ۾ داخل ڪيو جتي ڪيس ڪبوترن جي ڪاڪ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر ڪين آيو. اعجاز پاڻ ڇوي ٿو تہ آئون ڪبوترن جون رحم ڀريون نگاهون ڏس انهن سان هم شريڪ ٿي، پڙڪو ڏئي بوستان مٿان پرواز ڪيو. انهيءَ ڪانپوءِ ايترو سو معلوم آهي تہ چار ۾ بند ٿي اوهان وٽ آيس، جتي اوهان آب حيات سان نوازي انساني شڪل ۾ آندو. جهان آرا ۽ عاشق انهيءَ جو داستان ٻڌي ڪيس هر طرح دلجاءِ ڏيئي خاطرداري ڪرائي.

رات کي راڳ ۽ سرود سان بسر ڪري صبح جو ڪڪڙن جي وسن وقت خداوند ڪريم جا شڪرانا بجا آڻي، حاجت روائيءَ کان فارغ ٿي، نيرن جو ناشتو ۽ محفل جو مخمور ڪري وينا هئا تہ ايتري ۾ ڪبوترن واري هڪڙي ئي دفعي سان چار ڪبوتر جهان آرا کي ڏيئي دستوري انعام سان مالامال ٿي، ٻچن جو گذران حاصل ڪيو.

جهان آرا انهن سيني کي مثالي حوض جو پاڻي پياري انساني روپ ۾ آندو. هن دفعي شهزادو گل تن نازنين سان گڏجي ظاهري ميدان ۾ آيو. عاشق شهزادي گل کي ڏسي ڪيس ياڪر پائي، جهان

آرا سان ملائي، ڪيس سموري حقيقت ڪئي. شهزادي گل جهان آرا جو شڪريو بجا آڻي، ڏاڍي خوشي ڪئي. واقعي ئي خوشيءَ ڪرڻ جو موقعو هو جو وڇڙيلن جي عيد نمودار ٿي هئي ۽ وڇڙيلن جو پاڪرن سان ميلاپ ٿيو هو.

اي مينا! جهان آرا پنهنجي گهر کي سينگاري، ڪنوار مثل بڻائي، شهزادي گل کي گهرائي، سونهري مسند تي ويهاريو ۽ خوشيءَ ۾ محفل کي رنگڻ واسطي عاليشان جلسو ڪرايائين، جنهن ۾ راڳيندڙ سازيندن ڪانسواءِ دنيا جا ناچو خواهه گويا گهرائي رات جو ڪجهه حصو خير خوبي سان پورو ڪري، لذيذ شيرني طعام، ڪباب، پلاءَ، ڪوفتا، اوفراتا ۽ سفيد چانور تيار ڪرائي. ڪڪڙ ۽ ميڇالا ترائي، ميون مان پليٽون پرائي، شرابن ۽ شربتن جا شيشا کولي سندن اڳيان رکيائين. ڪاڏي ڪان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ قصي ڪندڙن کي پرستان جا قصا ڪٿائڻ شروع ڪيائين.

اي مينا! گمنامي جي پوشاڪ ۾ ويٺل خيالي ماهر ته حد ڪمال ڪيو آهي، جو ڪتان ڪان وني ڪيستائين هڪڙي ئي رفتار ۾ ناول پيش ڪيو آهي، ورنه مون کي ڪهڙي طاقت هئي ايتري ڳالهائڻ جي، سڀ دوستن جي مهرباني هئي، جنهن زبان درازيءَ جي مشڪ سان اوهان جي اڳيان ڪامياب ڪيو. ائين برابر آهي ته افسانو دل جو سچي خزانو آهي، پر هئي طرف ڪومايل دل کي راحت بخشڻ لاءِ بهانو آهي. خير اهو جلسو ڪجهه وقت تائين حسرتن کي پوري ڪرڻ لاءِ پئي هليو. جهان آرا طلسمي حدن اندر پيغام موڪليا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ انور جان پري پيءُ جي ظلم سبب ڪوهه ۾ پيل هئي، جتان ڪيس صحيح سلامت ڪڍيائون. اهڙي نموني گلزار ۽ انجمن آرا به صحيح سلامت جهان آرا جي خدمت ۾ پهچايائون.

قصو ڪوتاهه منور کي انور جان پري جي حوالي ڪيائين، عباس کي گلزار ۽ انجمن آرا کي اعجاز جي حوالي ڪري، تنهي وڇڙيلن کي ديدار مشرف حاصل ڪرائي، ميلاپ نصيب ڪرايائين.

ماهر لکي ٿو ته ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ شهزادي گل جهان آرا ڪان موڪل گهري ته شهر طفلس وڃان؟

جهان آرا: ڪيس چيو: شهر طفلس تائين وڃڻ ۾ اجا هزارين مصيبتون آهن، جن جو ذڪر ڪرڻ تمام ذڪيو آهي ۽ طلسمي خنجر ماڻڻ به مشڪل آهي، جو ته انهيءَ جي نگراني لکين ديوَن جي بلي آهي. ويتر اها جاءِ جادوءَ جي فريب ۾ محفوظ آهي، جتي پکيءَ ۽ پسون کي به طاقت ڪانهي جو پير پائي سگهي. فرض ڪريو جيڪر اوهان کي خنجر تائين ڪاميابي حاصل ٿي وڃي ته پوءِ خونخوار ديو ۽ جوشيلي جادوگرن جي فريب ڪان زندهه سهي سلامت بچي نڪرڻ تمام مشڪل آهي. اهو ته خنجر طلسم جو ملڻ اسم اعظم جي ذات تي منحصر آهي.

شهزادي گل اهو ٻڌي دل ۾ شڪرانا بجا آڻي چيو جهان آرا! هيءُ وقت خوشيءَ جو آهي، جو ته طلسم جي تباهه ٿيڻ جو وقت اچي چڪو آهي ۽ اهو صاحبِ اسم اعظم مان ئي آهيان. پوءِ ته ڪيس نظربند واري خاڪي ۽ منبدي ڏيکاري دلجاءِ ڏنائينس.

اي مينا! هي اها منڊي هئي جا نيلوفر کيس ڏني هئي، حقيقت طلسمي ماهرن ان تي فيصلو ڪيو هو تہ ٻڌايل طلسمي منڊي انهيءَ ماڻهو جي هٿ ايندي جيڪو طلسم شڪن هوندو.

جهان آرا ۽ ٻين ديون خواهہ پرين هڪدم اسلامي دائري ۾ اچي ڪلمہ توحيد سان پاڻ نوازي اسلام قبوليو. نيٺ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ شهزادي گل، غاشق ۽ ٻين دوستن سميت راهہ خرچ ڪٽي، ڇهين طلسم ڏانهن راهي ٿيو.

## شهزادي گل جو ستين طلسم ڏانهن وڃڻ ۽ ديون سان جنگ ڪرڻ

محبت جو ماريل قلم جو ڪٺل پنهنجي نوراني نوڪ سان لکي ٿو تہ شهزادو گل جهان آرا کان موڪلائي، پنهنجن دوستن سان گڏ هليو. ڏينهن جو پنڌ رات جو آرام ڪندا، جهنگ جهر لتاڙيندا، بيابان گهمندا، گلستان جا سير ڪندا ۽ بوستان ڪي بهار جي هوا ڏيکاريندا، خدا تعاليٰ کي ياد ڪندا پئي ويا، تان جو رستي تي طلسمي ديون سان ڪين مقابلو ڪرڻو پيو جن کي ماري مات ڪري اڳتي وڌندا هليا، تہ پوئتان هڪ گهوڙي سوار آواز ڪري شهزادي گل جو خيال پاڻ ڏانهن ڇڪايو. شهزادي نامعلوم گهوڙي سوار کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. گهوڙي سوار سلامن بعد پنهنجي چهري تان نقاب هٽائي شهزادي گل کي چيو: مان جهان آرام آهيان، جو اوهان کان جدائي جو داغ ڏيڻ سهڻ منهنجي وس ۾ نہ هو ويتر ائين ڪرڻ کي اخلاقي جرم بہ سمجهيم، جنهنڪري هڪ منٿ بہ ويهڻ ضمير ملامت تي ڪئي، دل کي قرار نہ آيو. گهوڙي تي سوار ٿي واءُ مينهن هڪ ڪندي، طلسمي ديون کي رت سان رڱيل ڏسي سهي ڪيم تہ هي ڳرو ڪم شهزادي جو آهي، جنهنڪري گهوڙي جو لغام سندس حوالي ڪري، توڪل خدا تي رکي، خير سلامتيءَ سان اوهان جي ديدار لاءِ اچي حاضر ٿيس. شهزادي گل سندس هٿ تي صد آفرين چئي، عاشق ڏانهن مخاطب ٿي چيو: عاشق! هي سڀ تنهنجي حسن اخلاقيءَ جو اثر آهي. جنهن جهان آرا کي مستانو ڪري محل ڇڏائي، محبت جي ماڙي تپائي، ميدان عمل ۾ پيش ڪيو. اي مرد مجاهد! آفرين توکي ۽ تنهنجي محبوبہ جهان آرا کي هجي، جو منهنجي واسطي تڪليفون سهي خيابان ۽ بيابان هم رقاب ٿي ڪاٽيندا ٿا هلو. قصو ڪوتاهہ شهزادو جهان آرا، عاشق ۽ دوستن سميت قافلو تيار ڪري، ديون کي ملڪ عدم جي راءِ وٺائيندو خوش ٿيندو عاشق کي چوڻ لڳو: مهرباني! هن وقت اوهان جي نوازشن جو سلو ڦٽي نروار ٿي رهيو آهي ۽ تنهنجو فرمان بار بار ڏکي منزل تي ياد اچي رهيو آهي.

عاشق: شهزادا! ڇو ٿا مون کي شرمسار ڪريو.

شهزادو گل: عاشق مان تنهنجي دلربائي تي ڏاڍو خوش آهيان، ڇو تہ اوهان مون کي ڇوٿين طلسم ۾ ٻن جي هجڻ بابت پنهنجو دليل پيش ڪري، آخر ثابت ڪرايو هو تہ واقعي بہ تہ ٻارهن چوٽي درست آهي.

عاشق: شهزادا صاحب! اها ڪا خاص ڳالهه ڪانهي، جنهن لاءِ اوهان ايترا خوش ٿيا آهيو هي تہ اسين پنهنجو انساني ۽ اخلاقي فرض ادا ڪيو باقي دوستيءَ واري ديانتداري ۾ فرض اجا اڳتي. قربانيءَ جي ضرورت پوندي تہ سر بہ حاضر ڪبو.

شهزادو گل: خير مان تنهنجي راءِ کي غلط ڪين ڪندس، ڇو تہ تون مون سان همراهہ بڻجي وڏو محسنيءَ جو فرض ادا ڪيو آهي، جيڪڏهن تون مون سان منزل جو ساٿي نہ بڻجي هلين ها تہ هوند مان اجا تائين ڪبوتر ئي هجان ها.

عاشق جهان آرا ڏانهن اشارو ڪري شهزادي کي چيو: حضور اها انساني فرض ادائگي ۽ مهرباني سڀ جهان آرا جي آهي. هي بندو انهيءَ خام خيال کان اجا پري وينو ٿو ساڙ ڪائي.

شهزادو گل: عاشق، مان جهان آرا جو نهايت شڪرگذار آهيان، جنهن همٿ سان اسان سڀني جي حياتي بچائي ثواب دارين حاصل ڪيو.

جهان آرا، عاشق ۽ شهزادي جون نراليون ڳالهيون ٻڌي چيو: شهزادا، اها شڪر گذاري اوهان کي عاشق ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي، جنهن مون کي اخلاقي رنگ ۾ رنڱي، انساني فرض ادائيءَ تي قائم رکيو. آئون بذات خود سندس ئي شڪريو ادا ڪريان ٿي، جنهن انساني ۽ اخلاقي خدمت لائق ڪيو ورنہ مون کي ڪهڙي مجال هئي، سڀ انهيءَ جي مردانگيءَ سان ٿيو آهي.

شهزادي اهو ٻڌي خوش ٿي چيو: بهرحال آئون ٻنهي جو نهايت شڪرگذار آهيان.

اي مينا! شهزادو گل پنهنجي قافلي وارن کي چرچن ۽ ڀوڳن سان کلائيندو خير خوبيءَ سان طلسم پار ڪندو هڪڙيءَ خطرناڪ بستيءَ ۾ اچي نڪتو جتي هزارين ديون ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ هو ئي ڪونہ. ديو چند آدمزادن جي دليري ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا تہ هي اسان جي طلسم اچي بهادريءَ سان گهمي رهيا آهن. قصو ڪوتاهہ شهزادي انهن جي پريشاني ڏسي نعره تڪبير بلند ڪيو. ديون نعره تڪبير جي صدا ٻڌي تہ حيران ٿي ويا تہ هيءَ ڪهڙو نہ اثرائتو ۽ لافاني ڪلام آهي. خير شهزادي انهن کي چيو: اي انسان دشمنو! اوهان جي جان جي سلامتي انهيءَ ۾ آهي تہ اسان جي حڪم جي پابندي ڪريو ورنہ آئون اوهان سڀني کي ٻين ديون وانگر جهنم پارسل ڪندس. ۽ مان طلسمي شڪن ۽ صاحب اسم مان ئي آهيان.

ديوَ اهو ٻڌي يڪراءِ ٿي پاڻ ۾ چوڻ لڳا: برابر اسان جي سر جي سلامتي ان جي تابعداريءَ ۾ آهي. ٻيو تہ اسان جا بانيڪار ۽ بزرگ پيشنگوئي ڪري ويا آهن تہ هڪ آدمزادو طلسم شڪن ۽ صاحبِ اسم اعظم اچي طلسم کي نابود ڪري سڀني ديون کي تابع ڪندو. سو ٿي سگهي ٿو تہ هي واقعي طلسم شڪن هجي، ورنہ ڪنهن کي مجال آهي، جو پنج طلسم پار ڪري ڇهين خطرناڪ طلسم ۾ پير پائي سگهي. آخرڪار پاڻ ۾ اهو فيصلو ڪيائون تہ اسان کي انهيءَ جو مطيع ٿيڻ گهرجي. نيٺ انهيءَ راءِ تي قائم رهي شهزادي گل کي عرض ڪيائون تہ، حضور اسان اوهان جي هر حڪم جي ماتحت رهڻ لاءِ تيار آهيون.

شهزادي سيني ديون کي محبت سان پاڻ وٽ ويهاري اسلام جي دائري ۾ داخل ڪري، مطيع الاسلام ڪيو.

شهزادي گل طلسم ڇهين جا محافظ نگران ديو تابع ڪري، انهن جي مدد سان نابڪار ۽ نافرمان ديون کي فنا ڪندو طلسم ڇهين جي دروازي تي آيو. دربانن حڪم موجب ڪيس روڪيو ته انهن کي به فنا ڪيائين. مگر انهن مان هڪڙو جان بچائي رڙيون ڪندو ڊڪندو طلسم جي حاڪم وٽ اچي فرياد پيش ڪري چيو: هو دراوزي تي بيٺا آهن. سردار اهو ٻڌي ڪاوڙجي ديون جي فوج کي حڪم ڪيو انهن سيني کي نافرمان ديون سميت زنده گرفتار ڪري طلسمي کوه ۾ اڇلائي ڇڏيو. فوج پنهنجي سردار جو حڪم ٻڌي شهزادي کي حامين سميت وڪوڙي ويا. جهان آرا پاڻ کي گرفتار ڏسي شهزادي گل کي چيو اوهان مهرباني ڪري يڪدم اسم اعظم پڙهندا. پنهنجي حامين جي چؤطرف بچاءَ جو ليڪو ڪڍو ته قدرت جا ڪارناما ڏسو. شهزادو جهان آرا جي چوڻ موجب اسم اعظم پڙهي، پنهنجي حامين جي چوڌاري ليڪو پائي ويهي رهيو. ديون پنهنجو حملو ڪامياب سمجهي اڳتي وڌي ليڪو پار ڪري گرفتار ڪرڻ پئي چاهيو ته سندن پير زمين تي جڪڙجي ويا. پنهنجا پير بند ٿيل ڏسي خوف ۾ حيران ٿي ويا. گهڻو ئي وس ڪيائون، مگر ڪجهه به حاصل ڪين ٿي سگهين. شهزادي ۽ عاشق پاڻ کي غائبانه صورت ۾ آڻي خنجر ۽ تلوارن سان ڪيترن ئي ديون کي مارايو. مطلب ته انهن ديون مان به ڪيترائي ديو تابعدار ٿي مسلمان ٿيا ۽ ڪيترائي حرام ٿي جهنم رسيد ٿيا ۽ جيڪي جان بچائي ڀڄي ويا، تن وڃي حاڪم کي ساري حقيقت بيان ڪري ٻڌائي.

شهزادو گل پنهنجن وفادار حامين سميت شهر جو گشت ڪندو نافرمانن کي سبق سيکاريندو اڳتي وڌندو حاڪم جي جاءِ تائين پهتو. حاڪم پنهنجي بچاءَ لاءِ جادوگريءَ جو فن استعمال ڪري، پنهنجي محل جي چوطرف ميلن تائين باهه پئي وسائي. انهيءَ رستي تي شهزادي جا ڪيترائي وفادار ديوَ قربان ٿي ويا ۽ باقي جيڪي بچيا سي شهزادي گل سميت پاڻ جلائيندا اڳتي وڌندا رهيا. جهان آرا انهن جي اها حالت ڏسي شهزادي کي چيو: انهن مٿان دم ٿيل پاڻي ڇڻڪايو وڃي ته هي شفاياب ٿيندا. شهزادي جهان آرا جي چوڻ موجب پاڻي تي اسم اعظم پڙهي دم ڪري، ديون جي مٿان ڇڻڪو ته هو جادوءَ جي اثر کان آزاد ٿي حاڪم جي محل جي قريب ٿيا. حاڪم انهن کي محل جي قريب ڏسي، جادوءَ جي وسيلي پٿرن جي برسات شروع ڪئي. شهزادي سورت ياسين ۽ اسم اعظم پڙهي آسمان ڏانهن ڦوڪيا ته پٿر ڪپهه ٿي ڪرڻ لڳا ۽ ڪين ذرو به نقصان ڪين ٿيو.



قصو ڪوتاهه خير خوبيءَ سان نافرمان دربانن کي قتل ڪندو سردار جي محفل ۾ داخل ٿي سرڊار کي گرفتار ڪيائين.

لڪندڙ خوش بيانيءَ سان لکي ٿو تہ اهو سردار نيلوفر پريءَ جي عاشق ظالم ديو جو پاءُ ڦهري ديو هو. شهزادي ان کي زنجيرن سان جڪڙائي پاڻ تخت تي ويهي، سڄي شهر ۾ پڙهو گهمايو تہ اڄ کان پوءِ ڪوبہ منهنجي حڪم جي خلاف ويندو تہ ان لاءِ چڱو نہ ٿيندو.

اهو ٻڌي ڪي ديو ڏاڍو خوش ٿيا، مطلب تہ سندس نوشيرواني انصاف ديون کي ايترو تہ خوش ڪيو جو هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ٿيا. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ شهر جو انتظام مڪمل ڪري رونق وناٽي، آرام پذير ٿي، جلسہ عام ڪوٺائي، کين چيائين تہ مان پنهنجي مراد کي ماڻڻ لاءِ شهر طفلس ڏانهن وڃان ٿو سو هن شهر جي انتظام ۾ سنڀال لاءِ عباس کي نائب بڻايان ٿو. اگر مون جي حڪم

جي ڪنهن بہ انحرافي ڪئي تہ ان کي جوڳي سزا ڏني ويندي. پوءِ شهزادو عاشق، جهان آراءِ ۽ ٻين دوستن سميت ڪري طلسم ستين ڏانهن وڃڻ لاءِ راهي ٿيو.

نيٺ طلسم ستين جي حدن ۾ داخل ٿي، طلسم پهرين وانگر هوبهو ساڳيو محلات ڏٺائين. قصو ڪوتاهہ شهزادو گل جنهن وقت پنهنجن دوستن سان گڏ انهيءَ محلات جي ٻاهران پهتو تہ ڪين هر نموني مان واقف ڪري درود شريف پڙهائيندو بسم الله جو ورد ڪندو شاهي محل ۾ داخل ٿيو.

ماهر شهزادي کي ساٿين سميت محل ۾ داخل ڪري ڪجهہ خيال نيلوفر ڏانهن رجوع ڪرڻ فرمائي ٿو.

جنهن وقت شهزادو گل پنهنجي محبوبہ نيلوفر کان اجازت وٺي روانو ٿيو تہ نيلوفر انهيءَ ڏينهن کان وٺي، ظالم ديوَ جي چنبي کان بچڻ خاطر پاڻ کي مصنوعي بيمار بڻايو. حالانڪ ڪيس شهزادي گل جي جدائيءَ جي فراق غمگين ڪري سڪائي ساڙي ڇڏيو تاهم بہ ان کان وڌيڪ بيماريءَ جا بهانا ڪري ظالم ديو جا خيال شهر طفلس کان ڪجهہ وقت لاءِ دور رکيائين. ظالم ديو پنهنجي محبوبہ کي بيمار ڏسي، رات ڏينهن سندس خدمت لاءِ لڳاتار ڪوشش ڪندو رهيو ايستائين جو سندس سڄو خيال نيلوفر ۾ لڳل رهيو ۽ طلسم ستين کان پاڻ کي بي خبر رکيائين.

مينا: ادا پوءِ شهزادي گل محل ۾ داخل ٿي ڇا ڪيو؟

طوطو: ادي مينا! تون هرويرو وچ ۾ چو ڳالهائيندي آهين! ڇا مان پاڻ توکي نہ ٻڌايان ها.

خير شهزادي گل محلات ۾ داخل ٿيڻ سان طلسم پهرين وانگر هڪ حسينہ نازنين بمشابهت نيلوفر جي ڏٺي، جنهن شهزادي کي ڏسي فريب ۾ آڻڻ لاءِ ڪلي ڪيس چيو: اي شهزادي اگر اهڙي طرح مون کي ستائين ٿو تہ محبت جي دام ۾ نہ ڦاسائين ها. پر جي مون کي تنهنجي سنگ دليءَ جي خبر هجي ها تہ تنهنجي طرف ڏسان بہ ڪين ها!

اي شهزادا! آئون توهان جي انتظار ۾ ڏکيا ڏينهن گذاريا آهن ۽ غمن ۾ راتيون ڪاٽيون آهن. مس مس ماهہ رمضان جي پهرين تاريخ وانگيان ماهتاب جو جلوو پسي دل کي قرار ڏنو اٿئي تہ اوهان جا چپ چرڻ کان چپ ڏٺم. جنهن ڪري وڌيڪ بيقرار ٿي دل جي مجبوريءَ کان اوهان کي الائي ڇا مان ڇا بڪي ويس، مهرباني منهنجي لفظن کي خيال ۾ نہ آڻجو.

مطلب تہ مصنوعي نيلوفر کي جيڪي آيو سو فريب ڏيڻ لاءِ چيائين. شهزادي گل اهو ٻڌي ايترو تہ ڪمزور ٿي ويو هو جو ذري گهٽ دام فريب ۾ پئي ڦاٿو مگر جهان آرا سندس خيال پاڻ ڏانهن ڇڪائي چيو: شهزادا هي طلسم آهي تہ حقيقت نہ. وري بہ اوهان کي تسلي وٺڻ گهرجي. شهزادي اهو ٻڌي سندس چوڻ مطابق حقيقت کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ مٿس آيت ڪريمہ پڙهي ڦوڪيا تہ هڪدم جادوءَ جو محلات ۽ بڻايل فريبي مڪار مصنوعي نيلوفر سڙي خاڪ ٿي ويئي.

اهو ڏسي جهان آرا جا شڪرانا بجا آڻي چيائينس: اگر اوهين مون سان هم رڪاب نہ هجو ها تہ هوند موت جو شڪار هجان ها. ائين چئي ڪين طلسم پهرين واري محلات جي سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين. جهان آرام ۽ عاشق اها ڳالهہ ٻڌي چيو تہ حضورا اوهين خبر هوندي بہ بي خبر رهجي ويئو سو اسان کي وهم گمان بہ ڪين هو. اڳتي لاءِ پنهنجو خيال رکجو.

# داستان ستون



## شهزادي گل جو ستين طلسم ۾ داخل ٿيڻ

لکندڙ ڪتاب کي ڪامياب ڪندڙ قلم سان پنهنجي خيالن جو مظاهرو هن [illegible] ٿو ڪري ته آئون جڏهن شهزادي گل کي جهان آرا جي چوڻ موجب محلات ۾ حسن جي ديدار ڏي ڀلندو ڏٺو تڏهن ڇهين منزل جي ڪامياب راهه کي اکين اڳيان رکي، شهزادي جي ڪارنامن کي ڏسڻ لاءِ پاڻ گم ڪري، ساڻن هم رقاب ٿي هلندو رهيس. تان جو ڏکين منزلن کي پورو ڪندو بيابان لتاڙيندو خزان کي بهار ۾ آڻي، بوستان کي گلستان بڻائي، هڪڙي پر فضا پسنديده ۽ رونق افزا شاهي گلستان ۾ شهزادي سميت داخل ٿيس. ازانسواءِ اندر قسمين قسمين هزارين شاهي درخت هئا. جن ۾ علحده علحده ميوا هئا، اڳتي وڌي آب حيات جي حوض جو ديدار ٿيو. الغرض گلستان ۾ مندائتا گل، گلاب، چنبيلي ۽ رابيل جا انيڪ وڻندڙ گل گلزار ڏسي دل دماغ کي معطر بڻائي، عرق گلاب سان سرفراز ڪري، مطلب ته انهيءَ جنت جو ديدار پسي دل ۽ دماغ کي تراوت ڏيئي، ٿڪاوٽ کي دوُر ڪرڻ لاءِ شهزادي ۽ انهن جي دوستن سميت آئون به هڪ ڪنڌ وڻي بالم ٿي سمهي پيس.

قصو ڪوتاهه صبح جو جڏهن شهزادي ۽ دوستن جي اک کلي ته پاڻ کي سج جي گرم روشنيءَ ۾ ڏٺائون. جهان آرا سر کي جنجهوڙي چيو: سمهيا ڪيترو نه سوير هئاسين ۽ وري اٿيا ڪيترو نه دير سان آهيون، جو سج به مٿان اچي نروار ٿيو آهي.

شهزادي آسمان ڏانهن منهن ڪري چيو: جهان آرا چوين سچ ٿي، واقعي دير ٿي ويئي آهي. آخرڪار سيئي حاجت روا کان واندا ٿي هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا. بک بڇڙو ڪري ڇڏيو آهي، تنهنڪري هن باغ جا لذيذ ميوا کائي، پنهنجي سڪٽي پيٽ کي ڀري بک کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريون.

شهزادي انهن جي راءِ تي متفق ٿي چيو: بسم الله! هي گلستان اوهان جي خوراڪ لاءِ بڻايل آهي! وارو ڪريو ڇا ٿا ڏسو.



مطلب تہ شهزادي جي چوڻ کان اڳ ئي عاشق علي ۽ ٻين پرسان واري وڻ کي لوڏو ڏنو تہ ڪيترائي شيريني ۽ ذائقيدار ميوا هيٺ ڪري پيا، جن جي ڪرڻ سان ديو نڪري نروار ٿيا. ازانسواءِ اهو وڻ بہ پاڙؤن پٽجي ڪري پيو جنهن مان سيني کان ڏکھي ۽ ڏکھي بدشڪل ديو ظاهر ٿيو جنهن کي بہ ننڍا ديو ڏسي باادب ٿي، سلام ڪري حڪم لاءِ منتظر ٿي بيٺا.

بدشڪل ديو آدمزادن کي ڏسي شيطاني نعرو اهڙو تہ خوشيءَ ۾ پيري هنيو جو هڪوار بيابان جي واري اڏامي جبلن کي هوشيار ڪري آدمزادن جي ماتم لاءِ شريڪ ڪيو. اهڙي خوفناڪ آواز ٻڌڻ سان پهريائين شهزادو گل بہ مايوس ٿي ويو مگر هڪدم هوش سنڀالي جهان آرا جي فرمان مطابق پنهنجن دوستن جي چؤطرف ليڪو پائي، اسم اعظم پڙهي پاڻ اندر مس ڪيائين تہ بدشڪل ديو پنهنجي زبردست ديون کي حڪم ڪيو تہ انهن سيني کي ماري منهنجي لاءِ ڪباب ڪري، ٻرندڙ باهہ مان پچائي پيش ڪريو تہ گذريل ڏينهن جي ٿڪاوٽ دور ڪريان!

الغرض ديون سردار جو حڪم ٻڌي حملو شروع ڪيو. سيني ليڪي کان ٻاهر ڪافي شور ۽ ڌماچوڪڙي مچائي، مگر ڪري ڪجھ نہ سگهيا. ايستائين جو سج بہ غروب ٿيڻ وارو هو تہ هي سيئي ديو ڪي پن ڪي ميوي ۽ ڪي گل جي صورت اختيار رکي، وڻ جي پسنديده نزاڪت ۾ ٿي بيٺا. سڀ اهو لقاءُ ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا. ڪين مطلب ئي سمجھ ۾ ڪين آيو تہ اصل حقيقت ڇا آهي.

بهر صورت شهزادي جي اها رات خيال ۾ گذاري صبح جي تاري جو استقبال ئي مس ڪيو تہ ساڳئي ئي درخت مان ڪالهوڪي صورت اختيار ٿي، مگر سواءِ رڙين جي ٻيو ڪجھ بہ ڪري

ڪين سگهيا، چو تہ سپ شهزادي جي ڪڍيل ليڪي جي اندر آيتہ ڪريمہ ۽ اسم اعظم پڙهي پاڻ کي خطرن کان بچائيندا رهيا. خير سج غروب ٿيڻ وقت وري ديون شاهي درخت جي صورت اختيار ڪئي.

آخرڪار شهزادي اڄ رات بہ اها حالت ڏسي تنگ اچي، عاشق عليءَ کي چيو: اي محب وطن! روزاني جو جهيڙو نيڪ نہ آهي، جنهن کان منهنجي دل تنگ ٿي چڪي آهي ۽ خوف بہ ٿئيم ٿو تہ ڪنهن وقت خراب نتيجو نہ نڪري. ازانسواءِ مون کي ائين ٿو معلوم ٿئي تہ ائين نہ ٿئي جيئن لال موسيٰ سان نانگ ڪيو.

عاشق علي اهو ٻڌي شهزادي کي چيو: واقعي اهو انسان، انسان سڏائڻ جي لائق نہ آهي، جنهن کي پنهنجي عاقبت انديشيءَ جو فڪر نہ آهي.

شهزادو: منهنجو مثال بہ انهيءَ حقيقت سان واسطو رکي ٿو.

عاشق: اهو وري ڪيئن؟

اي مينا! شهزادو گل مثال کي هن ريت پيش ڪري ٿو:

هڪڙي ڏينهن لال موسيٰ رات جي وقت گهريءَ ننڊ ۾ سمهيو پيو هو تہ اتفاق سان هڪڙو نانگ سندس سيني مٿان لنگهي ويو. اهو ڏسي هو جلد ئي اٿي خوف ۽ خطري کان پنهنجيءَ ڪرت کي لڳي ويو. ڪجهہ ڏينهن انهيءَ ڳالهہ کي گذري ويا تہ وٽس هڪ دوست آيو جنهن هن جي غمزده ۽ پريشان صورت ڏسي ڪائنس پريشانيءَ جو سبب پڇيو: تنهن سرد آهہ ڪڍي درد مان دانهن ڪئي تہ يار دلنواز غمخوار!! منهنجي زندگي مصيبت ۾ گذري رهي آهي. اهو ٻڌي دوست پڇيس تہ اهڙو ڪهڙو واقعو پيش آيو آهي، جنهن لاءِ ڳڻتيءَ ۾ ڳري جان کي جلائي ڇڏيو اٿوَ ۽ کلڻ کائڻ بہ ڇڏي ڏنو اٿو يلا اصل حقيقت ڇا آهي؟ ٻڌايائين ڇو نہ ٿو!

دوست جي اهڙي تاڪيد تي هن وراڻيو: دوست دلدار ڪهڙي ٿو ڳالهہ پڇين! هڪڙي وهم ۾ ڦاسي پيو آهيان!! جي هرو پرو پڇڻ گهرين ٿو تہ ٻڌ! هڪڙي رات آئون گهريءَ ننڊ ۾ ستو پيو هوس تہ اچانڪ هڪ وڏو نانگ سيني وٽان لنگهي ويو جنهن جي خوف کان اهو حال ٿيو آهي. اها ڳالهہ ٻڌي سندس دوست چيو واهہ! هن ڳالهہ جي ڪري ايترو فڪر ٿو ڪرين؟ چيائين، بيو فڪر ڪونهي، مگر خيال اٿم تہ شايد سيني مٿان رستو نہ ناهي ڇڏي. خير خواهہ دوست اهو ٻڌي ڪيس هر طرح دلجاءِ ڏيئي سمجهائي سندس وهم کي دور ڪري، ڪيس ڪم ۾ مشغول ڪيو.

عاشق عليءَ شهزادي کان مثال ٻڌي چيو: شهزادا جيڪو شخص دوُر انديش نہ آهي، اهو هميشه مصيبت ۾ آهي.

شهزادي گل عاشق کي چيو تہ هاڻي ڪهڙي تدبير ڪرڻ گهرجي، جو هن طلسم مان ڇوٽڪارو حاصل ڪريون. ان ڪانسواءِ اسان کي بہ هن ميدان ۾ گهڻو وقت ويهي زندگيءَ ۾ خلل نہ وجهڻ گهرجي.

جهان آرا اهو ٻڌي چيو: شهزادا! هن وقت اسم اعظم پڙهي مٽن دم ڪرين تہ سڙي خاڪ

ٿين. شهزادي انهيءَ وقت وڏن مٿان اسم اعظم پڙهڻ شروع ڪيو تہ انهيءَ دم سارو طلسم ۽ فريبستان درهم برهم ٿي ويو. اهو ڏسي ڏٽي پاڪ جا شڪرانا بجا آڻي، ياد الاهيءَ ۾ مستان ٿيندا، منزل مقصود ڏانهن روانا ٿيا. رات ڏينهن منزلون ڪندا، لڪ گهمندا طلسمي شين ۽ نافرمان ديون کي اسم اعظم جي برڪت سان فنا ڪندا، پئي ويا. آخرڪار هڪڙي آباديءَ ۾ آيا، جتان جي مرد ۽ عورتن جا عجيب چهرا هئا جو سندن پيشانيءَ مٿان هڪ ڱڱئون جي پڇ وانگر نشان، سندن اگهاڙي پيٽ جي پنيءَ تائين نڪتل هو ۽ وري دن وٽ ٻن نڙين جو نشان ضربيان وانگر هو جنهن جي مٿان وري انساني کوپڙيءَ جو خوفائتو نشان ٺاهيل هو. ازانسواءِ عورتن ۽ مردن کي اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ ڪجيءَ جي ڦرهن جا چوتا چڙهيل هئا. مطلب تہ انهن جي اهڙي تہ خوفائتي حالت هئي، جنهن جي ڪا حد نہ آهي. شهزادي انهن کي مخاطب ٿي چيو: اي بددماغو! مان طلسم شڪن آهيان. اگر اوهان کي منهنجي تابعداري قبول آهي تہ مون کي خوشي حاصل ٿيندي، پر جي انحرافي ڪندؤ تہ اوهان کي ٻين نافرمانن ديون وانگر جهنم پارسل ڪندس.

ديو اهو ٻڌي ڪاوڙ جي سامهون ميدان عمل ۾ عورتن سميت اچي انتقامي جوش ڏيکارڻ لڳا. شهزادي منديءَ ۾ اسم اعظم جي زور تي کين تلوار سان ائين تہ قتل ڪيو گويا سارين ۾ لاب.

سيني ديون کي ناس ڪري طلسم برباد ڪندا، جهنگ جهر، خيابان بيابان جبل ۾ ڏکيا لڪ لنگهي، هڪڙي ڳوٺ ۾ داخل ٿيا. اتان جي ماڻهن جي عجيب حالت ڏسي عاشق کي چيائين: دوست خبر ناهي هي زنجيرن سان جڪڙيل ۽ زبان بنديءَ ۾ ٻوتا ٻٽيا چو بيٺا آهن. عاشق اهو ٻڌي چيو: جهان پناهہ! اسين پاڻ حيران آهيون تہ انهن جي اهڙي مظلومي حالت ڪنهن ڪئي آهي، سو راز معلوم ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي چا ڏسن تہ سندن نگاهون آسمان ۾ کتل آهن ۽ اکين مان آب ٽمي زمين کي سيراب ڪري رهيو آهي.

شهزادي انهن جي اهڙيءَ حالت تي قياس آڻي، ڪانئن اشارتن پڇيائين، جن بار بار آسمان ڏانهن پئي نهاريو.

اي مينا! شهزادي سمجهيو تہ هنن مٿان هيءَ مصيبت ڪنهن درويش جي بددعا کان آيل ٿي ڏسجي ۽ هاڻي هي گهرن ٿا تہ ڪنهن نيڪ بخت جي دعا سان ڇوٽڪارو لهون ۽ پنهنجيءَ اصلوڪيءَ حالت ۾ اچون، تڏهن اشاري سان وري ڪانئن پڇيائين: جنهن اوهان کي بددعا ڪئي آهي، سو ڪٿي آهي؟ تنهن تي، انهن اکين جي اشارن سان سامهون بيابان طرف ڏسيو. آخرڪار شهزادي گل، عاشق ۽ ٻين دوستن کي دلجاءِ ڏيئي، مظلومن جي ڇوٽڪاري لاءِ بيابان ڏانهن راهي ٿيو. منزلن ڪندي هڪ سفيد پوش بزرگ کي ڏٺائين، جو خدا تعاليٰ جي وحدانيت ۽ ايڪانت تي ذڪر الاهيءَ ۾ مشغول هو. ويجهو وڃي سلامن سان سجاڳ ڪري، باادب ٿي قدمن تي ڪري، مظلومن جو عرض پيش ڪيائين. بزرگ ڏسي چيس: شهزادا گل هن خطرناڪ طلسم ۾ ڪيئن اچي پهتو آهين؟ جنهن تي شهزادي اول کان وٺي مظلومن تائين پهچڻ جو سمورو سوز سان پريل داستان سندس خدمت

۾ پيش ڪيو. سفيد پوش بزرگ سندس داستان ٻڌي کين دعائون ڪري چيو: شهزادا صد آفرين آهي تنهنجي حسن اخلاقيءَ ۽ همٿ مردانگيءَ تي جو طلسم جو ڪامياب هيرو ثابت ٿيو آهين!

اگر اوهان نه اچو ها ته انهن نافرمانن جي حالت تان قيامت هلندي اچي ها، ڇو ته هي شرير ۽ ٺوڪ باز ۽ فسادي آهن. انهن جو ڪم صرف خدا رسيدن ۽ نيڪ بزرگن کي تنگ ڪرڻ جو آهي. تازو انهيءَ شهر وٽان هڪڙو خدا رسيد بزرگ لنگهي رهيو هو ته کيس ڏسي ڏاڍو تنگ ڪيائون، جنهن ڪري هن سندن حق ۾ بددعا گهري، جنهن ڪري زمين ۾ جڪڙجي بت جي صورت ۾ ٿي بيٺا. جيئن ته تون انهن جي حق ۾ به دعا لاءِ آيو آهين ته مان به ڌڻي پاڪ جي درگاهه ايزديءَ ۾ سندن لاءِ دعا گهران ٿو. ائين چئي ٻئي هٿ ڌڻي پاڪ جي درگاهه ۾ رحمت لاءِ پيش ڪري خزانه الاهيءَ مان خيريت جو ڦل حاصل ڪيائون.

درويش دعاءِ خير گهري شهزادي کي چيو: اوهان ڪوبه خيال نه ڪريو. هو ساڳئي حالت ۾ اچي ويا هوندا. شهزادي گل بزرگ جي قدمن تي ڪري عرض ڪيو: قبله محترم منهنجي حق ۾ به دعا گهرو ته خدا پاڪ مقصد ۾ ڪاميابي عطا فرمائي.

اي مينا! شهزادو بزرگ کان دعا گهرائي شهر ۾ اچي سيني کي سهي حالت ۾ انساني روپ ۾ ڏسي، ڌڻي پاڪ جا شڪرانا آندا. هوڏانهن اهي سڀ پنهنجو ڇوٽڪارو ڏسي توبهه تائب ٿي، شهزادي جا قدم بوس ٿيا ۽ کين مهمان ڪري چڱي خاطرداري ڪيائون. ايستائين جو خود بادشاهه سلامت سندن خدمت ۾ خدمتگاريءَ جي نوڪري ڏيئي پنهنجو فرض ادا ڪيو.

هڪ مهيني کان پوءِ شهزادي جڏهن اڳتي وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪيو ته بادشاهه سندس خدمت ۾ تحفي طور هڪ بي بها قيمتي سونهري لعل پيش ڪندي چيو: دوست هن ۾ اها خاصيت آهي ته جو به شخص هن کي وات ۾ رکندو ته طلسمي تڪليفن ۽ باهه جي وڄ کان خدا جي فضل سان محفوظ رهندو. شهزادي لعل وٺي سندس شڪريو ادا ڪيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ موڪلائي دوستن سميت منزل ڏانهن روانو ٿيو. ننڍڙي قافلي جا رکوال پنڌ ڪندا رات ڏينهن عبادت ۾ مشغول رهندا، نافرمانن کي سزائون ڏيندا ۽ غريبن جي داد رسي ڪندا، شهر طفلس جي انهيءَ جاءِ تي پهتا، جتي طلسمي ڏيو دنيا کي روشن ڪري رهيو هو ۽ جنهن جي تپش کان ٻن ميلن تائين زمين باهه جو ڪورو نظر پئي آيو ۽ ان جا شعلا آسمان تائين نروار هئا. واقعي پکيءَ ۽ پسونءَ کي به پير پائڻ جو حڪم ڪونه هو باقي انسان کي ڪهڙي مجال هئي جو اتي وڃي سگهي ها.

باهه جي تپش شهزادي جي چپن کي خشڪ ڪري ڇڏيو. هن اڳتي گهڻو وڃڻ پئي چاهيو مگر تيز گرميءَ جي بيتابي بيوس ڪري کيس اڃان به پوئتي هٽايو. شهزادي لاچار ٿي پنهنجي دوستن سميت انهيءَ جاءِ کان ڪيترائي قدم پوئتي هٽي، فڪر ۽ انتظام ۾ ڏکيون راتيون گذارڻ لڳو ۽ بار بار عاشق کي پئي چيائين ته عاشق ڇا ڪريون ۽ ڪيئن اڳتي وڌي طلسمي خنجر حاصل ڪريون؟

خوش ڪلاميءَ سان پيش ايندڙ ماهر پنهنجيءَ پيار پري اخلاقي تدبير سان، شهزادي گل کي عاشق سان صلاح مصلحت ۾ ڇڏي، پنهنجو خيال شاهه مراڪش ڏانهن رجوع ڪري، داستان پيش ڪري ٿو.

جڏهن شهزادو گل اثنائي صيدا فنگي کان واپس نہ آيو تڏهن شاهہ مراڪش غمگين سپاهين کي ڏسي چيو: اوهين ايترا پريشان نظر ڇو اچي رهيا آهيو؟ شهزادو ڪيڏانهن ويو؟ خير تہ آهي؟ سپاهين ۽ اميرن اهو ٻڌي زارو زار روئي عرض ڪيو: حضور انور! شهزادو شڪار ڪندي مري ويو.

شاهہ مراڪش اهو ٻڌي چيو: ڇا شهزادو شڪار ڪندي مري ويو؟ ائين چئي بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو. ازانسواءِ محل سراءِ ۾ جڏهن خبر پهتي تہ شهزادو شڪار ڪندي مري ويو تہ سندس والده سڳوري بہ بدخبر کان بيوس ٿي زمين تي ڪري پيئي. مطلب تہ ساري ملڪ ۾ شهزادي جي غم فراق ۾ ننڍن وڏن ۽ عورتن ڪارا ڪپڙا ڪري، مٿي تي ڌوڙ وجهي ماتم شروع ڪيو. هيڏانهن شاهہ مراڪش آخرين پساهن ۾ اچي پيو. شاهي طبيبن ۽ ڊاڪٽرن پنهنجي بيوسي ظاهر ڪري، ملڪ ۾ سندس عمر درازيءَ لاءِ پيغام موڪليا. انصاف پرست رعيت بادشاهہ کي آخرين پساهن ۾ ڏسي ڌڻيءَ در عاجزانہ وينتي شروع ڪئي. قدرت الاهيءَ سان شاهہ مراڪش کي زال سميت سواءِ اکين جي باقي تندرستي حاصل ٿي.

الايمان والخيال: انهن کان پوءِ بادشاهہ ڌڻيءَ جي در دعائون گهرندو رهندو هو ايستائين جو حڪومت جي ڪاروبارن کانْ بہ ڪناره ڪشي ڪري زال سميت هڪڙي ڪنڊ ۾ عاشق الاهيءَ جي جلوي ۾ مشغول رهيو!

قصو ڪوتاهہ شهزادو گل، چوپٽ کي روشن حوض جي ٻاهران بيهاري، ڀاڻ راز معلوم ڪرڻ لاءِ نيلوفر پريءَ جي اڳيان نذرانو ٿي خنجر حاصل ڪرڻ لاءِ غيبي رستو وٺي هيلو ويو مگر غريب وفادار چوپٽ سندس حڪم موجب ڪيترائي ڏينهن جيئن مجنون ليليٰ جي حڪم تي بک ۾ اڄ تي بيهي وڻ جي صورت اختيار ڪئي هئي، تيئن چوپٽ بہ حڪم کي اکين تي رکي، بک ۾ پاهہ تي وفاداريءَ لاءِ بيٺو هن کي سو خيال هو تہ متان شهزادو اچي ۽ مون کي غير حاضر ڏسي وفاداريءَ تي شڪ آڻي، سو ڪيس اها خبر ئي ڪانہ هئي تہ ڪو شهزادو عشق عميق ۾ موجون ماڻي رهيو آهي.

آخر مجبور ٿي شاهہ مراڪش کي اطلاع ڏيڻ لاءِ پنهنجي فرض کي هٿن تي رکي ميدان لتاڙيندو شهر ۾ داخل ٿيو. داخل ٿيڻ سان ڇا ڏسي تہ شهر جي سڀني ماڻهن کي ڪارا ڪپڙا ماتمي پيا آهن. هن اهو ڏسي عجب ۾ پئجي هڪ ماڻهوءَ کان انهيءَ جو سبب پڇيو جنهن ڪيس سموري ڳالهہ ڪري ٻڌائي. هن اها ڳالهہ ٻڌي دل ۾ چيو تہ هي سڀ انهن نمڪ حرام اميرن ۽ چاپلوسي سپاهين جو افواهہ اڏايل آهي، جنهن جي اثر هيترو سارو نتيجو ڏيکاريو آهي، سو تڪڙو تڪڙو شاهي محل ۾ اچي شاهہ مراڪش جي بارگاهہ عالي ۾ اطلاع لاءِ پيغام موڪليائين. پهريائين تہ شاهہ مراڪش سندس پيغام ٺڪرائي ڇڏيو. وري جڏهن چوپٽ چوائي موڪليو تہ آئون هڪ خوشخبري کڻي آيو آهيان، تڏهن شاهہ مراڪش اهو ٻڌي اچڻ لاءِ اجازت ڏنس. چوپٽ بارگاهہ ۾ آداب بجا آڻي، سموري حقيقت بيان ڪري، ڪيس دلجاءِ ڏني ۽ عرض ڪيائين تہ بادشاهہ سلامت! اوهان ان خالق اڪبر جي درگاهہ ايزديءَ ۾ دعا گهرو تہ شهزادو سهي سلامت اچي اوهان جا سور لاهي. شاهہ مراڪش اهو

عاشق بحيثيت سفير جڏهن بارگاهہ عاليٰ ۾ پهتو تڏهن وزيرن خط تي مهر ڏسي عاشق کـ
پڇيو تہ هي شهزادو گل ڪتان جو شهزادو آهي، جيستائين عاشق جواب ڏئي تيستائين شا
مراڪش کلي چيو: اڄ پنهنجي فرزند جي خوشبو منهنجي دل دماغ کي معطر بڻائي ڇڏيو آهي، مو
کي پڪ آهي تہ اهو شهزادو جگر جو ٽڪر ساهہ جو سان دل جو دروازو ۽ نابينا اکين جو نور اڄه
آيو ڪي آيو. وڏيڪ مون کي ڏک نہ ڏيو جلدي خط پڙهي ٻڌايو.

مطلب تہ جنهن وقت طوطي پنهنجو قصو پورو ڪيو تہ ان وقت بادشاهہ فيروز بلڪل صحتياب
ٿي چڪو هو. هن خوشيون ملهائڻ جو حڪم ڏنو ۽ سمورن اميرن ۽ وزيرن کي مالامال ڪري
ڇڏيائين. خير خيراتون جام ڪيائين جو غريب بہ آسودا ٿي پيا ۽ بادشاهہ کي دعائون ڪرڻ لڳا.

**(پورو ٿيو)**